

چولستان کارپوریٹ فارمنگ: کالاباغ ڈیم پلس رتا

# چولستان کارپوریٹ فارمنگ:
# کالاباغ ڈیم پلس رتا

نصير ميمڻ
محمد احسان لغاري

نصير ميمڻ
محمد احسان لغاري

SEVEN STAR

# چولستان کارپوریٹ فارمنگ
# کالاباغ ڈیم پلس رٹا

# چولستان ڪارپوريٽ فارمنگ
# ڪالاباغ ڊئم پلس رٿا

(آرٽيڪلز)

**نصير ميمڻ**

**محمد احسان لغاري**

SEVEN STAR
سيون اسٽار پرنٽرس ۽ پبلشرس
حيدرآباد، سنڌ 2025ع

Cholistan Corporate Farming
Kalabagh Dam Plus Project
by: Naseer Memon/M. Ehsan Leghari
Seven Star Printers & Publishers. 2025 - 120p.
Articles - Non Fiction
ISBN: 978-627-7730-19-2

© حق ۽ واسطا ليکڪ ۽ اداري وٽ محفوظ

ڪتاب نمبر: 019

**چولستان ڪارپوريٽ فارمنگ**
**ڪالاباغ ڊئم پلس رٿا**
(آرٽيڪلز)

ليکڪ:نصير ميمڻ/محمد احسان لغاري
ڇاپو پهريون: مارچ 2025ع
لي آئوٽ: آفتاب احمد هڱورجو
ٽائيٽل: نعيم ديسوالي

ڇپيندڙ:
**سيون اسٽار پرنٽرس اينڊ پبلشرس**
حيدرآباد، سنڌ

Seven Star Printers, Sadaf Manzil 1st Floor, Risala Rd. Hyderabad
+92 342 1096230
sevenstarprinters
sevenstarprinterz@gmail.com
ssprinters_hyd
ssprinters.hyd

# ارپنا

|||

**سنڌ واسين جي جياپي**

**سِنڌو درياهہ**

**جي نانءُ. شال سنڌو سدا وهندو رهي.**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | فضل الله قريشي | 09 |
| **باب پهريون: نوان واهه، پاڻي ۽ زمين** | | **26** |
| 1.1 | اسٽريٽجڪ واهن جو ٽِڪسات | 27 |
| 1.2 | پاڻي ۽ زمين جي مالڪيءَ جو ٻِٽو سوال | 32 |
| 1.3 | ڪارپوريٽ فارمنگ جو نئون جنم ۽ صدر پاڪستان جي سخاوت | 39 |
| **باب ٻيو: چولستان رٿا جو گهڻ رخي جائزو** | | **45** |
| 2.1 | چولستان کي سائو ڪرڻ جو تاريخي پس منظر | 46 |
| 2.2 | گريٽر چولستان رٿا: ڪالاباغ ڊئم جو نئون جنم | 52 |
| 2.3 | چولستان رٿا: جنوري 2024ع کان اڄ تائين جو جائزو | 60 |
| 2.4 | نئين رٿائن لاءِ پاڻي ڪٿان ايندو؟ | 64 |
| 2.5 | سراسري انگن اکرن جي سنڌ سان رچايل راند | 68 |
| **باب ٽيون: سنڌ ـــ پنجاب پاڻيءَ تڪرار جي مختصر تاريخ** | | **74** |
| **باب چوٿون: ڪوٽڙي کان هيٺ دريائي وهڪرن جي ضرورت** | | **82** |
| **باب پنجون: 1991ع پاڻيءَ جي ورڇ وارو معاهدو** | | **89** |
| 5.1 | معاهدي جو ترجمو | 90 |
| 5.2 | 1991ع جي پاڻي واري ٺاهه لاءِ قانوني ۽ ادارتي گهاڙيٽا | 93 |
| 5.3 | 1991جو پاڻيءَ جو معاهدو ۽ ٽِري ٽيئر فارمولا | 99 |
| **باب ڇهون: هتان کان اڳتي جو پنڌ** | | **105** |
| 6.1 | آئيني ۽ سياسي حل ڪهڙا آهن؟ | 106 |
| 6.2 | اڳتي ڇا ڪرڻو آهي | 112 |
| **ضميمو پهريون** | | 118 |
| **ضميمو ٻيو** | | 120 |
| **مددي مواد** | | 126 |


## نقشا


| | |
|---|---|
| سنڌو طاس جو سرشتو ۽ ان جون اهم اڏاوتون (بئراج، لنڪ ڪئنال ۽ ڊئم) | 09 |
| بئراجون، لنڪ ڪئنال ۽ ڊئم (1960_1990) | = |
| Indus System and Cholistan Map | 45 |
| Zero flow days at Kotri barrage_ 1990 to 2024 | 74 |
| Below Kotri flows Graph 1976_2023 | = |

## بئراجون، لنڪ ڪئنال ۽ ڊئم (1960_1990)




MAP 9. Major New dams, Barrages, and links ca. 1960-1990.

Map courtesy from Book "Blood and water- The Indus River Basin in Modern History"- Dadid Gilmartin-2015

## سنڌو طاس جو سرشتو ۽ ان جون اهم اڏاوتون
## (بئراج، لنڪ ڪئنال، ڊئم)

**Figure 1. The Indus River Basin and Its Major Infrastructure**




Source: Kings College London, Department of Geography, © 2017.

# مهاڳ

لک ٽورا نصير صاحب ۽ احسان صاحب جا جيڪي گڏجي ڪري "سنڌ ۽ پاڻيءَ جي مسئلن" تي هڪ پُرمغز جامع ڪيس پيش ڪري رهيا آهن. خاص ڪري تازو ٽيل پاڻي مامرن تي سندن ڪاوشون ساراهڻ جوڳيون آهن. خبر نہ آهي ڪيئن ۽ ڇو هنن اِهو فيصلو ڪيو تہ ڪتاب جو تعارف يا مُهاڳ آءٌ لکندس. ان کي "ذره نوازي" ئي چئي سگهجي ٿو.

اسين ڪيترن سالن کان پاڻي يا سنڌ جي مڙني معاملن تي پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪندا رهندا آهيون. هُن (نصير) وٽ گُوگل آهي تہ مون وٽ يادگيريون!

ڪتاب تي لکڻ کان پهرين آءٌ ڪجهہ پنهنجي ۽ پاڻي مامرن سان لاڳاپيل شخصيتن بابت تعارف ڪرائيندو هلندس. جيڪي وقت بوقت گذريل 70 سالن کان انهي شعبي ۽ سنڌ سان وابستہ رهيا آهن.

جيئن تہ آءٌ پاڻ پُراڻي سکر ۾ رهيس، جتي سکر بيگاري بند اسان جي گهرن کان ڪجهہ فرلانگ پري آهي. سن 55-1954 ۾ جڏهن سائيڪل مِلي ۽ آءٌ پنجين انگريزي ۾ هئس ۽ گهڻا دوست "عزيز آباد" جا قريشي هئا، اُهي بلڪل درياءَ سان گڏ رهندا هئا. ان ڪري آبڪلاڻي ۾ جڏهن پاڻي بند سان لڳندو هو يعني جُون کان آگسٽ ۽ اسڪول جون بہ موڪلون هونديون هيون تہ تقريباً هر ٻئي ـ ٽئين ڏينهن وڃي ڇُڙيئي پاڻي ۾ تَڙڳبو هو. اهڙي ريت ترڻ بہ سِکي ويس. درياءَ سان پيار جاري رهيو پر آگسٽ 1958ع ۾ بيگاري بند زيرو ميل وٽان ٽُٽو. پراڻو سکر سارو ۽ ڪجهہ نئون سکر پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. اسان جي گهرن ڀاهران بہ پاڻي هو. اهو وري درياءَ بادشاهہ جو ٻيو رُخ هو. هفتي ڪن ۾ پاڻي لٿو ۽ گهارو بند ٿيو.

60 جي ڏهاڪي ۾ ڪاليج واري زماني ۾ اسان جا دوست وڃي PWD (پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ) ۾ ملازم ٿيا. منهنجا ڪلاس شام جو ٿيندا هئا.



اسين صبح جو بئراج ڪالوني سندن آفيسن ۾ چڪر هَڻندا هئاسون. بئراج ڪالوني ان زماني ۾ سکر جي "ڊِفينس" هوندي هئي. صاف روڊ ـ رستا، ڪُشادا بنگلا، چوڙس ساوڪ، پنهنجو پاڻي ۽ بجلي، ڪلب جيمخانو. مطلب تہ اسان اهو ڏِسي اهو ئي سوچيو سون تہ "انجنيئر" ٿِبو. خواب ساڀيان نہ ٿيا ۽ 1965ع ۾ منهنجا پِري انجنيئرنگ جا ڪلاس فيلوز انجنيئر (سپروائيزر يا SDO) ٿيا ۽ آءٌ اڪانامسٽ.

نوڪريءَ لاءِ سرٽيفڪيٽ اٽيسٽ ڪرائڻ جو مسئلو هو تہ پي ڊبليو ڊي وارن دوستن هڪ S.E (سُپرانٽينڊنگ انجنيئر) مظهر علي کان ڪرائي ڏنا. ان زماني ۾ اي اين جي عباسي صاحب بہ S.E هو. جماڻي صاحب، عبدالغفور شيخ صاحب ۽ اُميد علي صاحب چيف انجنيئر هئا NED يونيورسٽي جلد کُلڻ سبب سنڌ ۽ پاڪستان ۾ ورهاڱي کان اڳ بہ سنڌي انجنيئرن جي سرسي هئي.

سن 1966ع ۾ مون جڏهن ون يونٽ ويسٽ پاڪستان ـ لاهور ۾ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ کاتي ۾ پرتي ٿيس تہ "چيف ـ واٽر" جي بورڊ تي نظر پئي، ان تي مظهر علي لکيل هو. تعجب ٿيو ۽ سکر بہ ياد آيو. سو اجازت وٺي وٺي سلام ڪيوسين ۽ تعارف ڪرائيندي ٻڌايوسين تہ آءٌ سکر کان آيو آهيان ۽ اوهان مُنهنجا سرٽيفڪيٽ تصديق ڪيا هئا. ڪافي حيران ٿيو ۽ چانهہ پيئاري چيائين تہ تون هاڻي اسان جي برادريءَ جو حصو آهين، ملندو رهندو ڪر. مظهر صاحب پنجاب طرفان پاڻيءَ جي 1991ع واري ٺاهہ تي صحيح ڪندڙن مان هڪ هو. سن 1970ع ۾ جڏهن شير محمد بلوچ سيڪريٽري ايريگيشن ويسٽ پاڪستان ٿيو تہ هُن PWD کان مظهر صاحب جي واپسيءَ لاءِ لکيو پر انڪار ٿيس. اڳتي هلي سن 2006ع تائين منهنجو هُن سان واسطو رهيو ۽ هو تقريباً 30 سال پنجاب جي "پاڻي ڪيس" بابت صلاحڪار رهيو. بعد ۾ 20 سال هڪ صديقي صاحب رهيو. بدنصيبيءَ سان اسان پنهنجي پاڻي ڪيس لاءِ ڪو مستقل ماڻهو يا ادارو پيدا ڪري نہ سگهياسون، حالانڪ اسان کي وڏيڪ ضرورت آهي.

1966ع ۾ جڏهن آءٌ لاهور نوڪريءَ لاءِ پهتس ته IBT (انڊس بيسن ٽريٽي) جي نتيجي ۾ ٿيندڙ ڪم هلندڙ هئا. منگلا ڊئم مڪمل ٿيڻ تي هو ۽ تربيلا تي به ڪم شروع ٿي چُڪو هو.

ياد رهي ته تربيلا ان معاهدي ۾ دير سان شامل ڪيو ويو هو. پهرين پنجاب جي ڪوشش "ڪالاباغ ڊئم" لاءِ هئي ۽ هو اُن تي 1954ع کان ڪم ڪري رهيا هئا. ايوب تربيلا لاءِ فيصلو ڪري چُڪو هو جيڪو سندس علائقي ۾ هو. هُن جو چوڻ هو ته جيئن ته تربيلا ڏکيو وڏو ۽ مهانگو منصوبو آهي، ان ڪري اهو IBT ۾ ڪبو. بعد ۾ جيئن ته ڪالاباغ آسان ۽ سستو آهي، ان ڪري اهو اسين پاڻ ڪنداسين. تڏهوڪي چيف انجنيئرنگ ائڊوائزر عبدالرشيد قاضي به تربيلا جي حمايت ڪئي ۽ اهو به واضح ڪيائين ته ان سان سنڌ کي به واڌو پاڻي خصوصاً ربيع ۾ ملي سگهندو. اهڙا احوال قاضي صاحب مون سان خُود ڪيا هئا، جيئن ته سندن فرزند وحيد قاضي (سابق فيڊرل سيڪريٽري) ۽ حميد قاضي مُنهنجا دوست هُئا ۽ هفتي ۾ ساڻن ملڻ لاءِ GOR ڪالوني ويندو رهندو هئس. قاضي صاحب سٺ واري ڏهاڪي ۾ واپڊا ۾ به چيف انجنيئر رهي چُڪو هو پر ڪيس سنڌي هئڻ سبب IBT يا بعد ۾ ٺهيل اداري IBAB (انڊس بيسن ايڊوائزري بورڊ) ۾ شامل نه ڪيو ويو. ان وقت واپڊا چيف انجنيئرن ۾ عبدالغفور شيخ به شامل هو (سليم گل، اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري جو والد) محمد صالح قريشي (اڳوڻو وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي) ۽ الاهي بخش سومرو صاحب به تمام ٿوري وقت لاءِ IBT سان وابسته رهيا، پر ڪنهن به سنڌيءَ کي ڪا به اهم ذميواري نه ڏني وئي ۽ سڄو ڪم پنجاب وارا سنڀاليون وينا هئا. ون يونٽ هئڻ ڪري سنڌي سياستدان ۽ سول سوسائٽي به بي خبر رهي.

ياد رهي ته آزاديءَ جي سال اندر اپريل 1948ع ۾ جڏهن هندوستان پنجاب جي دريائن راوي - ستلج جو پاڻي روڪيو ته پاڪستان مان غلام محمد، شوڪت حيات خان ۽ ممتاز دولتانا دهلي ڳالهين لاءِ پهتا، اُتي سردار سورن سنگهه (پنجاب) ڪابينا (مرڪزي وزير) ۽ جواهر لال نهرو هندستاني ٽيم جي قيادت ڪئي. اسان وٽان لياقت يا جناح ڪو نه شريڪ ٿيا. نتيجو اهو ٿيو جو 4 مئي 1948ع تي اسان درياءَ هندوستان کي ڏئي، پاڻيءَ جا پئسا ڏيڻا ڪياسين ۽ پئسن جو فيصلو به نهرو ڪندو. ان کي Inter Dominion Agreement يا دهلي معاهدو (Delhi Accord) به چيو وڃي ٿو.

ان مان پنجاب ۽ پاڪستان جي "حاڪمن جي نالائقي ۽ نااهليءَ" جو اندازو ٿئي ٿو. بعد ۾ اهو معاهدو IBT جو بنياد بڻيو. ان معاهدي ۾ پاڪستان جا سڀ نمائنده پنجابي هئا. ان کان اڳ ۾ سنڌ پنجاب پاڻي تڪرار 150 سال اڳ شروع ٿيو جڏهن پنجاب ۾ انگريزن وڏي پئماني تي پاڻيءَ جا منصوبا آندا، پهريون احتجاج خيرپور رياست ڪيو جيڪو الڳ علائقو هو ۽ سنڌ ڇاڪاڻ ته بمبئي سان ڳنڍيل هئي ۽ صرف ڪمشنوريٽ هئي، ان ڪري هر لکپڙهه بمبئي معرفت ٿيندي هئي.

پنجاب بعد ۾ سِنڌو تي نظر رکي ۽ 1883ع ۾ "ٿل ڪئنال" جي گُهر ڪيائون، جيڪا دهلي سرڪار رد ڪئي. بعد ۾ سکر بئراج تي به اعتراض ڪيا ويا، پر بئراج سنڌ 1932ع ۾ ٺهي ويو. ان بعد وري پنجاب "ٿل" گهريو، پر انگريز سرڪار مختلف ڪميشن مقرر ڪيا. آخرڪار "رائو ڪميشن" هيٺ 1945ع ۾ "سنڌ پنجاب معاهدو" ٿيو. اهو چيف انجنيئرن صحيح ڪيو ۽ اهو به طئي ڪيو ويو ته پهرين سنڌ ۾ به بئراج ٺهندا، جن لاءِ پنجاب به پئسا ڏيندو ۽ ان جو بعد ڪاٿو لڳائي فيصلو ڪيو ويندو. پنجاب 1947ع تائين نه پئسا ڏنا، نه سرڪاري سطح تي معاهدي تي صحيح ڪيائون ۽ بعد ۾ چيائون ته جيئن ته معاهدو گڏيل پنجاب ۽ سنڌ وچ ۾ ٿيو هو ان ڪري اسين ٻڌل ناهيون!

جيئن آءٌ ٻڌائي آيو آهيان ته دهلي معاهدي ۽ بعد ۾ IBT ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي نه ليکيو ويو هاڻي موجوده رٿيل زيادتيون به ان سلسلي جي ڪڙي آهن. جنهن کي واضح ڪرڻ لاءِ محترم نصير ۽ احسان جي ڪاوشن سان هي ڪتاب آندو ويو آهي. جيئن آءٌ ڪجهه سنڌ طاس ۽ درياءِ سنڌ تي

پنجاب ۽ سنڌ جي اختلافن بابت لکي آيو آهيان ته هڪ باب ۾ به ان سلسلي جي ڪڙي ۽ تاريخي طور پيدا ٿيل اختلافن کي واضح ڪيو ويو آهي.

ڇهن ڪئنالن جي وضاحت ۾ چيو ويو آهي ته اختلافي صرف ٻه آهن. باقي منصوبا مشرف جي دور جا آهن ۽ اسان جو انهن سان گهڻو اختلاف نه آهي, ها! جڏهن اُهي باقاعده پاڻي کڻندا ته ٿي سگهي ٿو ته ارسا کي ان تي نظر رکڻي پوندي. ڇاڪاڻ جو اڪارڊ کانپوءِ اڄ تائين سنڌ ۽ پنجاب, خصوصاً ڪي - پي ۽ ڪجهه بلوچستان جو بچيل پاڻي بوقت ضرورتِ استعمال ڪندا رهن ٿا. ان بابت "ڪي - پي" مالي معاوضو به گُهريو آهي, پر ان جو گهڻو مقدار پنجاب جي حصي ۾ اچي ٿو, ڇو جو هو مٿي ويٺل آهي.

ڪڇي ڪئنال بلوچستان ۽ سنڌ لاءِ ڪافي مسئلا پيدا ڪندو. خصوصاً زياده برساتن ۾ اهڙو مسئلو هِن وقت مرڪزي سرڪار وٽ زيرِ غور آهي ۽ سنڌ ڪافي وزندار اعتراض داخل ڪيا آهن. جڏهن به وڏا جابلو وهڪرا اُتر - اولهه کان ايندا ته ڪڇي دپ نه جهلي سگهندو ۽ ٽُٽندو ۽ ان جو پاڻي سنڌ ۾ ايندو, جنهن کي نيڪال ڪرڻ جي سنڌ ۾ سڪت (Capacity) نه آهي, ان جو متبادل رستو ڳولڻو ۽ ناهڻو پوندو, نه ته اِهو اسان لاءِ سدائين جوکم رهندو.

CRBC ۾ هاڻي لفٽ ايگريشن (يعني پمپن جي ذريعي پاڻي مٿي کڻڻ) تي رهي آهي ۽ اڳتي به ان کي وڌائڻ جو پروگرام آهي. اهو ڪئنال پنجاب مان ٿيندو ڪي - پي ۾ وڃي ٿو ۽ ان ۾ پنجاب ۽ ڪي پي جا ڪجهه مسئلا آهن. اڪارڊ ۾ ان لاءِ پاڻي اڳ ۾ ڏنل آهي.

ريڻي ۽ ٿر ڪئنال ۾ اسان جي خاص دلچسپي نه آهي. ٺهيا ته ٺيڪ, نه ته اسان جي حساب سان گڊوءَ مان صرف خاص حالتن (ٻوڏ) وقت انهن کي پاڻي ڏئي سگهبو, جيڪو ڪنهن به فصل لاءِ ڪافي نه هوندو. البته چراگاهه ۽ زميني پاڻي واڌ ۾ اُهي واهه ڪارائتا ٿيندا. هاڻي اصل مسئلي وارا ٻه سسٽم آهن. هڪ "گريٽر ٿل" ٻيو "گريٽر چولستان". ڪالاباغ ۾



ناڪاميءَ بعد مشرف گريٽر ٿل جي منظوري ڏني ۽ ان بهاني ته "جيئن اڪارڊ ۾ ان لاءِ خريف ۾ 6000 ڪيوسڪ آهي ۽ مُنڍ اڳ ۾ ٿي لنڪ ڪينال (CJ) ۾ ٺهيل آهي."

سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌي سوسائٽي ان تي به اعتراض ڪيو پر ڪم شروع ڪري پهريون پاڱو مڪمل ڪيو ويو. هاڻي ڪافي سالن کان ڪوششون آهن ته ان سلسلي کي اڃا به وڌائي 9 هزار ڪيوسڪ تائين کڻي وڃجي. ان سلسلي ۾ گذريل ٻن سالن کان سنڌ CCI ۾ وَيَل آهي ۽ تازو صدارتي حڪم (يا هدايت) به ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

هاڻي اچون ٿا اصل مسئلي يعني "چولستان" جي آبادگاري تي. ڪتاب ۾ ڪافي تفصيل آهن, پر آءٌ سرسري طور اِهو ٻڌايان ته ٿل ۽ چولستان, ڪالاباغ ڊئم جو متبادل آهن. ڪالاباغ ۾ به ذخيري ۾ علاوه پنجاب لاءِ ڪاٻي ڪپ تي 12000 ڪيوسڪ جو هڪ "واهه" رکيل هو. اهو ان لاءِ هو ته جلد نيون زمينون آباد ڪري دستوري ونڊ ورهاست ڪئي وڃي جو اهو سلسلو "سرڪاري وفادارن لاءِ" واڌو معاوضي طور انگريزي دور کان يعني تقريباً 150 سالن کان خصوصاً پنجاب ۾ هلندو ٿو اچي. هاڻي زمينون کُٽي ويون پر "وفادار" ڪونه کُٽا, سو "ٻُڪ جا چڪ" شروع ٿيا آهن. اهي ٻئي منصوبا اسان لاءِ ڪالاباغ ڊئم کان وڌيڪ خطرناڪ آهن. هڪ ته اُهي اُنهيءَ کان وڌيڪ پاڻي کڻندا, ٻيو ته ڪالاباغ مان سنڌ کي ڪجهه واڌو پاڻي (تقريباً 2 MAF ساليانو) ذخيري مان ملڻو هو, هاڻي هِي مورڳو سنڌ جو پاڻي کڻندا.

اقتصادي طور اها ٿي سيڙپ (جيڪا انهن پراجيڪٽن تي ڪئي پئي وڃي) "هزارين ارب روپيه" جيڪڏهن پاڻي جي سسٽم کي سڌارڻ (Water Management) ۽ زراعت جي ريسرچ/تحقيق ۽ ترقيءَ لاءِ خرچ ڪئي وڃي ته ملڪي ۽ معاشي آمدني گهٽي وڌندي, زميندار وڌيڪ آسودو ٿيو پر افسوس جو ان سلسلي ۾ "مربع" ڪونه ملندا!

اهڙو ذڪر اڳتي هلي هڪ پوري باب ۾ ٿيل آهي.

گريٽر چولستان لاءِ تجويز ڪيل چناب تي ٺي "ڊئم" ممڪن نہ آهن، جو ايترو پاڻي چناب ۾ فالتو آهي ئي ڪونہ ۽ اڳتي هلي وڏي رفتار سان مٿي هندوستان روڪ ڪري رهيو آهي ۽ موسمي تبديلين سبب پڻ اهڙو فالتو پاڻي نہ ايندو.

ٻي نظر انهن جي ڀاشا ڊئم ۽ درياءِ سنڌ تي آهي.

ڀاشا جيڪو 2020ع ۾ پورو ٿيڻو هو، هاڻي 2028ع ۾ ٿيڻو آهي (يانصيب) پر ڀاشا مان واڌو پاڻي جنهن جي ڏَڍَ يا بنياد تي گريٽر چولستان جو منصوبو تجويز ڪيو آهي، اهو هيٺ نہ ايندو، پر تربيلا جي کوٽ کي پورو ڪري واڌو بجلي ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندو. ڇاڪاڻ جو تاريخي طور اڄ تائين تربيلا جي صلاحيت (Capacity) 9 ايم.اي.ايف کان 5 تي بيٺي آهي ۽ 2028ع تائين اڃا بہ گهٽبي. اهو بہ ياد رهي تہ ڀاشا مان پاور (6500 MW) جو منصوبو ختم ڪرڻ جي بہ ڳالهہ هلي رهي آهي، ڇاڪاڻ جو موجوده صورتحال ۾ مالي طور ۽ قيمت ۾ اهو مهانگو ٿيندو. ان ڪري تربيلا ۾ واڌو پاڻي ڇڏي، واڌو بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي.

اهو بہ ياد رهي تہ تربيلا جو پاڻي 1991ع واري اڪارڊ ۾ ورهايل آهي ۽ جيئن تہ اهو ڪُٽي ويو آهي، ان ڪري "شروع خريف" (اپريل - جُون) ۽ ربيع ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سالن کان "سنڌ ۾ محسوس ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ جو پنجاب ٽيوب ويل هڻي پنهنجو ڪم ٽپايو وڃي ۽ اَڪارڊ کانپوءِ پنجاب ۾ ست لک ٽيوب ويل لڳا آهن (جملي ڏهہ لک ۽ سنڌ ۾ جملي اڍائي لک).

هاڻي منهنجي حساب سان ڀاشا جو پاڻي تربيلا جي کوٽ پوري ڪندو ۽ ان جي آسري نيون زمينون آباد ڪرڻ "ديواني جو خواب" يا "ڏاڏي جي لٺ" ٿي سگهي ٿي. عملي، دستوري اخلاقي ۽ پائيبندي ۾ اهڙيون ڪوششون ملڪي سالميت جي حق ۾ نہ آهن ۽ سنڌ کي "تاريڪ مستقبل" ڏي گهلڻ جهڙيون حرڪتون آهن.



مٿي ڪيل ڳالهين کي سمجهائڻ ۽ ثابت ڪرڻ لاءِ آءٌ ڪجهہ سنڌ ۽ پنجاب بابت انگ اکر پيش ڪندس:

***Cultivated land (Million Hectares)***

| Year | Punjab | Sindh | Ratio P:S |
|---|---|---|---|
| 1948 | 8.9 | 4.5 | 1.9 :1 |
| Post-IBT-1960 | 10.0 | 4.8 | 2.1 :1 |
| Pre-tarbela 1970 | 11.0 | 5.6 | 2 :1 |
| Post- - 1981 | 11.5 | 5.5 | 2.1 :1 |
| Pre-Accord 1991 | 11.8 | 5.5 | 2.2 :1 |
| Post- -2000 | 12.4 | 5.7 | 2.2 :1 |
| Latest 2022-23 | 12.5 | 5.1 | 2.5 :1 |
| Overall of ± (1948-2023) | 40% | 13% | |

***Cropped Area (Million Hectares)***

| Year | Punjab | Sindh | Ratio P:S |
|---|---|---|---|
| 1948 | 7.9 | 2.5 | 3.2 :1 |
| 1960 | 9.7 | 3.5 | 2.8 :1 |
| 1970 | 11.3 | 3.6 | 3.1 :1 |
| 1981 | 13.1 | 4.0 | 3.3 :1 |
| 1990 | 13.7 | 3.4 | 4.0 :1 |
| 2020 | 16.0 | 3.9 | 4.1 :1 |
| 2023 | 17.5 | 3.7 | 4.7 :1 |
| Overall of ± (1948-2023) | ± 121% | + 48% | |

*Source: Agriculture Statistics, Volumes, "MINFA", GoP*

مٿئين جدول ۾ اوهان نوٽ ڪندا تہ هر نئين پاڻي معاهدي بعد بہ پنجاب ۾ زرعي ايراضي ۽ فصلي ايراضي ۾ سنڌ کان وڏيڪ اضافو ٿيو آهي. "پنجاب ۾ زرعي آبادي جوڳي" زمين 1948ع کان 2023ع دوران 40 سيڪڙو وڌي آهي، جڏهن تہ سنڌ جي صرف 13 سيڪڙو.

جيڪڏهن "پوکيءَ هيٺ ايراضي جو جائزو وٺندا تہ پنجاب ۾ اها 121 سيڪڙو وڌي آهي ۽ سنڌ ۾ صرف 48 سيڪڙو. سنڌ جي واڌ جي شرح پنجاب کان ٽئين ڀاڱي جيتري آهي. انهيءَ جو وڏو سبب رڳو پاڻيءَ جي

ڪوٽ ۾ نامناسب ورهاست آهي. جيڪڏهن ضلع وار حساب ڪجي ته پچڙيءَ وارن ضلعن جهڙوڪ: قمبر-شهدادڪوٽ، دادو سجاول، ٺٽي ۽ بدين وغيره ۾ به پوکيءَ لائق ۽ پوکيءَ هيٺ ايراضين ۾ اوهان کي لاٽ نظر ايندي ۽ ان ۾ صرف پنجاب جو ڏوهه نه آهي، پر اسان جي سنڌ ۾ اندروني آبپاشي نظام بدترين ورهاست جو شڪار آهي. ڪوٽ واڌ ڪنهن به منصفاڻي نموني نٿي ورهائي وڃي، ان ڪري ڪي علائقا دائمي طور ڪوٽ جو شڪار رهن ٿا ۽ هاڻي اهڙي نظام جي ڪري لڏپلاڻ به ٿي رهي آهي. ٻئي طرف ڪجهه علائقن ۾ سرڪاري خرچ تي "ڪئنال لائننگ" ڪرائي ذاتي فائدا حاصل ٿا ڪيا وڃن، اهڙن علائقن ۾ پاڻي زيان به ٿي رهيو آهي. گذارش آهي ته اسين نمائنده آبادگار جماعتن سان ملي پاڻي جي ونڊ ورهاست جو منصفاڻو نظام رائج ڪرايون، نه ته طبقاتي ڇڪتاڻ وڌندي ۽ ڪي علائقا عملي طور دائمي غربت جو شڪار ٿي ويندا. جيڪو لاڙ ۾ اسان ڏسي رهيا آهيون.

*Pakistan: Water at Canal Head, Farm Gate & Tubewells(in MAF)*

*واهه جي منڍ ۽ ٻنيءَ تي پهچندڙ پاڻي*

| | At Farm Gate<br>ٻنيءَ تي | | | At Canal Head<br>واهه جي منڍ تي | |
|---|---|---|---|---|---|
| Year | Surface<br>واهه | T.well<br>ٽيوب ويل | Total<br>ڪُل | Quantity<br>مقدار | Percentage Farm Gate (Surface Water)% |
| 1961 | 56.4 | 2.3 | 58.7 | - | - |
| 1965 | 62.9 | 9.3 | 72.2 | - | - |
| 1970 | 69.9 | 19.2 | 89.1 | - | - |
| 1981 | 65.2 | 32.5 | 97.8 | 104.8 | 62.2 |
| 1986 | 60.8 | 39.2 | 100.0 | 96.3 | 63.1 |
| 1990 | 74.1 | 43.0 | 117.1 | 105.0 | 70.5 |
| 1993 | 78.6 | 46.5 | 125.1 | 100.9 | 77.9 |
| 1997 | 81.7 | 50.4 | 132.1 | 111.1 | 73.5 |
| 2000 | 83.4 | 50.2 | 133.6 | 106.7 | 78.2 |
| 2002-3 | 84.5 | 50.0 | 134.5 | 96.4 | 87.7 |
| 2014-15 | 90.6 | 48.0 | 138.6 | 107.0 | 84.7 |
| 2022-23 | 63.3 | 50.8 | 114.1 | 75.7 | 83.6 |



مَٿئين جدول ۾ هڪ ڳالهه واضح آهي ته پاڻي معاهدي (1991) کانپوءِ زمين تي (Farm Gate) پاڻيءَ جي فراهمي ۾ بهتري ائي آهي. تنهن هوندي به سراسري طور 20 کان 25 سيڪڙو صرف ڪئنال کان زمين جي پهچ ۾ ضايع ٿئي ٿو، اهو ٽن کان چئن "ڪالاباغ ڊئم" جي برابر آهي. ان کانسواءِ سنڌ ۾ خصوصاً ۽ پنجاب ۾ عام طور واٽر ڪورس ۽ زمين ۾ فصل تائين (on Farm) پڻ پاڻيءَ جو زيان ٿئي ٿو ان ڪري جو هڪ ته اسان جي زمين سنوت واري نه آهي، ٻيو ته انتظامي طور پاڻي زيان ڪرڻ يا ضرورت ۽ حق کان وڌيڪ پاڻي کڻڻ تي ڪا چوکي يا سزا ڪونهي.

*Comparative Water & Area related Data (Sindh vs Punjab)*

| | Area Irrigated by Sources | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Year/ Province<br>زمين (صوبو) | Canals and +75% of Canal Tube Wells<br>واهه ۽ 75 سيڪڙو ٽيوب ويل | T.wells | Others +25% Canal T.Wells | Total<br>ڪُل | No of Tubwells (2) (000)<br>ٽيوب ويلن جو انگ هزارن ۾ |
| 1948 Punjab | 4.5 | - | 1.1 | 5.6 | N.R |
| Sindh | 2.2 | - | 0.4 | 2.6 | N.R |
| 1960 Punjab | 5.8 | 0.1 | 0.8 | 6.7 | N.R |
| Sindh | 2.4 | - | 0.6 | 3.0 | N.R |
| 1970 Punjab | 6.2 | 0.9 | 1.7 | 8.8 | 82 |
| Sindh | 2.7 | - | 0.3 | 3.0 | +2.3 |
| 1981 Punjab | 7.5 | 2.6 | 0.5 | 10.6 | 1,72 |
| Sindh | 2.4 | 0.1 | 0.5 | 3.0 | 16 |
| 1991 Punjab | 8.7 | 2.2 | 1.7 | 12.6 | 2,96 |
| Sindh | 2.5 | 0.1 | 0.1 | 2.7 | 17 |
| 2000 Punjab | 9.2 | 2.6 | 2.1 | 13.9 | 5,43 |
| Sindh | 2.4 | 0.1 | - | 2.5 | 24 |
| 2023 Punjab | 9.8 | 2.7 | 2.4 | 14.9 | 12,25 |
| Sindh | 1.3 | 0.4 | - | 1.7 | 2,28 |

***Notes:***

1. Canal & Tubewell on Canals data together from 90-91 on wards. Only 75% of Canal Tubewells Data Added to Canal Column. It excludes area irrigated by Tube wells, Diesel; Public and Private.
2. Numbers included: Electric, Diesel, Public, and Private.
3. 1991 on wards includes area irrigated through Canal Tube wells (25% of Rest, 75% added under Canal heads).

*Source: Agriculture Statistics of Pakistan - Various Volumes, MINFA - GOP.*

جدول 2 ڪجهه مُنجهائيندڙ آهي. ان ۾ هيٺ وضاحتون ڏنل آهن. پر لب لباب اِهو آهي ته ”آبپاشيءَ هيٺ ايندڙ“ زمين جي پاڻيءَ جا وسائل به آهن. هڪ درياهه يا ڪئنال جو پاڻي ٻيو ٽيوب ويل.

جڏهن اسان انگ اکر ڏسون ٿا ته پنجاب ۾ ”ڪئنال ٽيوب ويل“ جو اصلاح استعمال ٿئي ٿو. معنيٰ ته درياءَ جو ۽ ٽيوب ويل جي پاڻي جو الڳ الڳ ڪاٿو ڪونه ٿو ٿي سگهي. مون ڪافي زرعي ۽ پاڻيءَ ماهرن کان ان بابت سمجهاڻي گهري پر ڪو به تسلي بخش جواب نه مليو. بعد ۾ احسان لغاريءَ صاحب سان صلاح ڪري ان پاڻيءَ جو مون 75 سيڪڙو ”ڪئنال“ ۾ ڏيکاريو آهي ۽ 25 سيڪڙو ”ٽيوب ويل“ ۾. آءٌ سمجهان ٿو ان سان ڪافي حقيقي انگ اکر واضح ٿين ٿا.

ان جدول 2 ۾ اوهان ڏسندا هر نئين معاهدي سان (يعني دهلي اڪارڊ، سنڌ طاس، 1991ع اڪارڊ) پنجاب جي دريائي پاڻي تي ٿيندڙ آبادي (علاوه ٽيوب ويل) وڌندي رهي ٿي ۽ 1948ع کان 2023ع تائين ٻيڻي ٿي وئي آهي ۽ ٽيوب ويلن تي ٿيندڙ ايراضي به ٻيڻ کان وڌيڪ آهي ۽ جملي واڌ 166 سيڪڙو آهي.

ان حساب سان سنڌ ۾ آبادي تقريباً سن 1948ع واريءَ کان ڪڏهن 10 سيڪڙو وڌ ته ڪڏهن مورڳو گهٽ آهي. البته ٽيوب ويل تي 4 لک ايڪڙ آبادي ڏيکاريل آهي، جيڪا اڳ نه هئي.



اها صورتحال آءٌ سمجهڻ کان قاصر آهيان. انگ اکر سڀ هڪ ئي سرڪاري ڪتاب (Source) کان ڪنيل آهن. هاڻي اهو آءٌ سنڌ جي ”زرعي ۽ آبپاشي ماهرن“ تي ڇڏيان ٿو ته سمجهن ۽ مون کي به سمجهائن ته اهو ڇو ۽ ڪيئن آهي. مون ”سنڌ انگ اکري ڪاتي“ (BOS) جا ڪتاب به ڏٺا آهن. صورتحال واضح نه آهي.

پيش ڪيل انگن اکرن بعد ۾ هِن ڪتاب ”چولستان ڪارپوريٽ فارمنگ: ڪالاباغ پلس رٽا“ ۾ لکيل مضمونن ۾ منهنجي عقل ۽ تجربي مان هيٺيون ڳالهيون واضح ٿين ٿيون:

(1) پنجاب جي شروع کان وٺي غير معمولي طور درياءِ سنڌ تي اک هئي، حالانڪ ”پنج آبن“ ۾ سنڌو تاريخي ۽ جاگرافي طور شامل ئي ڪونه آهي.

(2) 1945ع سنڌ_پنجاب معاهدي جا شرط پوري ڪرڻ کان اڳ ئي پنجاب سنڌو تي پهرين بئراج ڪالاباغ وٽ اڏي ۽ نالو ڏنائونس ”جناح بئراج“. اهو هو اسان کي پاڪستان جو پهريون تحفو.

(3) دهلي اڪارڊ/ايگريمينٽ (1948) سڀ پنجابي وڃي پنهنجا درياءَ هندستان کي ڏئي آيا ۽ پاڻيءَ جا پئسا به ڏيٽا ڪيائون. سنڌ طاس معاهدو (1960) جو بنياد به دهلي اڪارڊ هو.

ايوب خان اچڻ شرط صورتحال کي سمجهندي آمريڪا کي وچ ۾ آندو ۽ ”عالمي بئنڪ جي ڇَتِيءَ“ هيٺ سنڌ طاس معاهدو ٿيو.

(4) هِن معاهدي ۾ به سنڌ ۽ سنڌين کي پري رکيو ويو. ان زماني ۾ ڪوٽڙي بئراج جو باني اڪرم شيخ سينيئر انجنيئر هو جنهن جي نالي تي ”اڪرم واهه“ آهي (۽ سندس فرزند ”منير اڪرم“ لاڳيتو نيويارڪ UN ۾ اسان جو نمائندو آهي) ٻين سينيئر سنڌي انجنيئرن جهڙوڪ عبدالغفور شيخ صاحب (چيف انجنيئر گڊو)، عبدالرشيد قاضي صاحب (چيف انجنيئرنگ ايڊوائزر پاڪستان)، صالح قريشي صاحب (V.C سنڌ يونيورسٽي) وغيره وغيره کي به پري رکيو ويو.

(5) معاهدي بعدسن 60 کان 1970ع تائين Indus Basin (IBAB) Advisory Board) جيڪو انهن 3 ارب ڊالر جي پراجيڪٽ جو انچارج

هو ان ۾ بہ ڪنهن سنڌ جي انجنيئر کي ويجهو نہ اچڻ ڏنو ويو. حالانڪہ ان ڏهاڪي ۾ مغربي پاڪستان جي 6 چيف انجنيئرن مان 4 سنڌي هئا. (علاوه واپڊا جي).

(6) جيئن سنڌ طاس ۾ پنجاب جيترو پاڻي سنڌ بہ وڃايو پر ان جو متبادل نہ سوچيو ويو نہ ڏنو ويو. ان ڪري سنڌ جو آڳاٽو خريف، بيلا ۽ ڊيلٽا ڏاڍو متاثر ٿيا. انهيءَ ڪوٽ جي پُورت لاءِ عبدالوهاب شيخ صاحب سنڌ 71ـ 1970ع ۾ ”فضل اڪبر ڪميشن“ اڳيان تمام مضبوط ڪيس پيش ڪيو. ان سان گڏ شير محمد بلوچ صاحب، حاجي محمد ڏهر، خليل سومرو ۽ ڪتري صاحب جهڙا (انجنيئر) ان ڪيس ۾ گڏ وڙهيا. ڍاڪا المئي سبب بنگالي جج تڙتڪڙ ۾ ڪاغذ لاهورين حوالي ڪري وڃي بنگال پهتو. دوستن کي گُهرجي تہ اهو ڪيس پڙهن. اهڙو ڪتاب سنڌيءَ ۾ اسان ڇپايو آهي.

(7) سنڌ طاس منصوبي جا سڀ سيڪڙو فائدا پنجاب کي پهتا. هنن پنهنجو 60 کان 80 سال پراڻو سسٽم 6 بئراجن ۽ 9 لنڪ ڪئنال وسيلي جهڙو ”نڪور“ ڪري ڇڏيو. “Inter Rivers Connectivity” (بين الدريائي ڳانڍاپي) وسيلي هنن جي آبادي ۽ آبادڪاري وڌي وئي ۽ ڪٿي بہ ڪنهن بہ سال سوڪهڙي جهڙي ڳالهہ نہ ٿي. انگ اکر شاهد آهن.

(8) اها پنجاب وارا پنهنجي آباديءَ ۽ گهٽي پاڻيءَ جو سبب ٽيوب ويل ڏيکارن ٿا. اهو ڊرامو بہ پهرين سرڪاري سرپرستي ۾ شروع ٿيو. سن 1960ع تائين پنجاب ۾ سرڪاري نہ البتہ ڪجهہ ذاتي ڊيزل ٽيوب ويل هئا. بعد ۾ سٺ واري ڏهاڪي ۾ واپڊا، ايوب خان جي هدايتن تي آمريڪا (USAID) وغيره سان ”سم ڪلر خاتمي“ جي لاءِ SCARP (SALANITY CONTROL AND RECLAIMATION PROGRAME). ان پروگرام ۾ جر ۾ پاڻي جي سطح (Water Table) هيٺ ڪرڻ لاءِ وڏي پيماني تي گهڻا ٽيوب ويل ساري ”ميداني پنجاب“ ۾ لڳايا ويا. اهڙي طرح سرڪاري خرچ تي لکين ايڪڙ زمين سُڌري ۽ ڪيترن لکن ايڪڙن لاءِ اضافي پاڻي مهيا ڪيو ويو. ڪٿي الڳ ۽ ڪٿي دريائي پاڻيءَ (Surface/canal water) سان گڏي ان



پروگرام ۾ ”سم نالا“ (Drains) پڻ هئا، پر اُهي ڪي اهڙا اثرائتا يا لاڀائتا ڪونہ ٿيا آهن. سٺ جي ڏهاڪي ۾ اسان کي خيرپور سڪارپ مليو جنهن جو پاڻي (جَرُ) ڪارو هو ان جو نيڪال وري نئون مسئلو ٿيو ۽ آبادگاري بہ نہ وڌي. اڳتي هلي سڪارپ لاڙڪاڻو- شڪارپور ٿيو اُتي بہ ٽيوب ويل ۽ ڪجهہ ناليون هيون، سو بہ کاري پاڻي لاءِ.

(9) سکر بئراج کانپوءِ جيئن تہ پاڻي ۾ واڌ آئي تہ جر جي سطح وڌڻ لڳي. جيڪڏهن اوهان سکر بئراج ٺهڻ واري زماني جون رپورٽون پڙهندا تہ انهن ۾ فالتو پاڻي جي نيڪال لاءِ موثر Drainage پروگرام ناهڻ جو ذڪر ۽ ضرورت بيان ڪئي وئي آهي، پر 1937ع کان 1955ع تائين سنڌ سرڪار سکر بئراج جا قرض لاهڻ ۽ نون بئراجن (ڪوٽڙي ۽ گُڊو) ۾ لڳي رهي ۽ بيماري وڌندي وئي. بعد ۾ ون يونٽ گورنمينٽ بہ ڳالهيون ڪندي رهي ۽ آخر سن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ LBOD مليو (بئراج کان 50 سال پوءِ)، جيڪو 1990ع واري ڏهاڪي ۾ پورو ٿيو پر بدنصيبيءَ سان ان جو 20 سالن جو رڪارڊ بہ ڪو چڱو نہ آهي.

(10) هوڏانهن سنڌو جي سڄي ڪپ تي بہ ساڳيو مسئلو هو. ان لاءِ پهرين سڪارپ لاڙڪاڻو-شڪارپور ٺهيو (70ع ڏهاڪي ۾) بعد ۾ سڪارپ دادو نارٿ جنهن کي هاڻي MNV (Main Nara Vally) ڊرين چون ٿا، 80ع جي ڏهاڪي ۾ ٺهي ۽ منچر ۾ پئي ۽ ان کي خراب ڪيائين، صرف واپڊا جي نااهلي ۽ ناعاقبت انديشي ڪري. بعد ۾ RBOD جا سلسلا شروع ٿيا. ون، ٽو ٿري جيڪي گذريل 40 سالن کان پورا ڪونہ ٿا ٿين. ان ڪري سنڌ ۾ ساڄو ۽ کاٻو بئي ڪپَ صحيح نيڪالي سسٽم نہ هئڻ جي ڪري اڄ تائين صحيح حالت ۾ نہ آهن، ان جي جوابداري واپڊا ۽ پاڪستان سرڪار تي تہ آهي ئي آهي پر سنڌ سرڪار جو ڪردار بہ تماشبين وارو رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو اڌ تباهي تہ ڪٽي 1970ـ1955ع ون يونٽ جي کاتي ۾ وڃهجي پر 1970ع کانپوءِ تہ سنڌ سرڪار آهي. انهن گذريل 54 سالن ۾ 20 سال مارشل لا جا ۽ 30 سال پيپلز پارٽي جي کاتي ۾

آهن ۽ ڏهاڪو سال پيپلز پارٽي مرڪز ۾ بہ رهي، پر اسان کي ڇا مليو. اهو وري الڳ ڪٿي لکندا سون. آءٌ واضح ڪندو هلان تہ اسين پنجاب جي ترقيءَ تي ارها ڪونہ آهن. ان ترقيءَ ۾ ”صرف سنڌ جو چوريءَ ۽ زوريءَ ڪنيل پاڻي جو حصو نہ آهي“ پر قدرتي طور اُتي جون زمينون ۽ ٽوپوگرافي اسان کان بهتر آهي، ان ڪري پاڻي جو ڪاپو يا نيڪال بهتر ۽ جلدي ٿئي ٿو ۽ زيان گهٽ آهي. ان کان سواءِ ڪوٽ يا دير جي صورتحال ۾ هنن وٽ ٽيوب ويل بطور متبادل آهي.

هُنن جي گورننس طرز حڪمراني سنڌ کان بهتر آهي، ڊليوري سسٽم ۽ ڪميونيڪيشن (سهولتون يا خدمتون پهچائڻ جو گهاڙيٽو ۽ رابطہ ڪاري/ڳانڍاپو) پڻ بهتر ۽ اُتان جو عام ماڻهو بہ وڌيڪ خوشحال آهي ۽ سندن غربت جي شرح سنڌ کان تقريباً اڌ آهي، سواءِ ڪجهہ سرائڪي ۽ سنڌ سان گڏيل ضلعن جي.

ان آسودگيءَ ۾ ٻاهران ايندڙ پئسن يعني پرڏيهي ناڻي (Remittances) جو بہ وڏو حصو آهي. سن 1970ع ڌاري اُهي 5 ارب ڊالر هئا تہ هاڻي 30 کان 40 ارب ڊالر آهن ان ۾ تقريباً 75_70 سيڪڙو پنجاب جو هو. سراسري طور هر مهيني 500 ارب روپيا، اهو پئسو هو گهرن ۽ زمينن ۾ لڳائين ٿا ۽ سندن آسودگيءَ جو هڪ وڏو عنصر اهو آهي. سياسي طور هو پارٽي ”پنجاب پسند“ وڌيڪ آهي، نہ ڪي ”پاڪستان پسند“. 90 سيڪڙو پنجابي (يا سرائڪي) آهن. وغيره وغيره

واپس پاڻي ۽ ڪتاب ڏانهن اچجي ٿو. سنڌ طاس پورو ٿيو ون يونٽ بہ ٽُٽو. پيپلز پارٽي جي حڪومت آئي تہ سنڌ ۾ پاڻي ڪوٽ باوجود پنجاب ”چشما جهلم لنڪ“ کوليو. ممتاز ڀٽو وزيراعليٰ هو. هڪدم بند ڪرائي گورنر پنجاب غلام مصطفيٰ کر سان معاهدو ڪيائون تہ پنجاب آئنده لنڪ تڏهن وهائيندو، جڏهن ڪوٽڙي تي پورو پاڻي هوندو ۽ سنڌ ان جي اجازت ڏيندي. حفيظ پيرزادي بطور مرڪزي وزير ان عهدنامي جو هڪ طرح سان ضامن بہ هو.



پر ٿيو ڇا؟ ضيا جي دور ۾ جنرل جيلاني بطور گورنر پنجاب ڏنڊي جي زور تي لنڪ کولرايو ۽ اهڙيءَ پنجاب طرفان هڪ ٻي ارهہ زورائي جي ابتدا ٿي، جيڪا اج تائين جاري ساري آهي. ڪٿي آهي ضامن فيڊريشن؟

ان واقعي جي 20 سال ڪانپوءِ سن 1991ع ۾ ”پاڻي معاهدو“ ٿيو. ڪي ڌريون سنڌ ۾ خوش هيون تہ سُنو ٿيو. ڪي خوش نہ هئا. چيائون تہ پنجاب جي فائدي ۾ آهي، پر ڏسو هاڻي سالن کان پنجاب ان معاهدي جي ٻٽاندڙ نٿو هلي. اهڙا تفصيل بہ هِن ڪتاب ۾ ڏنل آهن.

ڳالهہ ڪي ڪُتاڻو تہ ”پنجاب ۽ ان جي معاونن“ جو پيٽ ڀرجڻ جو نہ آهي. اڳ بنگال کي ان هوڏ ۽ ناانصافين ڪري وڃايائون ۽ هاڻي سنڌ جي وسيلن بمع پاڻي ۽ زمين ۽ معدنيات تي نظر آهي. اهڙي ڇڪتاڻ ۽ بدنيتي ملڪ کي ڪاڏي بہ ڪٽي وڃي سگهي ٿي. اقتصادي ۽ سياسي طور اسين ”تحت السرا“ ۾ آهيون. صوبن جا لاڳاپا ۽ رواداري روزانو بي انصافين جي ڪري ”نہ“ جي برابر رهي آهي. آخر هن ملڪ جا ”ڪرتا ڌرتا“ ۽ ”اشرافيا“ چاهي ڇا ٿي؟ سنڌ سموري ۽ سنڌو سُورن ۾ آهي ۽ سُور ڏيندڙ صرف ڌاريا نہ آهن. پنهنجا بہ ان ۾ اڳيرا آهن. باقي پارٽيون ڇڙوڇڙ ۽ ”انڌي گهوڙي ڳل ۾ آهي“. سول سوسائٽي ۽ نوجوان ”واٽس ايپ ۽ فيس بوڪ“ تي چار حرف لکي پنهنجي پاران جهاد ڪري رهيا آهن، جنهن جو هڙ حاصل ڪجهہ نہ آهي. يونيورسٽيون ۽ سرڪاري ادارا ”سُنڊ“ ٿي ويا آهن. هاڻي هي ڪروڙون جو راڄ ۽ آخر ڪنهن جو در ڪڙڪائين. ظاهراً انهن جو ڪو والي وارث نہ آهي. اسان سان يعني اصلي رهواسين سان تقريباً فلسطينين واري حالت ٿي رهي آهي. 1947ع ۾ آزاديءَ کان پهرين 85 فيصد هُئاسين. هاڻي آزاديءَ جي 75 سال بعد وڃي 50 سيڪڙو تي بيٺا آهن.

هي ڪتاب صرف پاڻي ۽ ڪجهہ زمين جي مسئلن بابت دستاويز آهي. اهڙا دستاويز هر مسئلي تي لکجڻ ۽ ڇپجڻ گُهرجن. اڄ بہ جيڪڏهن اسان جي قيادت ”سجاڳ ۽ سچي“ ٿئي تہ مشڪل آسان آهن.

اسان کي مجبوراً بطور ”سول سوسائٽي“ وڏيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. خصوصاً ماڻهن کي سندن حقن لاءِ سجاڳ ڪرڻ ۽ محرومين مان ڪڍڻ.

اسان جي نئين ٿهيءَ کي هاڻي سجاڳ شهريءَ طور پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪم ۽ محنت ڪرڻي پوندي. سفارشي ۽ پوتار ڪلچر کان نڪرڻو پوندو. هن لمحي اسين بس دُعا ئي ڪري سگهون ٿا. ”سنڌ ۽ سنڌي شال سدائين آباد ۽ خوش هجن!

**فضل الله قريشي**
اسلام آباد
فيبروري 2025ع

# باب پهريون

## 【نوان واهه، پاڻي ۽ زمين】

# اسٽريٽجڪ واهن جو ٽڪساٽ

8 جولاءِ 2024ع تي صدر آصف علي زرداريءَ جي صدارت هيٺ ٿيل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڇهن اسٽريٽجڪ واهن کي جلد مڪمل ڪرڻ بابت ڳالهه ڪئي وئي. اهي ڇهه واهه جن کي اسٽريٽجڪ ڪئنال به چيو ٿو وڃي. در حقيقت گرين ڪارپوريٽ انيشيئٽو پاران تڪڙن بنيادن تي مڪمل ڪرڻ لاءِ حڪومت تي زور وڌو پيو وڃي. انهن واهن جي مڪمل ٿيڻ سان 35 لک ايڪڙ زمين آباديءَ هيٺ ايندي. انهن مان به سنڌ ۽ پنجاب ۾ ۽ هڪ، هڪ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ آهن. چار واهه اڳي ئي اڏاوت جي مختلف مرحلن هيٺ آهن ۽ ٻن واهن تي اڃا ڪم شروع ناهي ٿيو. انهن واهن جا نالا ۽ انهن تي پوکيءَ لائق زمين جا وچور هِن ريت آهن:

| سيريل | واهه جو نالو | ڪمانڊ ايريا (ملين ايڪڙ) |
|---|---|---|
| 1 | گريٽر ٿل ڪئنال | 1.5 |
| 2 | ڪڇي ڪئنال | 0.71 |
| 3 | ريڻي ڪئنال | 0.41 |
| 4 | ٿر ڪئنال | 0.24 |
| 5 | چشما رائيٽ بئنڪ ڪئنال | 0.3 |
| 6 | چولستان فلڊ فيڊر ڪئنال | 0.4 |
| | ڪُل: | 3.58 |

انهن واهن جا وچور ۽ ان بابت سنڌ جي اعتراضن جو هڪ جائزو هِن ريت آهي:

1. **چوبارا/گريٽر ٿل ڪئنال:** گريٽر ٿل ڪئنال جي پهرئين مرحلي تي واپڊا 2001ع ۾ ڪم شروع ڪيو هو. ان واهه جي پاڻي کڻڻ جي گنجائش 8500 ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته پاڻيءَ واري ٺاهه ۾ ان لاءِ



5900 ڪيوسڪ رکيل هئا. اهو واهه پنجاب جي خوشاب، بکر، ليا ۽ جهنگ وارن علائقن جون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو. سنڌ ان واهه تي شروع کان سخت اعتراض واريا هئا، پر 7 مئي 2002ع تي ارسا مان 3:2 جي گهٽائي سان ان لاءِ اين او سي جاري ڪيو ويو. ان وقت ارسا ۾ موجود سنڌ جي ميمبر ۽ وفاق جي ميمبر ان جي مخالفت ۾ ووٽ ڪيو هو ۽ باقي ٽن صوبن جي ميمبرن ان واهه جي حق ۾ ووٽ ڪيو. ياد رهي ته اُن وقت وفاقي ميمبر پڻ سنڌ سان تعلق رکندڙ هو. سنڌ اسيمبليءَ 28 فيبروري 2003ع ۽ 19 جُون 2003ع تي ان واهه خلاف به متفقه ٺهراءَ به منظور ڪيا هئا. سنڌ کي اعتراض هو ته 1991ع جي ٺاهه وقت ان ڪئنال جو وجود نه هو، ان کي بعد ۾ ڏهن ڏينهن جي پاڻي ورڇ واري جدول ۾ شامل ڪيو ويو هو.

پنجاب هاڻي هنن اسٽريٽجڪ واهن ۾ گريٽر ٿل ڪئنال جي ٻئين مرحلي ۾ چوبارا برانچ ڪئنال ۽ ٿل ڪئنال جي ڪمانڊ ايريا جي تياري شامل ڪئي آهي. ياد رهي ته ٿل ڪئنال، چشما جهلم لنڪ ڪئنال مان نڪري ٿو. 22 نومبر 2021ع تي سنڌ اسيمبلي چوبارا برانچ ڪئنال ۽ جلال پور ڪئنال جي مخالفت ۾ ٺهراءُ به منظور ڪري چُڪي آهي. 22 ڊسمبر 2021ع تي ايڪنڪ اها رٿا منظور ڪرڻ وقت شرط رکيو هو ته پلاننگ ڪميشن سنڌ ۽ پنجاب جي صوبائي حڪومتن سان ڳالهائي حتمي سفارش ان اڳيان پيش ڪندي، سنڌ سرڪار ان کان پوءِ ٿيل گڏجاڻين ۾ سخت اعتراضن تي قائم رهي، پر ايڪنڪ 16 مارچ 2022ع تي اها رٿا منظور ڪئي ۽ ان ۾ سخت مانيٽرنگ وسيلي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جو چيو ويو ته پنجاب پنهنجي حصي جو پاڻي ئي ان واهه لاءِ استعمال ڪري سگهندو، بشرط ته CCI به منظوري ڏئي.

پهرين ڊسمبر 2022ع سنڌ حڪومت ايڪنڪ جي ان فيصلي خلاف گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ سمري موڪلي چُڪي آهي. اهو فيصلو هاڻي گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ ٽيٽو آهي.

2. **ڪچي ڪئنال**: هي واهه پنجاب مان تونسا بئراج وٽان نڪري بلوچستان جي ڊيرا بگٽي، نصير آباد، بولان ۽ جهل مگسي جي ضلعن ۾ 7 لک 13 هزار ايڪڙ زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو. ڇهه هزار ڪيوسڪ گنجائش وارو هي واهه 2002ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ ان جو پهريون مرحلو 2017ع ۾ گهٽي پاڳي پورو ٿيو. ان جا ڪُل 400 مان 300 ڪلو ميٽر مڪمل ٿيل آهن ۽ باقي مرحلن ۾ 100 ڪلو ميٽرن جي اڏاوت رهيل آهي. ڪچي ڪئنال سنڌ مان نڪرندڙ پٽ فيڊر ڪئنال جي پور وچوٽ هلي ٻنهي واهن جي وچ واري زمين کي آباد ڪري ٿو. اهو واهه سليمان رينج جي جابلو پٽيءَ مان گذرندي 31 جابلونين جي وهڪرن اڳيان لنگهي ٿو. ڪوهه سليمان جي ڊيرا بگٽي ٽڪرين جون نيون ان واهه جي اسٽرڪچر لاءِ هر وقت جوکم رهن ٿيون، ان لاءِ ضروري آهي ته ان ڪئنال جي رستي ۾ ايندڙ جابلو وهڪرن جي نيڪال لاءِ وڏيون ناليون ٺاهيون وڃن. ان رٿا جي پي سي ون ۾ پٽ فيڊر جي ساڄي ۽ ڪچي ڪئنال جي کاٻي پاسي هڪ ڊرين جو به ذڪر آهي، جيڪا بلوچستان ۾ ٺهيل آر بي او ڊي-3 وسيلي ان جابلو وهڪري کي حمل ڍنڍ تائين ڪٽي اچي. اهو وهڪرو لڳ ڀڳ هڪ لک ڪيوسڪس جو هوندو. سنڌ سرڪار کي ان تي ڳڻتي آهي ته حمل ڍنڍ ٻوڏ جي وقت ايترو واڌو پاڻي ڪٽي نه سگهندي. سنڌ جو چوڻ آهي ته 2012ع ۾ سوا چار لک ڪيوسڪ جي ٻوڏ لٿي هئي ۽ 2022ع ۾ ٻوڏ سبب ان واهه کي گهارا پيا هئا. ايڏي وڏي وهڪري کي سنڌ ۾ ڇڏڻ سان حمل ڍنڍ مان پاڻي آر بي او ڊي-2 ۾ ويندو، جيڪو منڇر ڍنڍ تائين پهچندو. ان صُورتحال ۾ آر بي او ڊي يا منڇر لاءِ وڏو هاڃو پيدا ٿي سگهي ٿو. جيڪو سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ واري علائقي لاءِ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿو. خود هڪ گڏجاڻيءَ ۾ واپڊا سائوٿ جي جنرل مئنيجر مڃيو ته ان وهڪري جو اڌ به حمل ڍنڍ ۾ لٿو ته اها ڦاٽي پوندي. هن وقت حمل ڍنڍ ۾ بلوچستان مان چار نيون لهن ٿيون، جن جو ڪل وهڪرو 44 هزار ڪيوسڪ آهي. جيڪڏهن ڪچي



ڪئنال واري ڊرين کي حمل ۾ آندو ويو ته ان سان سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ وارا علائقا قمبر-شهدادڪوٽ، دادو ۽ سيوهڻ جي پٽي وڏي تباهيءَ جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

واپڊا جي نااهلي اها آهي جو ان واهه جي ڊزائين وقت اهو نه سوچيائون ته ان جي نين واري ڊرين جو پاڻي ڪيڏانهن ويندو. ڪچي ڪئنال لاءِ مسئلو پاڻيءَ جي ڪٽ جو نه پر نيڪال جو آهي، جيڪو سنڌ لاءِ جوکم آهي.

3. **ريڻي ڪئنال ۽ ٿر ڪئنال**: ريڻي واهه واپڊا پاران 20 جنوري 2022ع تي مڪمل ڪري سنڌ حڪومت جي حوالي ڪيو ويو آهي. گڊو بئراج مان نڪرندڙ ان واهه جي وهڪري جي گنجائش 5155 ڪيوسڪ آهي، جيڪو گهوٽڪي ضلعي ۾ 4 لک 12 هزار ايڪڙن کي آباد ڪندو. واپڊا جنرل مشرف جي حڪم تي اهو واهه تعمير ڪيو. جنهن تي سنڌ کي منڍ کان اعتراض هو ته ان لاءِ 1991ع واري ٺاهه ۾ پاڻي رکيل ئي ناهي. واپڊا ان واهه جي ٻئين مرحلي ۾ ان جي پاڻي وسيلي اٽڪل 3 لک ايڪڙن تي پوکيءَ لاءِ پاڻي پهچائڻ جو نظام ٺاهڻ گهري ٿو پر سنڌ سرڪار کي اعتراض آهي ته پاڻيءَ واري ٺاهه ۾ ان واهه لاءِ پاڻي رکيل ئي نه هو. سنڌ حڪومت جي اعتراض ڪان پوءِ ان جي ٻئين مرحلي کي روڪي ان جي ٽئين مرحلي تي ويچار شروع ڪيو ويو. جنهن کي ٿر ڪئنال جو نالو ڏنو ويو آهي. ان لاءِ ريڻي ڪئنال کي هاڪڙي درياهه جي آڳاٽي وهڪري سان ڳنڍيو ويندو. سنڌ واضح ڪيو آهي ته ٿر واهه کي ٻوڏ واهه طور ڏٺو ويندو. جنهن لاءِ رڳو ٻوڏ جي صُورت ۾ مهيا ٿيندڙ واڌو پاڻي دستياب ٿي سگهندو. خود ريڻي واهه به وڏي چاڙهه وقت واڌو پاڻي مهيا ٿيڻ جي صُورت ۾ ئي پاڻي کڻي سگهندو ڇو ته ان جو پاڻي 1991ع واري ٺاهه ۾ رکيل ئي نه هو. ياد رهي ته واپڊا پاران هڪ خط ۾ (پهرين نومبر 2019ع) ٿر واهه کي دفاعي اهميت سان به ڳنڍيو ويو هو. سنڌ سرڪار ٿر واهه جي پي سي ون تي پاڻيءَ واري وزارت کي پنهنجا ڪمينٽس به موڪلي چُڪي آهي.

4. **چشما رائيٽ بئنڪ ڪئنال** (سي آر بي سي): هي واهه پنجاب جي چشما بئراج مان نڪري خيبر پختونخوا جي ڊيرا اسماعيل خان واري علائقي کان ٿيندو پنجاب جي تونسا واري پٽيءَ کي آباد ڪندو. ان واهه تي ڪُل 6 لک 6 هزار ايڪڙ زمين آباد ٿيندي، جنهن مان 366,000 ايڪڙ خيبر پختونخوا ۾ ۽ 240,000 ايڪڙ پنجاب ۾ آهي. ان واهه جو وهڪرو 2533 ڪيوسڪ آهي. هي ڪافي آڳاٽو 1970ع واري ڏهاڪي جو پروجيڪٽ آهي، جنهن تي مختلف مرحلن ۾ ڪم هلندو رهيو آهي. درحقيقت پنجاب کي چولستان ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ وسيلي وڏي ايراضيءَ تي آبادي ڪرڻ لاءِ واهه جي ضرورت آهي. ان رٿا کي الڳ رٿا طور پيش ڪرڻ بجاءِ ان کي انهن اسٽريٽجڪ واهن جو حصو بڻايو ويو.



# پاڻي ۽ زمين جي مالڪيءَ جو ٻٽو سوال

پڪيڙ ۽ علائقي جي صُورت ۾ ’زمين‘ ڪنهن به رياست جي وجود لاءِ اڻٽر آهي. جڏهن ته پاڻي ڪانسواءِ زندگيءَ جو وجود ممڪن ڪونهي. پاڻي ۽ زمين جو تعلق هڪ جيترو/يا شايد هڪ جهڙو ئي اهم آهي. زمين جا ڪارج گهڻا ئي آهن، پر ان جي گهڻ پاسائي پيداواري صلاحيت ۾ پاڻيءَ جو سڀ کان اهم ۽ وڏو ڪردار آهي.

نيم صحرائي ملڪن ۽ خشڪ علائقن ۾ (جيئن سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب ـ جتي مينهن بنهه گهٽ وسي) زرعي ترقيءَ جي واڌ ويجهه لاءِ زمين کان وڌيڪ پاڻي جي اهميت هوندي آهي. دنيا جي اهڙن علائقن ۾ سب صحارا آفريقا کان وٺي پاڪستان تائين پاڻي تي ضابطو ئي زمين جي ضابطي ۽ ان جي اقتصادي قدر ۽ ماڻ کي نه صرف وڌائيندو آهي، بلڪ ان کي اهم پيداواري ذريعي ۾ تبديل ڪندو آهي. ان ڪري پاڻيءَ جي ضابطي سان زمين جو ضابطو حاصل ٿئي ٿو ۽ زمين جو ضابطو پڻ ڪنهن وٽ آهي، ڪڏهن کان آهي، ڪيئن ۽ ڪيترو آهي، انهن سوالن جي جواب ۾ خبر پوي ٿي ته ڪٿي، ڪنهن کي، ڪيترو، ڪڏهن کان ۽ ڇو پاڻي ملندو. برصغير ۾ پاڻي ۽ زمين جا حق انگريز بينڪي راڄ جي قانون جي تابع آهي جنهن کي ’ڪامن لا‘ چئجي ٿو اڄ سوڌو زمين ۽ پاڻيءَ جي مالڪي انهن ئي قانوني اصولن ۽ ”بي اصوليءَ“ سان ٻڌل آهي.

مختلف صوبن خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪئي لک ايڪڙ نيون نڪور ٻنيون هر هيٺ آڻڻ ۽ پاڪستان کي سرسبز ڪرڻ جي رٿابندي ٿي رهي آهي. جڏهن ته پاڪستان جون پڇڙيون پاڻي لاءِ ڪئي ڏهاڪن کان سِڪي رهيون آهن. ’سرسبز‘ هيٺ ۾ ٻيلن جي وري آبادي کي ڪيئن، ڇو ۽ ڪنهن جي ڪري وساريو ويو آهي؟! اڄ به سڄي پاڪستان جا ٻيلا

جيڪي اُتر ۾ گلگت بلتستان ، ڪشمير، ڪي پي ۽ پنجاب جي مٿاهين علائقن ۾ هجن يا ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌوءَ جي پيٽ سان گڏ گڏ سنڌ ۾ هجن، ۽ دنيا جي وڏن تمر جي ٻيلن مان هڪ سنڌوءَ جي ڊيلٽا، ڪريڪ ۽ سامونڊي پٽيءَ ۾ هجن، جنهن جي لاءِ پاڻي ڏيڻ پاڪستان جي پائيداري، موسمي ڦيرگهير جي لاءِ اڻٽر آهي، دنيا جي سائنس، سماجيات ۽ علمي ڏاهپ، واضح چيو آهي تہ انهن ٻيلن جو بچاءُ ۽ وڌاءُ ڪرڻ کانسواءِ سنڌ ۽ پاڪستان جو شديد حالتن ۾ بچاءُ نہ ٿو ٿي سگهي.

زراعت اڄ بہ دنيا ۾ 70 سيڪڙو پاڻي استعمال ڪري ٿي ۽ پاڪستان ۾ اِهو 90 سيڪڙو کان مٿي آهي. اسان اڳ ۾ ئي آبپاشي واري ٻنين جي پاڻيءَ جي حوالي سان هڪ مسلسل ڪوٽ ۾ آهيون. اسان ڪوٽ ۾ آهيون تہ پوءِ سرسبز پاڪستان لاءِ پاڻي ۽ ٻني ڪي سلهاڙيِ ٻِنو جوڪم ڇو ڪٽي رهيا آهيون. پاڪستان جي صحرائن، جابلو گليشيئر ۽ وادين، مٿاهين ٻيلن وارا علائقا، دريا، اڇڙو ٿر، ٿر، ٿل، چولستان، ڊيلٽا، سامونڊي پٽي، مختلف علائقن ۾ جابلو سلسلا، نيشنل پارڪ وغيره هڪ وسيع، ضروري ۽ اهم بايو ڊائورسٽي کي پيش ڪن ٿا. دنيا جا سمجهدار ملڪ اِهي طبعي/موسمي ۽ جاگرافيائي فرق چڱي ريت بچائڻ ۾ لڳا پيا آهن، پر اسان جيري لاءِ ٻڪري ڪُهَڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيون. آخر اِهو جيرو ڪنهن جو آهي؟ اِها ٻڪري ڪنهن جي آهي؟ هڪ بردبار ۽ سمجهدار رياست ۽ (ڪمزوري ترين) جمهوريت بہ پنهنجو ايڏو وڏو نقصان نہ ڪرڻ چاهيندي. وسيب پنهنجي انوکي ماحوليات 'چولستان' جي وارين، ڊڙن، پٽ ۽ ٽوبن جي اڪالاجي، سماجيات ۽ مالڪي تي ٿيندڙ عجيب راتاهي تي تڙپي ۽ ٻاڪاري اُٿيو آهي.

جيتري آبپاشي تي زرعي زمين جي پکيڙ وڌائيندا سين، اوترو پاڻي جي مقدار ۾ معيار تي اثر پوندو. پاڻيءَ جي مقدار، مينهن، دريائن جي وهڪرن ۽ ان سان لاڳاپيل وادين جي پائيداري جو ٻيلن ۽ وڻڪاري سان گهرو تعلق آهي. ساڳي طرح ڍنڍون، ڍورا، وهڪرا، ڊيلٽا، انهن جو پاڻيءَ سان ڳانڍاپو، پاڻي جي معيار کي قائم رکڻ لاءِ اڻٽر آهن! هلندڙ وقت ۾ جتي اسان جي زراعت کي مارڪيٽنگ، وچين ماڻهوءَ جي استحصال، ملڪي ليول تي غلط فيصلن جي نتيجي ۾ ڪروڙن آبادگارن ۽ هارين کي نقصان (جيئن پوئين سال ڪڻڪ سان ڪيو ويو)، زمين کي سڌو ڪرڻ، رستن ۽ ٻني تي پاڻيءَ جي زيان کان بچائڻ، ايگري - بزنس ۽ صنعت کي وڌائڻ، جيئن هاڻ سنڌ ۾ بصر ۽ ٽماٽي جي قيمتن سان ٿيو ۽ پنجاب ۾ پٽاٽي ۽ گوبي ۽ ٻين سبزين سان ويساهہ گهاتي ٿي، ان تي ڌيان ڏيئي، نين زمينن کي آباد ڪرڻ کان گهٽي وڌيڪ اپت ۽ ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.

اهڙي قسم جو بيانو بہ ڏهاڪا اڳ آفريقا لاءِ ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ آيو. ۽ ڪئي ملڪن ۾ رياستي ۽ ڪٿي سياسي بيانو (نيريٽوِ) اِهو سامهون آيو تہ "اڇو تہ پاڻي ۽ زمين جي "اڳ استعمال نہ ٿيل" وسيلن جي خزاني کي ملڪي ترقي لاءِ استعمال ڪيون" ۽ آفريقا جي سُتل سُک کي جاڳائي وجهون! اِهو وسيلن تي ڪنهن خاص طبقي جو ضابطو ۽ اثر وڌائڻ لاءِ ئي ٿيو ۽ آفريقا جو سُک سُتل ئي رهيو!

زمين جو وسيلو ۽ وجود هڪ طريقي سان ساڪن آهي، جڏهن تہ پاڻي زمان ۽ مڪان (ٽائيم اينڊ اسپيس) جي حوالي سان معياري ۽ مقداري لحاظ سان تبديل ٿيندو رهي ٿو. ان جي هيئيت فيوجيٽوء / فراريت واري آهي، ان جا گس پنهنجا آهن! ان ڪري سنڌ جو ۽ پاڻي جي سائنس جو وڏو دليل اِهو آهي تہ بابا "ٻوڏ جا ڏينهن محدود آهن (ٻہ مهينا)، ان دوران پاڻي جو مقدار پڻ گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي اچڻ جي وقت ۾ پڻ بدلاءُ ٿي سگهي ٿو، ان ڪري ان جي سراسري مقدار کي ڪنهن مخصوص گهاڙيٽي ۾ رکي، ايتري غير يقيني ۾ (۽ اِهو بہ ڪنهن جي حق تي هٿ رکڻ سان) ڪو بہ پراجيڪٽ ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟! چولستان جي پراجيڪٽ لاءِ پڻ اِهو واضح دليل آهي! سراسريءَ جي انگ اکرن سان

پاڻي جو مقدار پيدا ڪري نٿو سگهجي. مثال طور جيڪڏهن 1976ع کان اڄ تائين جي سراسري پاڻي ڪوٽڙي کان هيٺ وٺنداسين ته اُها 27 ملين ايڪڙ فوٽ نڪري ٿي. ان انگ کي هميشه لاءِ وٺڻ بنيادي پاڻي جي سائنس ۽ زميني حقيقتن جي بنهه خلاف آهي. ڇو جو هر ڏهاڪي جي بنياد تي ڏسنداسين ته ان ۾ خطرناڪ حد تائين گهٽتائي ٿيندي وئي آهي. هاڻ 1976_77 کان 1998_99 تائين سراسري 40.69 ايم اي ايف آهي ته اِها ئي سراسري 1999_2000 کان 2023_24 تائين صرف 14.03 ايم اي ايف آهي. وري اڌوڌ سال اهڙا آهن، جيڪي عالمي تحقيق ڪيل 8.6 ايم اي ايف کان به گهٽ آهن! سنڌ ۽ پاڪستان کي هڪ چِٽي حقيقت تسليم ڪرڻي پوندي ته اِهو ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ اوترو اهم آهي، جيترو تونسا جي ڊي جي ڪئنال، سکر جي نارا ۽ روهڙي ڪئنال، گُڊُگ ريگيوليٽر کان هيٺ بلوچستان لاءِ پاڻي ڇڏڻ ضروري آهي. باقي ٻن مهينن ٻوڏ وارن جي دؤران هيٺ وهڻ واري پاڻي کي زمان ۽ مڪان جي حساب سان ڳڻي پوري سال جو وزن ان تي ڪيئن ٿو رکي سگهجي؟! پاڪستان جي ڪنهن به حصي جو ماڻهو گروهه يا ڪو زميندار (پلي پوءِ اُهو سنڌ جو ئي ڇو نه هجي) جيڪو سائنسي، ماحولياتي، ايڪولاجي ۽ اقتصادي ۽ سماجي سائنس جي حساب سان تسليم ڪيل گهٽ ۾ گهٽ پاڻي جي وهڪري (5000 ڪيوسڪ روزانو پورو سال ۽ 25 ايم اي ايف هر پنجن سالن ۾ هڪ دفعو ۽ گڏيل ساليانو 8.6 ايم ايف) جو مخالف آهي، اُهو حقيقت ۾ پاڪستان جو مخالف آهي.

دنيا ۾، خاص ڪري ترقي پذير ملڪن ۾، سيڙپڪارن ۽ اشرافيا جي ڳنجوڙ جي نتيجي ۾ عام ماڻهن جون ٻنيون، چراگاهه، پٽ، ڊٺ ۽ صحرا سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح ترقيءَ جي نالي تي پنهنجا ڪيا ويا آهن ۽ ان لاءِ پنهنجو پراوو پاڻي ميڙي سيڙي ڪنيو ويو آهي. دنيا جي مڙني مثالن ۾، پاڪستان سميت ان پاڻي ۾ زمين جي مالڪي جي ’وهنوار‘ ۾ نقصان



ڊائون اسٽريم/هيٺاهين وارن ڀوڳيو آهي. مقداري لحاظ کان به ته معياري لحاظ کان به!

ڪنهن به وسيع پروگرام جنهن جي نتيجي ۾ زمينن ۽ پاڻيءَ جي وسيلن تي ضابطو اچي ٿو ان جي نتيجي ۾ عام عوام ۽ ملڪي اقتصاديات بهتر نٿي ٿئي، ٻيو اِهو ته ورهايل پاڻي وڌيڪ آهي، جڏهن ته هر سال ايندڙ پاڻِي ۾ ان جي ڪٽت ان کان گهٽ آهي، جنهن جي ڪري سڀني صوبن کي ڪوٽ جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. پوين پنجويهن سالن ۾ ملڪ ۾ سراسري طؤر 16.6 ڪوٽ رهي آهي. جڏهن ته پنجاب 13.7 سيڪڙو ۽ سنڌ 19.4 سيڪڙو ڪوٽ ڪنئي آهي. پوين 19 سالن کان پنجاب جي ڪري ارسا، سنڌ جي ورجائي ويندڙ مخالفت جي باوجود ٽري ٽيئر/ٽي سطحي فارمولا تي خريف جو پاڻي ڪنيو آهي، ڇو جو ان فارمولا کي ڪوٽ جي هجڻ جي دليل تي زوري سنڌ تي مڙهيو ويندو آهي. اِهو دليل وري جڏهن ڪوٽ جي ڳالهه ڪري سنڌ سمالر چولستان لاءِ ڇوي ٿي ته نابري واري ٿي وڃي ۽ چيو ٿو وڃي ته ”اسان پنهنجو پاڻِ استعمال ڪنداسين!“ تان جو نون ليگ جا وزير ۽ سينيٽر پڻ اِها ڳالهه چون ٿا ”پنهنجو پاڻي ڪٽڻ ۾ ڇا آهي؟“. پنهنجي پاڻي جو ڏس ۽ گس ته ٻڌايو!؟

اچو ان کي هڪ ننڍڙي مثال سان سمجهون ٿا. مثال طور سنڌ کي اختيار آهي ته جيئن وڻي پنهنجي حصي کي استعمال ڪري. منڙائو ڪئنال ساڍا ٽي هزار ڪيوسڪ جي لڳ ڀڳ پاڻي ڪٽي ٿو ان تي سانگهڙ، سنڌڙي، ڪنري، سامارو ۽ نئون ڪوٽ تعلقي جون6 لک ڪن ايڪڙ ٻني آباد ٿئي ٿي. هاڻ اسان چئون ته اسان کي اڇڙي ٽر، يا ٽر جي ڪنهن حصي کي آباد ڪرڻ لاءِ منڙائو (يا وري ڪپري ڪئنال مان) 1500 ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي اڍائي لک ايڪڙ نئين زمين آباد ڪنداسين! ته پوءِ آباد ڇهن لکن مان اڍائي لک ته غير آباد ٿيندا! ساڳي نموني چولستان ڪئنال ناهي بظاهر ڇهن لکن ايڪڙن کان مٿي (جڏهن

تہ پِي سي ون ۾ هڪ جاءِ تي ڏهہ لک ايڪڙ جو ذڪر آهي) آبادي لاءِ ڪٿان ۽ ڪيئن پاڻي موڙي ڪنيو ويندو؟!

سنڌ ۾ آبپاشيءَ جون ٽي ريجن هيون. سکر بئراج، گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج. هاڻ سکر مان ساڄي ڪپ جي واهن لاءِ جدا ريجن آهي. جڏهن تہ سيڊا ۾ پڻ گهوٽڪي فيڊر (گڊو)، نارا (سکر)، اڪرم واهہ ۽ ڦليلي واهہ (ڪوٽڙي) جو آبپاشيءَ جو نظام شامل آهي. باقي جيڪي ٻيون آفيسون يا ريجن آهن، انهن ۾ بئراج مان نڪرندڙ واهہ شامل ناهن. ساڳي نموني پنجاب جون پڻ آبپاشيءَ جون مختلف ريجنون آهن. چولستان وارو پورو نظام بهاولپور ريجن سان لاڳاپيل آهي. وري ان جي مٿان ملتان ريجن جو آبپاشيءَ جو نظام آهي. بهاولپور ريجن جي پڇڙي هجي يا ملتان جي، اُتي پڻ پاڻيءَ جي اڻاٽ رهندي آهي. چو جو اقتصادي دٻاءَ جي ڪري هر ڪو پنهنجي ٻني وٽ ۽ حصي ڪان وڌيڪ آباد ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن پير واري ريجنن ۾ واڌو پاڻي آهي ئي ڪونہ تہ پنجاب ٻوڏ نہ اچڻ جي صُورت ۾، يا هونءَ بہ ڪٿان پاڻي بچائي چولستان کي ڏيندو!

اِهي ٻيئي ريجنون وري منگلا ڊئم واري ٻانهن تي دارومدار رکن ٿيون. منگلا، يعني جهلم ۾ وقت سان گڏ وهڪرا گهٽ ٿيا آهن. چناب ۾ پڻ ساڳيو حال آهي، پر هڪ ٻي ڳالهہ سمجهڻ پڻ ضروري آهي تہ جيتوڻيڪ منگلا ۽ چناب جا سسٽم پنجاب پنهنجا سمجهي ٿو پر پاڻي جي مقدار ۽ ورڇ ۾ سيني کي ڳٽبو آهي ۽ گڏي ورهائبو آهي. يعني سيني پاڻين تي 1991 جي معاهدي مطابق ڏنل حصن مطابق ورهاڱو هوندو آهي. سي جي ۽ ٽي پي لنڪ کي ٻوڏ ڪانسواءِ کولڻ جا مثال ٻڌائين ٿا تہ پنجاب جو جهلم ۽ چناب واري ٻانهن وارو پاڻي اڳ ۾ ئي پورو استعمال ڪري چڪو آهي. هاڻ جڏهن ڪنهن بہ قسم جي بچيت آهي ئي ڪونہ، تہ پوءِ هن نئين سسٽم ناهڻ لاءِ پاڻي ڪٿان آيو. ٻيو اِهو تہ جنهن پنهنجي سسٽم مان پاڻي ڪڍندا تہ ان کي سڌي ۽ اڻ سڌي طرح سنڌوءَ مان ۽ سنڌ جي حصي مان ئي ڪڍندا.



پاڪستان جي هڪ برک سياستدان ولي خان جي لفظن ۾ ”هي ڪالاباغ آوهان چولستان کي آباد ڪرڻ ٿا چاهيو! پنجاب اسان(ڪي پي) کي ٻوڙڻ ۽ سنڌ کي سُڪائڻ ٿو چاهي!“ ان بيان کي ۽ زميني حقيقتن کي تاريخي تناظر ۾ ڏسنداسين تہ سمجهہ ۾ ايندو تہ هي ڳالهہ تہ ”ڪالاباغ ڊئم“ ڪان بہ وڌيڪ چڙهيل آهي! وڌيڪ ان جي ڪري جو گريٽر ٿل ڪئنال کي جوڙي، ڪالاباغ جي فائدي جيترو فائدو (۽ سنڌ کي نقصان) اڳ ۾ ئي هن صدي جي پهرئين ڏهاڪي ۾ پنجاب کي ملي چُڪو آهي! هي ڪابالاغ واڌو (پلس) آهي. ڪالاباغ کي سنڌ جي ٽن صوبائي اسيمبلين، ساڳي ريت ارسا ترميم کي پڻ ٽي صوبا رد ڪري چُڪا آهن. چولستان رٿا ۽ ڪا بہ ٻي رٿا ريٽي ۽ ٿر ڪئنال سميت، پڻ انهي سلسلي جي ڪڙي آهن، ان ڪري پاڪستان جي وسيع تر عوامي مفاد لاءِ انهن کي مڪمل طرح پاسيرو ڪيو وڃي.

# ڪارپوريٽ فارمنگ جو نئون جنم ۽ صدر پاڪستان جي سخاوت

ملڪ ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ جي ڪهاڻي نئين ناهي. جنرل مشرف جي حڪومت ۾ 19 جون 2002ع تي وفاقي ڪابينا ملڪ ۾ ڪارپوريٽ ايگريڪلچر فارمنگ پاليسيءَ جي منظوري ڏني. ان پاليسيءَ هيٺ گهٽ ۾ ٿي لک ڊالرن جي سيڙپڪاريءَ تي پرڏيهي ڪمپنين کي سٺ سيڪڙو پائيواريءَ جي اجازت ڏني وئي. ان دور ۾ ڳالهيون هليون ته چين کي نوان ٻج متعارف ڪرائڻ لاءِ ٻه هزار ايڪڙ زمين ڏني ويندي. پنجاب جي زراعت واري وزير چيو ته هنن چولستان ۾ ڇهه لک ايڪڙ زمين ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي، پر اُتي پاڻي ڪارو هجڻ سبب اها ڳالهه اڳتي نه وڌي سگهي. ان سلسلي کي 2008ع کان پوءِ قائم ٿيل پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اڳتي وڌايو. 2009ع ۾ تڏهوڪي وفاقي سيڪريٽري زراعت توقير احمد فائق پاران چئني صوبن مان پنج لک ايڪڙ زمين سعودي عرب کي پوکيءَ لاءِ ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي هئي. 2008ع ۾ جڏهن تڏهوڪو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني سعودي عرب جو دورو ڪري واپس آيو ته ان وقت به بريڪ ٿرو ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي هئي. امارات جي هڪ اداري پاران ملڪ ۾ زمينون خريد ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وئي. 2008ع ۾ امارات جي هڪ ڪمپنيءَ کي بلوچستان ۾ 4 ڪروڙ ڊالرن جي عيوض 16 هزار هيڪٽر زمين ڏني وئي. ساڳي ڪمپنيءَ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه سان ملاقات ڪري شڪارپور، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ 12 هزار هيڪٽر زمين پڻ گهري.

2009ع ۾ صدر زرداريءَ پاران بورڊ آف انويسٽمينٽ وسيلي پرڏيهي ڪمپنين کي 49 کان 99 سالن جي ليز تي ڏيڻ لاءِ ستر لک ايڪڙ زمين آڇي وئي. سيڙپڪارن جي تحفظ لاءِ هڪ لک سپاهه تي ٻڌل نئين فورس جوڙڻ جو به اعلان ڪيو ويو.



2010ع ۾ پنجاب حڪومت چولستان جي ريگستان ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ جو پاليسي پئڪيج تيار ڪيو. ان هيٺ 500 ايڪڙن جا 95 پئڪيج ڪارپوريٽ لائيو اسٽاڪ ۽ پولٽري فارمنگ لاءِ رکيا ويا. ان لاءِ سيڙپڪارن کي ٽيڪس ڇوٽ جي به آڇ ڏني وئي.

سيپٽمبر 2009ع ۾ وچ اوڀر جي هڪ ڪمپني ابراج ڪيپيٽل ۽ بلوچستان جي وڏي وزير ميراڻي ڊئم جي علائقي ۾ ٻه لک ايڪڙ زمين بابت ياداشتنامي تي صحيون ڪيون، انهن رٿائن تي ڪا وڏي اڳڀرائي نظر نه آئي. اهو سلسلو اڳتي هلي 2023ع ۾ اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل تائين پهچي ٿو. ڪارپوريٽ فارمنگ واري ساڳي آئيڊيا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ 20 جون 2023ع تي اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (SIFC) جو بنياد رکيو ويو آهي. ان اداري هيٺ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ لاءِ ڪمپنيون قائم ڪيون ويون آهن، جن مان زراعت جي شعبي لاءِ گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو ۽ سياحت لاءِ گرين ٽوئرزم انيشيئيٽو ڪمپني قائم ڪئي وئي آهي. فوج جي انتظام هيٺ انهن ڪمپنين کي صوبن ۾ زمينون، سياحتي ماڳ، معدني وسيلا وغيره حوالي ڪيا پيا وڃن. ان کان سواءِ فوجي فائونڊيشن پاران فان گرو نالي ڪمپني قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ستن سالن اندر 20 لک ايڪڙن تي ڪارپوريٽ فارمنگ جي رٿا ٺاهي آهي. ان جي شروعات خانيوال ۾ 5 هزار ايڪڙن کان ڪئي وئي آهي. اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (SIFC) جو بنياد 20 جون 2023ع تي رکيو ويو. هي ادارو ڏيهي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جي سهولتڪاري ڪرڻ، سمورن وفاقي ۽ صوبائي کاتن جي هڪ ٻئي سان سهڪار ۽ تيز رفتاريءَ سان ترقي ڪرائڻ وارن مقصدن لاءِ قائم ڪيو ويو. هن اداري جي قيام وقت ٻڌايو ويو ته ٽن سالن اندر ملڪ اندر 100 ارب ڊالرن جي سڌي پرڏيهي سيڙپڪاري ڪرائي ويندي. هن ڪائونسل جو سربراهه وزيراعظم آهي، جڏهن ته فوج جو سربراهه، صوبن جا وڏا وزير، اهم وفاقي کاتن جا سيڪريٽري ان جا ميمبر آهن. هن اداري جي ويب سائيٽ تي جيڪي

شعبا ڄاڻايل آهن. انهن ۾ زراعت ۽ چوپايو مال، معدنيات، توانائي (پيٽروليم ۽ پاور)، صنعت، سياحت ۽ پرائيويٽائيزيشن شامل آهن. ويب سائيٽ تي گرين پاڪستان انيشيئيٽو گرين ٽوئرزم پاڪستان بابت بہ تعارفي مواد ڏنل آهي. ويب سائيٽ تي زراعت ۽ چوپائي مال واري خاني ۾ جيڪي تفصيل ڏنا ويا آهن، انهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ملڪ ۾ 91 ملين ايڪڙ زمين موجود آهي، جنهن مان 24 ملين ايڪڙ زمين پوکيءَ هيٺ آهي. جڏهن تہ باقي زمين خالي آهي.

ان کان سواءِ 20 نومبر 2023ع تي روزاني بزنس رڪارڊر جي هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو تہ اڪنامڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽيءَ پاران گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو نالي ڪمپنيءَ لاءِ 20 ارب رپيا منظور ڪيا آهن. ان خبر موجب 10 نومبر 2023ع تي ڪابينا جي اڪنامڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽيءَ کي ٻڌايو ويو تہ پنجاب حڪومت ۽ گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو (پرائيويٽ) لميٽيڊ وچ ۾ هڪ ٺاهہ ٿيو آهي، جنهن هيٺ پنجاب سرڪار ان ڪمپنيءَ کي بنا وياج جي 100 ارب رپين جو قرض فراهم ڪندي. اهي 20 ارب رپيا ان رقم جي حصي طور ڏنا پيا وڃن.

گرين پاڪستان انيشيئيٽو جي ويب سائيٽ تي ان اداري جي تعارف ۾ ڄاڻايل ڪمن ۾ ٻنين تائين پاڻي پهچائڻ جو ذڪر ٿيل آهي. ان کان سواءِ زراعت جي شعبي ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي واهر سان ڪيترائي اهم خدمتون فراهم ڪرڻ جو بہ ذڪر ٿيل آهي. ياد رهي تہ اها ڪمپني 11 آگسٽ 2023ع تي رجسٽر ٿي آهي ۽ هڪ صوبائي حڪومت ٽن مهينن اندر ان کي 100 ارب رپين جو قرض ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿي وئي. ڳالهہ اُتي نٿي کُٽي. نون مهينن اندر ملڪ جو صدر ان ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ ٻن وڏن وزيرن ۽ پارٽي چيئرمين بلاول ڀُٽي سميت پاڻ هلي وڃي ٿو ۽ اُتي لکين ايڪڙ زمين ڏيڻ جي ڳالهہ ٿئي ٿي.

صدر پاڪستان آصف علي زرداري 14 مئي 2024ع تي راولپنڊيءَ ۾ گرين پاڪستان انيشيئيٽو جي آفيس جو دورو ڪيو. اُتي ٿيل گڏجاڻيءَ جا



منٽس پڻ جاري ڪيا ويا. ان دوري/گڏجاڻيءَ ۾ بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهہ ۽ بلوچستان جو وڏو وزير سرفراز بُگٽي پڻ شامل هئا. گرين پاڪستان جي عملدارن پاران صدر کي بريفنگ بہ ڏني وئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ هيٺيان اهم فيصلا ڪيا ويا.

1. صدر صاحب کي خيرپور ضلعي ۾ نارا ڪئنال جي ٻنهي پاسي ويهہ لک ايڪڙ زمين بابت ڄاڻ ڏني وئي. ڪيس ٻڌايو ويو تہ نارا جي ٻنهي پاسي 10 ڪلو ميٽرن جي پٽيءَ مان جر جو پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو. صدر صاحب، سنڌ جي وڏي وزير کي نارا ڪئنال جي ٻنهي پاسي زمين گرين پاڪستان انيشيئيٽو کي ڏيڻ ۾ مڪمل سهڪار جي هدايت ڪئي.

2. قمبر-شهدادڪوٽ ويجهو ڊئم جي اڏاوت بابت صدر صاحب ان جي ضرورت تي زور ڏنو تہ جيئن بلوچستان مان ايندڙ پاڻي ڪنٽرول ڪري سگهجي.

3. سنڌ سرڪار دراوت ڊئم تي 20 هزار ايڪڙ زمين ڄامشوري ضلعي ۾ مقامي عورتن جي سماجي ڀلائيءَ لاءِ رکي هئي. گرين پاڪستان پاران ان کي ڪارپوريٽ فارمنگ ماڊل وسيلي آباد ڪرڻ جي آڇ ڏني وئي.

4. صدر کي سنڌ ۾ سياحت کي وڌائڻ لاءِ ڊيزرٽ جيپ/بائيڪ ريلي، ڊيزرٽ ٽرين سفاري (ڪراچي کان ڪوڪرو پار) ۽ ٻين مذهبي ۽ ثقافتي ماڳن بابت ڄاڻ ڏني وئي. صدر صاحب، سنڌ جي وڏي وزير کي ان ڏس ۾ گرين پاڪستان ٽوئرزم لميٽيڊ سان مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

5. صدر صاحب کي ڪاري پاڻيءَ تي جهينگي جي پيداوار ۽ ڏيساور واپار وڌائڻ لاءِ هاڪس بي تي موجود نائوپلي (Naupli) مرڪز گرين پاڪستان انيشيئيٽو جي حوالي ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي. صدر صاحب اهو مرڪز گرين پاڪستان حوالي ڪرڻ جي هدايت ڏني. بلاول ڀُٽي زرداريءَ جهينگي جي فارمنگ لاءِ بدين ۽ ٺٽي ۾ بہ موقعا ڳولڻ جي اهميت تي زور ڏنو.

6. صدر صاحب کي گورک هل تي زيتون (Olive) جي پوک ۽ سياحت جي اهميت بابت ٻڌايو ويو. ڪيس ڪيرٿر رينج مان نئين رستي

وسيلي ڪراچيءَ ڪان پنڌ اڌو اڌ گهٽائڻ جي اهميت بابت بہ ٻڌايو ويو. صدر پاران گورک هِل رزارٽ گرين پاڪستان جي حوالي ڪرڻ ۽ روڊ جي اڏاوت جي منظوري ڏني وئي.

7. صدر صاحب سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن کي حڪم ڏنو ويو تہ پنجاب حڪومت جيان گرين پاڪستان کي پنهجي صوبن جي ساليانی بجيٽ مان بہ قرض فراهم ڪيو وڃي.

ان گڏجاڻيءَ ۾ ٻين معاملن تي بہ فيصلا ڪيا ويا، پر سنڌ سان لاڳاپيل اهي فيصلا اهم هئا.

ان صدارتي دوري ۾ ميٽنگ ڪانپوءِ سنڌ جون زمينون ۽ ٻيا وسيلا پاڻ صوبي جي بهتريءَ لاءِ استعمال ڪرڻ بجاءِ گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو حوالي ڪرڻ بابت بورڊ آف روينيو وسيلي ڪم هلندڙ آهي. گورک هِل کي گرين ٽوئرزم پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپنيءَ وسيلي هلائڻ لاءِ هڪ معاهدي تي 9 آگسٽ 2024ع تي صحيون ڪيون ويون. ان معاهدي هيٺ گورک هل تي 30 هزار ايڪڙ زمين گرين ٽوئرزم ڪمپنيءَ کي ڏني وئي آهي. ان ڏس ۾ صوبائي پروڪيورمينٽ جي قاعدن کان بہ سنڌ ڪابينا پاران ڇوٽ منظور ڪئي وئي. سنڌ ڪابينا پاران 11هين جولاءِ 2024ع تي ناريل جي پوک لاءِ ٽي هزار ايڪڙ زمين گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو جي حوالي ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. ان کان سواءِ ڪمپنيءَ کي هيئنين مدن ۾ وڌيڪ زمين ڏيڻ لاءِ پڻ ڳالهہ ٻولهہ هلندڙ هئي. اها زمين بہ ناريل جي پوک لاءِ ڏيڻ تي ڪم هلي رهيو هو.

– ويران ٻيلي ۾ ست هزار ايڪڙ زمين
– ساحلي پٽيءَ تي ڏهہ لک ايڪڙ زمين
– دريائي پٽيءَ ۾ ٻيلي جي پوک لاءِ ستر هزار ايڪڙ زمين

9 آگسٽ 2024ع تي قومي اسيمبلي اجلاس ۾ وفاقي وزير رانا تنوير ٻڌايو تہ SIFC ملڪ جي غيرآباد 48 لک ايڪڙ زمين تي ڪارپوريٽ فارمنگ ڪندي. ان ئي ڏس ۾ ڊان اخبار 20 جنوري 2025ع تي هڪ خبر



ڇاپي تہ انگران صوبائي حڪومت سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ 52,713 ايڪڙ زمين ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ گرين ڪارپوريٽ انيشيئيٽو جي حوالي ڪئي وئي آهي. ان زمين جا تفصيل هِن ريت آهن:

خيرپور (28 هزار ايڪڙ)، ٿرپارڪر (10 هزار ايڪڙ)، (دادو 9,305 ايڪڙ)، ٺٽو (هڪ هزار ايڪڙ)، سجاول (3,408 ايڪڙ) ۽ بدين (هڪ هزار ايڪڙ). خبر موجب ان مان ٽيندڙ منافعي مان 40 سيڪڙو سنڌ سرڪار کي ڏنو ويندو ۽ 20 سيڪڙو مقامي ريسرچ ۽ ترقيءَ تي خرچ ڪيو ويندو. 2 جنوري 2025ع تي سنڌ ڪابينا جي سب ڪميٽيءَ جو هڪ اجلاس عمرڪوٽ ضلعي ۾ 14 هزار ايڪڙ زمين ساڳي ڪمپنيءَ حوالي ڪرڻ لاءِ ڪوٺايو ويو. 4 جنوريءَ تي عمرڪوٽ جي مختيارڪار پاران ڪيڊيل هڪ ليٽر ۾ ضلعي اندر ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ وڌيڪ 195، 190 ايڪڙ زمين جي موجودگيءَ جو ٻڌايو ويو. ان ڪم جي شروعات گذريل سال صدر زرداريءَ پاران ڪئي وئي.

# Indus System and Cholistan Map






# باب پيو

## 【چولستان رڻا جو گهڻ رخي جائزو】



## چولستان کي سائو ڪرڻ جو تاريخي پس منظر

چولستان واري ريگستان کي سائو ڪرڻ واري نئين ڪوشش جي تاريخ هڪ صدي پراڻي آهي. هن ريگستان کي مقامي طور روهي به چيو ويندو آهي. 25 هزار چورس ڪلو ميٽرن کان وڌيڪ پکيڙ وارو هي ريگستان ڏاکڻي پنجاب جي ٽن ضلعن بهاولپور، بهاول نگر ۽ رحيم يار خان ۾ پکڙيل آهي. اڳاٽو هاڪڙو درياهه چولستان کي ٻن ڀاڱن يعني وڏو ۽ ننڍو چولستان ۾ ورهائي ٿو. وڌي سرڪار اڄ ڪلهه ڪارپوريٽ فارمنگ هيٺ ان علائقي ۾ 66 لک ايڪڙ علائقي کي سيراب ڪرڻ لاءِ گريٽر چولستان ۽ سمالر چولستان رٿائن جا سانباها ڪري رهي آهي.

ارڙهين صديءَ جي ٻئين اڌ ۾ بهاولپور ۾ اٿل واهن جو هڪ سرشتو جُڙي چُڪو هو جيڪو اُتي جي دائودپوٽن ٺهرايو هو. اصل ۾ شڪارپور سان تعلق رکندڙ دائودپوٽي سردار، صادق محمد خان کي ڪلهوڙن نيڪالي ڏني هئي ۽ هن چولستان وٽي پناهه ورتي هئي. دائودپوٽن ستلج، پنجند ۽ سنڌوءَ مان واهه کوٽي پنهنجون وستيون آباد ڪيون. اڳتي هلي هنن بهاولپور رياست ۾ پورو نهري نظام جوڙيو جنهن کي زميندارن جي چيڙ واري طريقي سان صاف رکيو ويندو هو. چيڙ جو نظام هلائڻ لاءِ ڪاردار مقرر ڪيو ويندو هو.

انگريزن 1849ع ۾ پنجاب تي قبضو ڪيو. ان کان سال اڳ 1848ع ۾ انگريزن پنجاب ۾ وڏي پيماني تي واهن وسيلي زراعت وارين رٿائن بابت سروي ڪرائي هئي. ان سروي جي آڌار نامور برطانوي انجنيئر پروبي ڪائوٽلي (Proby Cautely) ۽ ليفٽيننٽ بيرڊ سمٿ (Barid Smith) صلاح ڏني ته سڄي پنجاب جي پاڻيءَ کي ورائي 80 لک ايڪڙ زمين آباد ڪئي وڃي ته برطانيا لاءِ اهو سڀ کان نفعي وارو قبضو ثابت ٿيندو. هنن پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو ته سٽ لک رپيا خرچ ڪري واهه کوٽڻ

سان برطانيا کي ساليانو 34 لک رپيا منافعو ٿيندو. 1850ع جي ڏهاڪي ۾ راويءَ مٿان ماڌوپور هيڊورڪس وٽان اپر باري دوآب ڪئنال ٺاهيو ويو. 1868ع کان 1882ع وچ ۾ ستلج مان سرهند واهه کوٽيو ويو. 1880ع جي ڏهاڪي کانپوءِ برطانيا پاران ڪئنال ڪالونيز ٺاهڻ جي شروعات ٿي. درياهن جي وچ وارن پٽن (دو آبن) کي آباد ڪري پنجاب جي زرعي معيشت ۽ منظم ڳوٺن تي ٻڌل سماجي ڍانچي ٺاهڻ ۾ انهن رٿائن جي بنيادي ڪردار هو.

ايئن ويهين صديءَ جي شروعات وارن ورهين تائين پنجاب جي ندين جو پاڻي بئراجن ۽ واهن وسيلي ورهائجي چُڪو هو. اهي رٿائون وڏيڪ ناڻو ڪمائڻ، وفادار فوجين، چڱن مڙسن، گادين ۽ برادرين کي انعام طور زمينون ڏيڻ ۽ ڏوهاري قبيلن کي ڪرت سان لڳائڻ جي مقصد سان ٺاهيون ويون. انگريزن جي اها به دعويٰ هئي ته ننڍي ڪنڊ مان ڏڪار سبب وڏي انگ ۾ ماڻهن جي مرڻ جو سلسلو روڪڻ لاءِ اهي رٿائون ٺاهيون ويون. ڪيترن ئي محققن انگريزن جي نوآبادياتي زرعي معيشت کي ننڍي ڪنڊ مان ناڻو ڪمائڻ ۽ پنهنجي ملڪ واسين جي اناج ۽ صنعت جي گهرجن جي پورائي جو ذريعو قرار ڏنو آهي.

انگريزن، پنجاب، بهاولپور ۽ بيڪانير جي وارياسن علائقن جون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ ستلج ويلي رٿا شروع ڪئي. ان رٿا تي سوچ ويچار 1850ع ڌاري شروع ٿي، پر سياسي ۽ فني رنڊڪن سبب ان تي ڪم نه ٿي سگهيو. ان ڏس ۾ 1852ع ۾ ليفٽيننٽ اينڊرسن (Lieut.Anderson)، 1870ع ۾ ڪرنل ايچ ڊبليو گليور (Col.H.W.Gulliver)، 1872ع ۾ اينڊرسن (ٻيهر)، 1901ع ۾ ايس پريسٽن (S.preston)، 1903ع ۾ ڪرنل گري ۽ 1905ع ۾ جان بينٽن (John Benton) مختلف رٿائون پيش ڪيون، جن تي بهاولپور رياست کي مختلف اعتراض رهيا. بهاولپور رياست جي دعويٰ هئي ته ستلج نديءَ تي رڳو سندن حق آهي ۽ بيڪانير يا پنجاب ۾ ان نديءَ تان واهه کوٽي آبادي ڪرڻ ناجائز آهي. ڊسمبر 1918ع ۾



انگريزن دهليءَ ۾ ٽن ڏينهن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ته جيئن ستلج جي پاڻيءَ جي ورهاست جو معاملو نبيري سگهجي. بهاولپور رياست جي قانوني ماهر اُتي دعويٰ ڪئي ته انگريزن جي پارت ۾ اچڻ کان اڳ بهاولپور هڪ خودمختيار رياست طور ستلج جو پاڻي استعمال ڪندي رهي هئي، تنهنڪري ستلج جي پاڻيءَ تي ان جو حق آهي. ان تي ڪانفرنس جي صدارت ڪندڙ وائسراءِ هند جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي فنانس ميمبر سر ڪلائوڊ هِل (Sir Claude Hill) ان دعويٰ کي رد ڪندي چيو ته ستلج تي بهاولپور کان هيٺ سنڌ (جيڪا ان وقت برطانوي راج هيٺ هئي) جو به حق آهي. ان مان پتو لڳي ٿو ته ستلج جي هيٺاهين وهڪري تي سنڌ جي حق کي انگريزن به مڃيو هو.

ان ڪانفرنس وقت طئه ڪيو ويو هو ته پنجاب حڪومت (برطانوي راڄ هيٺ) رٿا جو دستاويز سمورين ڌرين کي فراهم ڪندي، پر بهاولپور رياست کي اهو دستاويز نه ڏنو ويو. بهاولپور رياست جو سربراهه رٿا جو دستاويز گهرڻ لاءِ خط اماڻيندو رهيو پر ڪيس جواب نه ڏنو ويو. هاڻي به پنجاب ۽ واپڊا وارا اهم رٿائن جا ڪيترائي دستاويز ڳجها رکندا آهن ۽ عوام کي انهن تائين پهچ ناهي هوندي.

ان ڪانفرنس کانپوءِ پنجاب جي چيف انجنيئر ايريگيشن ورڪس ايچ ڊبليو ايم آئيوز (H.W.M.Ives) نومبر 1919ع ۾ هڪ نئين رٿا پيش ڪئي. بهاولپور رياست کي موڪليل رٿا ۾ ستلج مٿان ٽي بئراج (فيروز پور، سليمانڪي ۽ اسلام) ۽ چوٿون پنجند بئراج ستلج ۽ چناب جي گڏپ هيٺان تجويز ڪيو ويو. ستلج جي ساڄي پاسي تان ٽي واهه (ديپالپور، ميلسي ۽ پاڪپتن) رٿيا ويا ۽ کاٻي پاسي بهاولپور لاءِ ڇهه واهه (صادقيه، فورڊ واهه، قائم واهه، بهاول، عباسيه ۽ پنجند) ۽ هڪ واهه بيڪانير لاءِ رٿيو ويو. بهاولپور رياست کي ان رٿا تي اعتراض هو ته ستلج مان ايترا گهڻا واهه ڪڍڻ سان خريف جي منڍ ۽ پڇاڙيءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ٿيندي. بهاولپور رياست جي ٽيڪنيڪل صلاحڪار جان

بينڪن کي تحفظات هئا تہ هن رٿا جي تياريءَ لاءِ سروي، ڪاٿي ۽ خرچن بابت گهربل انگ اکر ناهن ڏنا ويا ۽ ان رٿا لاءِ لڳايل ڪاٿو گهٽ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ پاڻيءَ بابت انگن ۾ وڌاءُ ڪيل آهي. انهن اعتراضن جي باوجود بهاولپور رياست ان رٿا تي راضپو ڏيکاريو، ڇو تہ ان ۾ رياست کي جهجهي مقدار ۾ پاڻيءَ جو حصو ملي رهيو هو. آخر تائين بہ بهاولپور رياست جو چيف انجنيئر مسٽر ڊيوس ان رٿا کي مڃڻ کان انڪاري هو. ان وقت رياست جو نواب ننڍي ڄمار جو هجڻ سبب ڪائونسل آف ريجنسي رياست جا معاملا هلائي رهي هئي.

آخرڪار 4 سيپٽمبر 1920ع تي بهاولپور، بيڪانير ۽ پارت جي برطانوي سرڪار وچ ۾ ان رٿا بابت ٺاهہ تي صحيون ٿيون. ستت ئي بهاولپور رياست جا رٿا جي مالي ڪاٿي گهٽ هجڻ وارو خدشو نيڪ ثابت ٿيو ۽ 1924ع ۽ 1926ع ۾ بہ پيرا نظرثاني ڪيل بجيٽ مطابق رٿا جي اصل قيمت 14.6 ڪروڙ مان وڌي 33.3 ڪروڙ ٿي وئي. ان مان 13.6 ڪروڙ بهاولپور کي ڏيڻا پيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ بهاولپور رياست جا پاڻيءَ بابت وڌاءُ ڪيل ڪاٿي وارو خدشو بہ نيڪ ثابت ٿيو. گورنمينٽ آف انڊيا پاران مقرر ڪيل هڪ جاچ ڪميٽيءَ واهن ۾ پاڻيءَ جي گهٽ هجڻ جي تصديق ڪئي. ان ڪميٽيءَ زمينون ورهائڻ واري شروعاتي هدف کي 20 لک ايڪڙن مان گهٽائي 9 لک ايڪڙ ڪرڻ جي رٿ ڏني. 1930ع کان 1940ع دوران ڏهن مان نوَ سال سليمانڪي ۽ اسلام بئراجن مان نڪرندڙ واهن ۾ پاڻيءَ جي تمام گهڻي کوٽ رهي. اڳتي هلي 1935ع ۾ رياست جي پاڻيءَ جو حصو 15 هزار ڪيوسڪ مان گهٽائي 13 هزار ڪيو ويو. 473 ميلن جي ڊيگهہ ۾ واهہ بند ڪرڻا پيا ۽ ان لاءِ رکيل ڏهہ لک ايڪڙ زمين بہ خالي ڇڏي وئي.

رٿا جي خرچ وڌڻ جو وڏو بار بهاولپور تي پيو. زمين جي وڪري مان بہ توقع کان گهٽ آمدني ٿي. مجبور ٿي رياست کي پنجاب سرڪار کان پهرين 6 سيڪڙو وياج تي 50 لک رپيا ۽ پوءِ هڪ ڪروڙ 24 لک رپيا



هندستان سرڪار کان قرض ڪڍڻو پيو. پنجاب سرڪار ان قرض جي موٽ ۾ رياست جي روينيو، فنانس ۽ زمينون ورهائڻ وارن کاتن جو انتظام پنهنجي ڪنٽرول ۾ ورتو.

جڏهن نون واهن تي زمينون آباد ڪرڻ جو وقت آيو تہ چولستان ۾ رهندڙ مقامي آبادي ان عمل کان گهڻي ڀاڱي ٻاهر رکي وئي. قرض لاهڻ لاءِ گهربل رقمن سبب زمين جو وڏو حصو نيلام وسيلي ورهايو ويو، جنهن لاءِ گهربل رقم مقامي ماڻهن وٽ نہ هئي. گهڻي ڀاڱي مقامي ماڻهو صدين کان مال چارڻ تي گذارو ڪندر هئا. صدين کان اتي آباد هجڻ سبب زمين تي سندن اوليتي حق هو، جنهن کي نظرانداز ڪيو ويو. زمين گهڻي ڀاڱي ريگستاني علائقي ۾ هئي ۽ سروي وغيره جا خرچ بہ زميندار تي رکيا ويا هئا. نتيجي ۾ پهرئين سال رڳو 11،593 ايڪڙ زمين 230 رپيا في ايڪڙ جي اگهہ تي وڪرو ٿي سگهي. ان مان بہ ڪيترائي زميندار قسطون نہ ڀيارڻ سبب زمين ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا.

مقامي ماڻهن کي زمينون ڏيڻ جي عمل کان ٻاهر رکڻ سبب گهڻي ڀاڱي زمين پنجاب جي ڳتيل آباديءَ وارن ضلعن سيال ڪوٽ، امرتسر، هوشيار پور، گورداسپور، جالنڌر، فيروز پور، لائلپور (فيصل آباد)، منٽگمري (ساهيوال)، شاهپور، شيخوپورا ۽ گجرانوالا جي آبادڪارن ورتي. انهن ضلعن جي ڳوٺن مان آيل آبادڪارن بهاولپور رياست جي مختلف علائقن ۾ پنهنجا نوان ڳوٺ آباد ڪيا. انهن ۾ گهڻي ڀاڱي آرائين، جٽ، راجپوت، اعوان ۽ پشاور، ميانواليءَ ۽ اٽڪ جي علائقن جا پٺاڻ شامل هئا. 76 سيڪڙو زمين رڳو آرائين ۽ جٽ برادرين جي ماڻهن ورتي. ايئن بهاولپور رياست جي ڊيموگرافي تبديل ٿي ۽ ڪيترائي علائقا پنجابي آبادڪارن جا ٿي ويا. سرڪار سندن ڳوٺن کي منظم طريقي سان ”چڪ بنديءَ“ هيٺ آباد ڪيو، جنهن ۾ مارڪيٽ، ڪچا روڊ ۽ ڪجهہ هنڌن تي ريلوي جي سهولت بہ ڏني وئي. چولستان جا ڪيترائي پڙپانگ علائقا ساوا ٿي ويا. اناج پڙين جي بنياد تي هارون آباد، حاصل پور ۽ يزمان منڊيءَ جا مرڪز

اسريا. بهاولپور رياست ۾ اها رٿا اچڻ کان اڳ 1921ع تائين 4 شهر ۽ 1020 ڳوٺ هئا، جن جو انگ 1941ع تائين وڌي 31 شهر ۽ 2443 ڳوٺن تائين پهچي ويو. نون آباد ٿيل علائقن ۾ 1921ع ۾ آبادي 7 لک 81 هزار هئي، جيڪا 1945ع ۾ وڌي ٻيڻي يعني 15 لک ٿي وئي. چشتيان، هارون آباد، فورٽ عباس، حاصل پور ۽ يزمان جا علائقا پنجابي آبادڪارن جا علائقا ٿي ويا ۽ صادق آباد، خانپور، الهه آباد ۽ رحيم يار خان ۾ مقامي آبادي جي شرح گهٽجي وئي. ايئن چولستان جي ريگستان جي آبادي جي نتيجي ۾ لکين ٻاهريان ماڻهو اچڻ سان مقامي آبادي پٺتي رهجي وئي ۽ اڄ تائين انهن علائقن جا سرائيڪي ڳالهائيندڙ گهٽي پاڳي مفلسيءَ واري زندگي گذارن ٿا. اهو ان دور جي ڪارپوريٽ فارمنگ جهڙو ئي هڪ نمونو هو پر ان ۾ جديد دور جي خانگي ڪمپنين بجاءِ قابض رياستي ڍانچو اڳواٽي ڪري رهيو هو. لکين ايڪڙ زمين غير مقامي آبادڪارن جي حوالي ڪرڻ سان علائقي جي زرعي اپت ۽ آمدنيءَ ۾ ته وڏي واڌ ٿي پر مقامي ماڻهو پنهنجي گذرسفر جي معيشت، قدرتي وسيلن تاريخي حقن ۽ سڃاڻپ کان محروم ٿي ويا.

سنڌ ۾ به سکر، ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج جي زمينن وسيلي ايئن ئي لکن جي انگ ۾ آبادڪار آندا ويا هئا ۽ هاڻي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي وري ساڳيو کيڏ کيڏڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. هڪ صدي اڳ چولستان ۽ اڌ صدي اڳ ون يونٽ وقت سنڌ ۾ زمينن جي والار جي تاريخ ورجائڻ جو اهو عمل سنڌ واسين لاءِ وجودي سوال ڪٽي آيو آهي.



## گريٽر چولستان رٿا: ڪالاباغ ڊئم جو نئون جنم

پنجاب، چولستان رڻ پٽ ۾ 66 لک ايڪڙن جي نئين زرعي زمين آباد ڪرڻ لاءِ هڪ رٿا ٺاهي آهي. 2023ع ۾ آگسٽ ۾ واپڊا پاران ان بابت هڪ فورم تي ان بابت پريزنٽيشن ڏني وئي. ان مقصد لاءِ ٽي نوان ڊئم، ٻه نوان بئراج، هڪ لنڪ ڪئنال ۽ ٻه نواز فيڊر ڪئنال ٺاهڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. انهن جا تفصيل هِن ريت آهن:

1. قادر آباد بئراج کان هيٺ چناب نديءَ تي ٽي ڊئم ٺاهيا ويندا. انهن ۾ شاهه جيوٽا ڊئم (1.3 ملين ايڪڙ فوٽ)، چنيوٽ ڊئم (1 ملين ايڪڙ فوٽ) ۽ مڊ رانجها ڊئم (1.2 ملين ايڪڙ فوٽ).
2. ستلج نديءَ تي ٻه نوان بئراج بهاول نگر بئراج (0.36 ملين ايڪڙ فوٽ) ۽ حاصل پور بئراج (0.9 ملين ايڪڙ فوٽ) تعمير ڪيا ويندا.
3. چنيوٽ ـ حاصل پور لنڪ ڪئنال تعمير ٿيندو جنهن جي ڊيگهه 195 ڪلو ميٽر ۽ گنجائش 15,000 ڪيوسڪ هوندي.
4. 110 ڪلو ميٽر ڊگهو فيڊر ڪئنال ۽ 130 ڪلو ميٽر ڊگهو مکيه واهه ٺهندو، جنهن جي گنجائش 8,500 ڪيوسڪ هوندي. ان سان 21 لک 32 هزار ايڪڙ زمين کي آبپاشي هيٺ آندو ويندو.
5. 70 ڪلو ميٽر ڊگهو فيڊر ڪئنال ۽ 100 ڪلو ميٽر ڊگهو مکيه واهه ٺهندو، جنهن جي گنجائش 5,500 ڪيوسڪ هوندي ۽ ان سان بهاولپور ۽ خانپور واري پٽيءَ تي 13 لک 33 هزار ايڪڙ زمين کي آبپاشيءَ هيٺ آندو ويندو.

ان جي تسلسل ۾ جنوري 2024ع ۾ پنجاب جي آبپاشي کاتي پاران ارسا اڳيان ان رٿا جي پهرئين مرحلي طور سمالر چولستان رٿا پيش ڪري ان لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي سند جاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي. ارسا ۾ سواءِ سنڌ جي ميمبر جي ٻئي ڪنهن به ان جي مخالفت نه ڪئي.

هن رٿا ۾ ڇهن ڪئنال سسٽمز جو ذڪر آهي. انهن ۾ فتح واهه، مراد واهه، هاڪڙا واهه ۽ هيرڻ واهه شامل آهن. ان سان گڏ ٽن موجود لنڪ ڪئنالن جي سڌاري جو ذڪر آهي. ان رٿا جو ڪاٿو 211 ارب رپيا لڳايو ويو. ان رٿا ۾ سليمانڪي هيڊ ورڪس وٽان هڪ فيڊر واهه ڪڍڻ جو ذڪر آهي، جنهن کي فلڊ سپلاءِ چئنل ڄاڻايو ويو آهي ۽ ان جي گنجائش 4122 ڪيوسڪ هوندي.

پنجاب آبپاشي کاتي جي پريزنٽيشن موجب ان رٿا جي منظوري پنجاب جي صوبائي ورڪنگ پارٽيءَ 16 نومبر 2023ع تي ڏني. پريزنٽيشن موجب ان رٿا کي مئي کان سيپٽمبر وچ ۾ پاڻي گهربل هوندو. جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ ان لاءِ پاڻي ٻوڏ وارن وهڪرن ۾ پنجاب جي حصي مان ڪٽڻ جو چيو ويو آهي. ان ڏس ۾ جولاءِ ۽ آگسٽ جي آخري ڏهاڪي ۾ 4,122 ڪيوسڪ تائين ٻوڏ جي پاڻيءَ جو استعمال ٻه ڄاڻايو ويو آهي. پنجاب دعويٰ ڪئي اهي ته ٻوڏ جي پاڻيءَ مان 1.36 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي مهيا ٿيندو. پر اڳتي هلي جڏهن ان رٿا جي پي سي ون تيار ڪري ان کي سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي (CDWP) اڳيان پيش ڪيو ويو ته ان جو منهن مهاندو بدلجي چڪو هو. ان دستاويز ۾ ان واهه جي رٿا جا اهم نقطا هِن ريت ڄاڻايل آهن:

رٿا جو نالو: چولستان ڪئنال ۽ سسٽمز جي اڏاوت ، پهريون مرحلو

ڪُٽيل وقت: 5 سال ۽ 11 مهينا (جولاءِ 2030ع تائين)

ڪُٽيل رقم: 211 ارب 33.9 ڪروڙ رپيا.

ارسا وٽان سرٽيفڪيٽ وٺڻ مهل ربيع ۾ واهه لاءِ گهربل پاڻيءَ جو ذڪر ئي نه هو پر سي ون دستاويز ۾ ڄاڻايو ويو ته ربيع ۾ ترمو، حويلي ۽ سڌنائي وٽ واڌو پاڻي موجود هوندو آهي. ان ڪري منگلا جو پاڻي سليمانڪي تائين پهچائي سگهبو (جتان اهو واهه ڪڍيو ويندو). هن رٿا جي ڪمانڊ ۾ بهاولپور ۽ بهاولنگر ضلعن وچ ۾ ڪل ڏهه لک ايڪڙ زمين ايندي. ان علائقي ۾ هن وقت ريگستان آهي، جنهن کي گهڻي ڀاڱي مال جي چاري لاءِ استعمال ڪيو



ويندو آهي. هن علائقي ۾ 40 کان 50 سيڪڙو زمين تي واريءَ جا ڍڙا موجود آهن. رٿا جي پهرئين مرحلي ۾ مروٽ جي علائقي ۾ ساڍا چار لک زمين آباد ڪئي ويندي.

واريءَ علائقي سبب هزار ايڪڙن لاءِ سراسري طور تي ڪيوسڪ پاڻي گهربل هوندو. واهه کي پڪو ڪيو ويندو ته جيئن پاڻيءَ جو سيمو گهٽائي سگهجي. مروٽ واهه فورٽ عباس کان 120 ڪلو ميٽر ڊيگهه ۾ پاڻي پهچائيندو. ان واهه مان 452 ڪلو ميٽرن جي مائنرز جو ڄار وڇايو ويندو.

رٿا جي ٻئين مرحلي ۾ چولستان جي ڏاکڻي پاسي 7 لک 40 هزار ايڪڙ زمين آباد ڪئي ويندي. ان لاءِ 2600 کان 2700 ڪيوسڪ پاڻي گهربل هوندو. ان پاڻيءَ کي زمينن تائين پهچائڻ لاءِ 675 ڪلو ميٽرن جي مائنرز جو ڄار تعمير ڪيو ويندو. ان کان اڳ 24 آگسٽ 2023ع تي واپڊا پاران هڪ پريزنٽيشن ۾ گريٽر چولستان رٿا جا تفصيل پڌرا ڪيا ويا. ان جا اهم تفصيل هِن ريت آهن:

- چولستان ۾ 60 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين کي آبپاشي هيٺ آندو ويندو.
- هڪ نقشي ۾ چناب مٿان ٽي ڊئم ڏيکاريا ويا. انهن جا وچور هِن ريت آهن:

| ڊئم جو نالو | اوچائي (ميٽر) | پاڻي ذخيرو (MAF) | بجلي جي پيداوار (ميگاواٽ) |
|---|---|---|---|
| مڊ رانجها ڊئم | 16 | 1.2 | 80 |
| چنيوٽ ڊئم | 16 | 1 | 80 |
| شاهه جيوٽا ڊئم | 16 | 1.3 | 80 |

- چنيوٽ وٽان سڄو سال حاصل پور ويجهو ستلج درياهه ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ 195 ڪلو ميٽر ڊگهو 15 هزار ڪيوسڪ جو واهه ٺاهيو ويندو.
- حاصل پور وٽ 17 ميٽر اوچو 0.9 ملين ايڪڙ فوٽ ذخيري جو بئراج ٺاهيو ويندو.

- هڪ 130 ڪلو ميٽر ڊگهي مکيه ڪئنال (8500 ڪيوسڪ) ۽ 110 ڪلو ميٽر ڊگهي فيڊر ڪئنال وسيلي فورٽ عباس کان يزمان منڊيءَ وچ ۾ پکڙيل 21 لک 32 هزار ايڪڙ زمين کي آبپاشيءَ هيٺ آندو ويندو.
- بهاول نگر ويجهو ستلج تي 12 ميٽر اوچائي وارو هڪ بئراج ٺاهيو ويندو جتي 0.36 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ٿي سگهندو.
- ان جي ڪمانڊ لاءِ 100 ڪلو ميٽر ڊگهو مکيه واهه ۽ 70 ڪلو ميٽر ڊگهو فيڊر واهه (5500 ڪيوسڪ وهڪري وارو) ٺاهيا ويندا، جن سان بهاولپور کان خانپور وچ ۾ 13 لک 33 هزار ايڪڙ آبپاشي هيٺ آندي ويندي.

انهن تفصيلن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته چولستان ۾ اٽڪل 48 لک ايڪڙ نئين زمين آباد ڪرڻ لاءِ سمالر ۽ گريٽر چولستان رٿائون ڪيڏيون وڏيون آهن. سنڌ کي انهن رٿائن تي شديد اعتراض آهن.

انهن مان ڪجهه اهم خدشا ۽ اعتراض هيٺ ڏجن ٿا:

1. ارسا وٽ رڳي 1991ع واري ٺاهه هيٺ پاڻيءَ جي ورڇ جي اختيار آهي. اها ان ٺاهه کان ٻاهر ڪنهن به رٿا لاءِ پاڻيءَ جي مهيا هجڻ جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جو اختيار نٿي رکي.

2. ٻوڏ جي وهڪرن تي هيڏو وڏو آبپاشي سرشتو جوڙڻ آبپاشي سائنس جي بنيادي پيڇڙي آهي. ٻوڏ جا وهڪرا هر سال ناهن ايندا. پاڪستان ۾ موسمياتي ڦيرگهير سبب ٻوڏن جي وهڪرن جي ڪا به ضمانت ناهي هوندي. ٻي ڳالهه ته ستلج ندي سنڌو طاس ٺاهه هيٺ ڀارت جي انتظام هيٺ آهي. ڀارت ان نديءَ ۾ ايندڙ واڌو وهڪرن کي پنهنجي سرحد اندر روڪي ۽ موڙي سگهڻ جو اختيار رکي ٿو. هاڻي فرض ڪريو ته ڪنهن سال ۾ واڌو پاڻي ستلج ۾ نٿو اچي ته پوءِ ايڏي وڏي ايراضيءَ لاءِ پاڻي ڪٿان ايندو؟ 1991ع واري ٺاهه ۾ پنجاب کي مليل پاڻي ته اڳي ئي صوبي جي واهن ۾ ورهايل آهي، جن تي آبادي ٿي رهي آهي. سنڌ کي جائز خدشو آهي ته اهڙن سوڪهڙي وارن ورهين ۾ چولستان رٿا لاءِ اڻ اعلانيل طور انڊس ريور سسٽم مان پاڻي موڙي لنڪ ڪئنالن وسيلي ان رٿا جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.



3. ٻوڏن جو واڌو پاڻي هن وقت مختلف دريائن مان وهندو سنڌوءَ ۾ شامل ٿيندو آهي ۽ اهو پاڻي هيٺ وڃي انڊس ڊيلٽا ۾ ڇوڙ ڪندو آهي، جتي ماحولياتي سرشتو اڳي ئي برباد ٿي چُڪو آهي. ٻوڏن جو پاڻي متي روڪڻ سان ڊيلٽا کي ملندڙ پاڻي وڌيڪ گهٽجندو ۽ ان جي ماحولياتي صورتحال وڌيڪ ابتر ٿيندي.

4. پنجاب پاران ستلج نديءَ ۾ 2023ع آيل ٻوڏ کان پوءِ هن رٿا کي ان بنياد تي تيزيءَ سان اڳتي وڌايو ويو آهي. ياد رهي ته ستلج ۾ اهو وهڪرو هندستان جي ڀاڪڙا ۽ پونگ ڊئمن ۾ غير معمولي برساتن سبب آيل وهڪرن جي نتيجي ۾ آيو هو. جيڪڏهن اهي ڊئم نه ڀرجن ها ۽ ڀارت انهن جا اٽل دروازا يعني اسپل ويز نه کولي ها ته ستلج ۾ اهڙو وهڪرو نه اچي ها. اها غير معمولي ٻوڏ 35 ورهين ڪانپوءِ آئي هئي. ان کي بنياد بڻائي نئين ڪمانڊ ايريا تيار ڪرڻ عقلمندي ناهي.

پنجاب پاران چيو پيو وڃي ته چولستان واهه ستلج درياهه مان ڪڍيو پيو وڃي، ان جو سنڌو درياهه سان ڪهڙو واسطو؟ اهي ٻئي دليل هڪ ٻئي سان سلهاڙيل آهن. تنهن ڪري انهن جي حوالي سان چولستان ڪارپوريٽ فارملنگ واري رٿا کي مجموعي طور سمجهڻ جي ضرورت آهي.

هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته پاڪستان جا سمورا درياهه ڪو الڳ الڳ درياهه نه، پر سنڌو درياهه جي گڏيل نظام جو حصو آهن. جنهن کي انڊس رور سسٽم چئجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ”انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا)“ قائم ڪئي وئي هئي. اهي سمورا درياهه پنجند کان هيٺ سنڌو درياهه جو حصو بڻجن ٿا. اوهان پاڪستان جي دريائي نظام جي نقشي کي ڏسندا ته اوهان کي اها حقيقت سمجهه ۾ اچي ويندي.

- بياس ندي ڀارت جي سرحدن اندر ستلج سان ملندي آهي.
- راوي ندي ٽرمو بئراج کان هيٺ چناب سان ملندي آهي.
- جهلم ندي، ٽرمو بئراج وٽ چناب سان ملندي آهي.
- ڪابل ندي، تربيلا کان هيٺ سنڌو درياهه سان ملندي آهي.
- اُپرندي پاسي جون نديون ستلج، راوي ۽ چناب هڪ ندي (چناب) جي شڪل ۾ پنجند بئراج وٽ هڪ ٿي، هيٺ اچي سنڌو درياهه سان ملنديون آهن.

ان ڪانسواءِ اهي سمورا درياهه 12 لنڪ ڪئنالن وسيلي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. انهن مان اٺ لنڪ ڪئنال 1960ع واري سنڌو طاس ناهه ڪانپوءِ ٺاهيا ويا ته جيئن هندستان کي وڪرو ڪيل راوي ۽ ستلج جي آباديءَ لاءِ پاڻي فراهم ڪري سگهجي. اهي هن ريت آهن:

- رسول - قادر آباد (جهلم - چناب)
- قادر آباد - بلوڪي (چناب - راوي)
- بلوڪي - سليمانڪي (راوي - ستلج)
- سڌنائي - ميلسي (راوي - ستلج)
- ترمو - سڌنائي (چناب - راوي)
- ميلسي - بهاول (ستلج - بهاول واهه)
- چشما - جهلم (سنڌو - جهلم)
- تونسا - پنجند (سنڌو - چناب)

مٿي ڄاڻايل تفصيل ڪانپوءِ سمجهڻ گهرجي ته سنڌو درياهه هڪ درياهه نه پر ڪيترن دريائن جو گڏيل نظام آهي. ان نظام جي ڪنهن به درياهه مان ڪٽان به نئون وهڪرو ڪڍيو ويندو ته اهو سڌي طرح نه ته اڻ سڌي طرح سنڌو درياهه جو پاڻي ڪٽي رهيو هوندو، ڇو ته اهي سڀ درياهه آخرڪار پنجند کان هيٺ گڏجي سنڌو درياهه جو حصو بڻجندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌ کي ستلج تي ٺهندڙ چولستان واري رٿا تي ڳڻتي آهي. گريٽر چولستان رٿا ۾ چناب مٿان تي ڊئم (شاهه جيوٽا، چنيوٽ ۽ مدرانجها) شامل آهن، جن جي ڪل ذخيري جو مقدار 3.5 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ساڳئي وقت چولستان فيڊر ڪئنال رٿا ۾ مٿي ڄاڻايل اٺن لنڪ ڪئنالن مان پهرين ٽن لنڪ ڪئنالز جي گنجائش وڌائي پئي وڃي. ان جا وچور هن ريت آهن:

1. رسول - قادر آباد لنڪ ڪئنال (19 هزار مان 25 هزار ڪيوسڪ)
2. قادر آباد- بلوڪي لنڪ ڪئنال (22 هزار مان 25 هزار ڪيوسڪ)
3. بلوڪي - سليمانڪي (24.5 هزار مان 28.7 هزار ڪيوسڪ)



سوال هي آهي ته جيڪڏهن چولستان واهه رڳو ستلج تي ٺهي رهيو آهي ته پوءِ چناب تي نوان ڊئم ڇو پيا ٺاهيا وڃن ۽ ٽن لنڪ ڪئنالن جي گنجائش ڇو پئي وڌائي وڃي؟ ان جو سادو جواب اهو آهي ته جيئن ته ستلج ۾ پاڻي ناهي ايندو، تنهن ڪري جهلم ۽ چناب جو پاڻي ستلج جي سليمانڪي بئراج وٽ آڻي چولستان رٿا لاءِ پاڻي فراهم ڪيو ويندو. هاڻي ان ڪان ٿورو اڳتي سوچيو ته جڏهن جهلم ۽ چناب جو پاڻي مٿاهينءَ کان ستلج ڏانهن موڙيو ويندو ته سوڪهڙي وارن ورهين ۾ انهن ٻنهي ندين جي هيٺين بئراجن (تِرمو ۽ پنجند) جي ڪمانڊ ايريا ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ٿيڻ اٽل آهي. اهڙي صُورتحال ۾ انهن ٻنهي بئراجن جي ڪمانڊ کي پاڻي پهچائڻ جو هڪ ئي طريقو بچندو. اهو آهي چشما - جهلم ۽ تونسا - پنجند لنڪ ڪئنالن وسيلي سنڌو درياهه جو پاڻي انهن بئراجن وٽ پهچائڻ.

ستلج، بياس ۽ راوي درحقيقت هندستان کي وڪرو ڪيل نديون آهن، تنهنڪري انهن جو پاڻي هوريان هوريان گهٽجي رهيو آهي، ڇو ته ڀارت انهن جو پاڻي پنهنجي استعمال ۾ آڻي رهيو آهي. 1976-98ع وارن ورهين دوران انهن ندين ۾ سراسري وهڪرو ساليانو 9.35 ملين ايڪڙ فوٽ هو جيڪو 1999-2023ع وارن ورهين ۾ گهٽجي 2.96 ملين ايڪڙ فوٽ وڃي بچيو آهي. ان صورتحال ۾ ستلج ۾ ته پاڻي هوندو ئي نه ته چولستان واهه کي ڪٽان ملندو. اهو ئي سبب آهي جو مٿي ڄاڻايل ٽن لنڪ ڪئنالن جي گنجائش وڌائي پئي وڃي. ان سڄي بحث جا مکيه نقطا هِن ريت آهن:

- ستلج درياهه ۾ گهربل پاڻي موجود ناهي، جيڪو چولستان رٿا کي ڏئي سگهجن.
- اها ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ جهلم نديءَ مان لنڪ ڪئنالن وسيلي ۽ چناب مان نون ڊئمن وسيلي پاڻي ستلج ڏانهن موڙيو ويندو.
- ان جي نتيجي ۾ جهلم ۽ چناب جي هيٺاهين وارن واهن تي پاڻيءَ جي جيڪا کوٽ ٿيندي، ان لاءِ خدشو آهي ته سنڌو درياهه جو پاڻي ٻن لنڪ ڪئنالن وسيلي موڙيو ويندو.

پهريان فرض ڪريون ته جهلم ۽ چناب ۾ سوڪهڙو نه ٿيندو، تڏهن به ستلج ۾ پاڻي نه هجڻ سبب وري به پاڻي ته انهن ٻن درياهن جو ئي موڙيو ويندو. واپڊا جي پريزنٽيشن موجب چناب مان 5 ملين ايڪڙ فوٽن تائين پاڻي ڊئم وسيلي ستلج کي پهچايو ويندو. اهو پاڻي هونءَ پنجند کان هيٺ سنڌو درياهه ڏانهن ايندو آهي. واپڊا جي اها به دعويٰ آهي ته ان لاءِ پاڻي ڀاشا ڊئم ٺهڻ سان مهيا ٿيندو. هڪ ته ڀاشا ڪڏهن پورو ٿيندو، ان جي ڪا خبر ناهي. ٻي ڳالهه ته ڀاشا ڊئم دراصل تربيلا جي اڌو اڌ ڪٽجڻ سبب اڳتي هلي ان جي متبادل طور ڪتب ايندو، ان مان ڪو به واڌو پاڻي نه ملندو.

گذريل 25 سالن جي انگن اکرن موجب 12 سال اهڙا رهيا آهن، جن ۾ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي نه ويو آهي. انهن مان 9 سال اهڙا هئا، جن ۾ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ 5 ملين ايڪڙ فوٽن کان به گهٽ پاڻي ويو آهي. ٻين لفظن ۾ ته جيڪڏهن چولستان رٿا ٺهيل هجي ها ته انهن 25 مان 9 سال ڪوٽڙيءَ کان هيٺ هڪ ڦڙو به پاڻي نه وڃي ها. ايندڙ ورهين ۾ ته وڌيڪ سوڪهڙي جا امڪان آهن، تنهنڪري اها رٿا ٺهڻ ڪانپوءِ گهٽ وهڪرن وارن ورهين ۾ سکر وٽ به کوٽ جو خدشو رهندو. جڏهن ته ڪوٽڙيءَ جا واهه پاڻيءَ جي شديد کوٽ جي ور چڙهي سگهن ٿا ۽ سنڌوءَ جي ڊيلٽا وارو علائقو ماحولياتي طور مڪمل بربادي‌ءَ جي ور چڙهي ويندو، جتي انساني آباديءَ جو رهڻ مشڪل ٿي ويندو.



# چولستان رٿا: جنوري 2024ع کان اڄ تائين جو جائزو

پنجاب پاران هي چولستان جي اسڪيم پهريان 2015ع ۾ تياري هيٺ آئي. انهن سالن ۾ ان جي اڏوگابري فيزيبلٽي تيار ڪرائي وئي. شروعاتي ڏينهن ۾ ان کي ايشيائي ترقي واري بئنڪ قرض ڏيڻ تي راضي هئي، جيڪو بعد ۾ ڪم اڳتي وڌي نه سگهيو.

17 جنوري 2024ع جي اِرسا جي ميٽنگ ۾، آبپاشي کاتي پنجاب حڪومت طرفان چولستان لاءِ گراس ڪمانڊ جي لڳ ڀڳ ستن لکن ايڪڙن (صافي ڇهه لک ڏهه هزار ايڪڙ) کي آباد ڪرڻ لاءِ 4121 ڪيوسڪ جي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي سرٽيفڪيٽ جي گُهر ڪئي وئي. ان جي گُهر تي سنڌ جي ميمبر سخت اعتراض ڪيو. ان جو موقف اِهو هو ته جڏهن پاڻي صوبن جي وچ ۾ اڳ ۾ ئي ورهائجي چُڪو هو ۽ ڏهاڪن کان هر سال اِرسا پاڻيءَ جي کوٽ ظاهر ڪندي آهي ته پوءِ ڪنهن نئين اسڪيم لاءِ پاڻي ڪٿان ۽ ڪيئن ايندو. سنڌ جي ميمبر طور مُنهنجا اعتراض هئا ته: سمورو منصوبو مفروضن تي ٻڌل آهي. جڏهن پنجاب چئي ٿو ته ”اسان پنهنجو پاڻي ڪٽنداسين“ ته هُو پنهنجو پاڻي ڪهڙي زمين جو گَٽي ڏيندو. جڏهن ٻوڏ وارن مهينن ۾ پاڻي نه اچي ته، ان جي جواب ۾ پڻ پنجاب چئي ٿو ته ”پنهنجو پاڻي ڏينداسين“ پر پنهنجي پاڻيءَ جو نه پيرو آهي ۽ نه ڪو نشان! ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي، ڇهن لکن کان مٿي ايڪڙن کي آباد ڪرڻ لاءِ ”اوچتو ضرورت جي مطابق پنهنجو پاڻي پهچائبو“ يعني پنهنجن تيار ۽ بيٺل فصلن جو پاڻي ڪڍي، ان نئين زمين کي پاڻي ڏيندا؟“ ٻوڏ واري مهينن کان اڳ، ان دوران يا ان ڪانپوءِ وارن مهينن لاءِ رڳو ”پنجاب پنهنجي حصي مان پاڻي ڏيندو چيل آهي“. اڪرم واهه جيترو پاڻي ڪٽيندڙ چولستان فيڊر ڪئنال جڏهن پنجاب جو پنهنجو پاڻي ڪٽندو ته پڪ سمجهو اِهو پنجاب جو نه پر هيٺاهن صوبن سنڌ ۽ بلوچستان جو پاڻي هوندو.

عبوري حڪومت واري عرصي ۾ 17 جنوري 2024ع تي ارساجي ميٽنگ ٿي. سنڌ جي اختلافي ووٽ سان، پاڻي هجڻ جو سرٽيفڪيٽ 1_4 جي نسبت سان 25 جنوري 2024ع تي جاري ٿيو. ميمبر سنڌ ان وقت ئي سنڌ حڪومت کي اطلاع ڏنو. ان وقت جي سيڪريٽري آبپاشي عبوري وزيراعليٰ سنڌ تائين ترت اِهو سنڌ جو اهم مسئلو پهچايو. سيد مقبول باقر نقوي 29 جنوري تي، ان وقت جي عبوري وزيراعظم پاڪستان انوار الحق ڪاڪڙ کي خط لکيو ۽ سنڌ جا شديد خدشا ظاهر ڪيا، جنهن ۾ وزيراعليٰ چيو ته سنڌ حڪومت کي خبر هئڻ ۽ اُن معاملي بابت تفصيل ڄاڻڻ ڪانسواءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو سرٽيفڪيٽ ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي. پنجاب اڳ ئي (1991ع واري اڪارڊ ۾ مليل پاڻي) پنهنجو حصو مڪمل طرح کڻي چُڪو آهي ۽ 2007ع ۾ اِهو ثابت ٿي چُڪو آهي. ٻي اِها ڳالهه چئي وئي ته اڪارڊ جي پيرا ستين مطابق ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻيءَ ڇڏڻو آهي، جيڪو اڄان تائين عمل ۾ نه آيو آهي ته پوءِ نئين زمين ڪيئن ٿي آباد ڪري سگهجي. پوين پنجويهن سالن جي پاڻي جي سراسري ڏسنداسين ته 14.07 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. 1976ع کان اِها 27 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿي. سو حقيقت ۾ پاڻي ته گهٽ مقدار ۾ ڪوٽڙي کان هيٺ وڃي رهيو آهي. اهڙي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ سان سنڌ جي پاڻي جي حقن کي ڇيهو رسندو.

هاڻ اچو ته ڪوٽڙي کان هيٺ ويندڙ پاڻي جي انگن اکرن کي ڏسون.

پوين 25 سالن ۾ 12 سال اهڙا آهن، جن ۾ 10 ايم اي ايف کان به گهٽ پاڻي هيٺ ويو آهي. انهن مان اٺ سال اهڙا آهن، جن ۾ 5 ايم اي ايف کان گهٽ ۽ ڇهه سال اهڙا آهن، جن ۾ ٻه يا ٻن کان گهٽ ايم اي ايف هيٺ پاڻي ويو آهي. انهن ئي 25 سالن ۾ جولاءِ ۾ سراسري 1.63، آگسٽ ۾ 6.83، سيپٽمبر ۾ 4.27 ايم اي ايف پاڻي هيٺ ويو آهي. آڪٽوبر کان وٺي جون تائين 0.3 کان 0.01 ايم اي ايف انهي پاڻي هيٺ ويو آهي. يعني پورا نَوَ مهينا هيٺ پاڻي ويندو ئي ناهي! 2000_1999 کان اڄ تائين (انهن ئي 25 سالن ۾) 18 سال اهڙا آهن، جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينا ڪوٽڙي کان هيٺ



ڦڙو به نه ويو آهي. انهن ۾ وري 13 سال اهڙا آهن، جن ۾ 200 ڏينهن تائين پاڻي جي بوند به هيٺ نه وئي آهي! هاڻ غور ڪريو ته جيڪڏهن مٿي پاڻي کي ورايو ويندو ته هيٺ ڪوٽڙي يا ڪوٽڙي کان مٿي پڻ ڇا ٿيندو؟!

سنڌ حڪومت جي نهڻ ڪانپوءِ سمالر چولستان جي مسئلي کي مسلسل کنيو ويو. سيڪريٽري آبپاشي ۽ وزير آبپاشي ڄام خان شورو ان تي انگن اکرن سان مرڪز سان احتجاج ۽ سي سي آءِ لاءِ ڪيس تيار ڪيو- ساڳي طرح سڄي سنڌ انهن ڏينهن کان اڄ تائين احتجاج ۾ آهي. سڀ پارٽيون: کاٻي ڌر، قوم پرست، ساڄي ڌر، اقتداري پارٽي، مخالف ڌر، سماجي ۽ سياسي تحرڪ ڪندڙ پارٽيون ۽ افراد، ليڪڪ، سول سوسائٽي. مطلب ته سڄي سنڌ هڪ آواز ٿي ڪئنالن خلاف، خاص ڪري چولستان ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جي ٻي فيز خلاف للڪاري رهي آهي.

جيڪڏهن ڪو به پراجيڪٽ ڪنهن خاص رقم کان مٿي هوندو آهي ته اُهو منظوري لاءِ مرڪز ۾ ويندو آهي. هي پراجيڪٽ پنجاب حڪومت جو آهي، جنهن کي پهريان پنجاب حڪومت جي پراونشل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي (پي ڊي ڊبليو پي) کي اُتان جي رٿابندي ۽ ترقي واري بورڊ منظور ڪيو. اُتان پوءِ هي مرڪز جي رٿابندي ڪميشن تي پهتو. اُتي وري سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي (سي ڊي ڊبليو پي) ٿيندي آهي. سنڌ جا حڪومتي طور تي ۽ سماجي طور تي تحرڪ جاري رهيا. ان پراجيڪٽ جي پري ’سي ڊي ڊبليو پي‘ (سي ڊي ڊبليو پي کان اڳ وارو مرحلو) سيپٽمبر 2024ع ۾ ٿي، جنهن کان اڳ سنڌ گڏيل مفادن واري ڪائونسل سي سي آءِ ۾ وڃي چُڪي هئي. ان ۾ سنڌ اُهي سڀ اعتراض اُٿاريا، جن جو ذڪر ڪري آيا آهيون. انهيءَ عرصي ۾ ان سان لاڳاپيل ٿيندڙ هر سرڪاري ميٽنگ ۾ سنڌ جي لاڳاپيل نمائندن (ادارتي ۽ سياسي)، ارسا جي ميمبر سنڌ سميت اعتراض اُٿاريندا رهيا آهن. سي ڊي ڊبيو پي واري ميٽنگس ۾ اِهو موقف سنڌ اُٿاريو ته ڇاڪاڻ ته سنڌ اڳ ۾ ئي سي سي آءِ ۾ ويل آهي، ان ڪري ان جي منظوري نٿي ڏئي سگهجي. پري سي ڊي ڊبليو پي ۾ پڻ هڪ

عجيب شرط پلاننگ ڪميشن طرفان وڌل آهي، جيڪا پراجيڪٽ جي پاڻي جي ڪٽت کي وائکو ڪري ٿي. اُن ميٽنگ جا منٽ چون ٿا تہ پنجاب حڪومت، رٿابندي ۽ ترقي واري بورڊ جي طرفان تفصيلي طور تي ٻڌائيندا تہ وهڪرا ڪيئن ائڊجسٽ ڪندا. (يعني ڪٿان پاڻي بچائيندا). وري ان ڪانپوءِ هدايت ڏيندي چون ٿا تہ ڪنهن بہ صُورت ۾ هلندڙ واهن جي ڪمانڊ جي پاڻيءَ جي حقن کي ۽ واسطيدار (زميندارن) کي ڇيهو نہ رسي! اڙي بابا جڏهن ”پنهنجو پاڻي، جڏهن بہ گُهربل هوندو تہ پنجاب ڏيندو“ تہ پوءِ ان پاڻي ڏيڻ جي ڪري هلندڙ واهن جي ڪمانڊ ۾ ۽ ماڻهن جي آباد زمينن تي فرق تہ پوندو! سو ان هڪ ڳالهہ ۾ ان ٿي هر ڳالهہ واضح آهي تہ ”پنهنجون هاڻوڪيون زمينون بہ آباد رکو ڪنهن جو پاڻي نہ ڪٽايو ۽ پوءِ بہ ڇهن لکن ايڪڙن (جنهن کي پي سي ون ۾ وري ڏهہ لک لکيو ويو آهي) واري نئين زمين آباد ڪيو!“ آخر ڪنهن جو پاڻي ويندو ان لاءِ؟!

پوئين عبوري حڪومت ۾ ايڪنڪ ميٽنگ جي فيبروري 2024ع ۾ سربراهي محترمہ شمشاد اختر ڪئي هئي، جنهن ۾ پڪ اِهو فيصلو آيو هو تہ پاڻيءَ سان لاڳاپيل هر پراجيڪٽ لاءِ سي سي آءِ جي منظوري ضروري آهي!

سو مختصر جملن ۾: چولستان جي اسڪيم جي سخت اعتراضن جي باوجود سي ڊي ڊبليو پي کان منظور ٿيل آهي. ٻيو اِهو تہ اِها اسڪيم اڃان تائين ايڪنڪ جي ايجنڊا ۾ نہ آئي آهي. سي سي آءِ جو پوئين هڪ سال ۾ اجلاس نہ ٿيو آهي، جنهن ۾ سنڌ پنهنجو موقف رکيو آهي. آئيني، قانوني ۽ قاعدن جي حساب سان ان اسڪيم کي زمين تي شروع ٿيڻ نہ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪو آئين، قانون ۽ قاعدن جي پاسداري رکي تہ!



# نئين رٿائن لاءِ پاڻي ڪٿان ايندو؟

پنجاب ۽ واپڊا هڪ عرصي کان اها دعوي ڪندا رهيا آهن تہ انڊس رور سسٽم ۾ تمام گهڻو واڌو پاڻي موجود آهي، جيڪو سمنڊ ڏانهن وهي زيان ٿي ٿو وڃي. ان ڳُوڙ کي ايترو عام ڪيو ويو آهي جو اهو سچ لڳڻ لڳو آهي. ان ڳُوڙ تي ٻڌل دعوي جي اُبتڙ حقيقت اها آهي تہ انڊس رور سسٽم ۾ پاڻي ضرورت کان گهٽ آهي. چولستان رٿا بابت بہ پنجاب جي دعوي آهي تہ چناب نديءَ ۾ 5 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي واڌو هوندو آهي، جنهن کي ستلج ڏانهن موڙي چولستان کي آباد ڪيو ويندو.

انڊس رور سسٽم جو واڌو پاڻي اهو هوندو آهي، جيڪو ان جي آخري بئراج يعني ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وهي. ان پاڻيءَ مان بہ عالمي ماهرن موجب 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ گهٽ ۾ گهٽ سراسري ساليانو وهڪرو آهي، جيڪو ڊيلٽا تائين پهچڻ گهرجي. هاڻي اچو تہ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وهڪري جا انگ اکر ڏسون.

- 1976_77ع کان 1998_99ع وارن ورهين دوران ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ساليانو سراسري وهڪرو 40.7 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو.
- 1999_2000ع کان 2023_24ع وارن ورهين دوران ساليانو سراسري وهڪرو گهٽجي 14 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو.
- موسمياتي تبديلين ۽ مٿانهين تي پاڻيءَ جي وڌيڪ استعمال سبب ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جا وهڪرا گهٽجي رهيا آهن. هاڻي فرض ڪريو تہ اهو سراسري 14 ملين ايڪڙ فوٽ جو ساليانو وهڪرو مهيا رهي ٿو تہ ان جي اڳيان پاڻيءَ جون ايندڙ وقت جون نيون گهرجون ڪيتريون آهن ۽ ان حساب سان ڪيترو واڌو پاڻي عملي طور موجود رهندو.
- پاڪستان پنهنجون ٽي اوڀرنديون نديون راوي، ستلج ۽ بياس 1960ع واري سنڌ طاس ناهہ هيٺ ڀارت کي ڏئي ڇڏيون هيون. انهن درياهن

مٿان پارٽ لڳاتار پنهنجون اڏاوتون ڪري رهيو آهي. 1976_98ع وارن ورهين ۾ انهن ندين جو ساليانو وهڪرو 9.35 ملين ايڪڙ فوٽ هو جيڪو 1999_2021ع وارن ورهين دوران اهو وهڪرو گهٽجي 2.98 ملين ايڪڙ فوٽ تي ويو آهي.

- ساڳي طرح اولهندين ندين سنڌو جهلم ۽ چناب جا وهڪرا انهن ورهين دوران 135.84 (ايم اي ايف) مان گهٽجي 120.79 (ايم اي ايف) بچيا آهن. معنيٰ ته انهن ندين جي وهڪرن ۾ ساليانو 15 ايم اي ايف جي لاٿ آئي آهي.
- مجموعي طور تي انڊس رور سسٽم ۾ پاڻي هِن ريت گهٽجڻ جو امڪان آهي:

| نمبر | وهڪرو | مقدار (ملين ايڪڙ فوٽ) |
|---|---|---|
| 1 | اوپر ندين جي بچيل وهڪري جو پارٽ ۾ استعمال | 2.98 |
| 2 | اولهندين نديم تي پارٽ کي مليل حق | 2.0 |
| 3 | افغانستان پاران ڪابل نديءَ جي پاڻيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال | 0.5 |
| 4 | پيرا 2 هيٺ پاڻي ناهه ۾ رڪيل 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ جي پيٽ ۾ سراسري 95.85 ايم ايف وهڪرو | 21.5 |
| 5 | ڪوٽڙيءَ کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ وهڪرو | 8.6 |
| 6 | مختلف رٿائن جي گهرج | |
| | ديا مير پاشا ڊئم | 6.4 |
| | مهمند ڊئم | 0.88 |
| | نئين گاج ڊئم | 0.16 |
| | ڪرم تنگي ڊئم | 0.9 |



| | | |
|---|---|---|
| | نوان واهه (ڪڇي)، ريڻي، گريٽر ٿل، جلال پور، پٽ فيڊر ايڪسٽينشن | 3.34 |
| | چشما رائيٽ بئنڪ واهه | 1.19 |
| | ايل بي او ڊي ۾ زمين جي بحاليءَ لاءِ رڪيل | 2.2 |

ان واڌو پاڻيءَ جي گهرج جو ڪل مقدار 50.65 ملين ايڪڙ فوٽ بڻجي ٿو. ان مان جيڪڏهن ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وهندڙ ساليانی سراسري وهڪري 14 ملين ايڪڙ فوٽ کي ڪٽجي ته سسٽم ۾ ساليانو 36.63 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جو گهاٽو نظر اچي ٿو.

2005ع ۾ وفاقي حڪومت پاران عالمي ماهرن جي پينل کان ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ وهڪري بابت هڪ اڀياس ڪرايو ويو. ان پينل پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ته ڪوٽڙيءَ بئراج کان هيٺ روزانو پنج هزار ڪيوسڪ پاڻي وڃڻ گهرجي. پينل اهو به چيو ته هر پنجن سالن ۾ هڪ ڀيرو 25 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو به وڃڻ گهرجي ته جيئن لَٽ کي ڊيلٽا تائين پهچائي سگهجي. ان حساب سان ساليانو سراسري وهڪرو 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ بيهي ٿو. ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وهڪرن کي اڄ تائين يقيني ناهي بڻايو ويو. ان جا وچور هِن ريت آهن:

1. سن 2000ع کان 2024ع وارن 25 ورهين مان 13 ورهيه اهڙا هئا، جن ۾ 200 کان وڌيڪ ڏينهن ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻي ناهي ويو. انهن ۾ پنج ورهيه ته اهڙا هئا، جن ۾ 300 ڏهاڙا پاڻي هيٺ ناهي ويو.
2. سن 2001ع کان 2023ع وچ ۾ 10 سال اهڙا رهيا آهن، جن ۾ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ عالمي ماهرن جو تجويز ڪيل گهٽ ۾ گهٽ 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ جو وهڪرو ناهي ويو.

ورلڊ بئنڪ جي 2005ع جي رپورٽ نمبر 44375 “Pakistan’s water economy running dry” جي صفحي 26_27 تي ڄاڻايو ويو آهي ته ايندڙ اڌ صديءَ ۾ گليشيئر ڳري رهيا هوندا.

انهن ورهين ۾ وڏا وهڪرا اچي سگهن ٿا، پر ان کان پوءِ گليشيئر ڳري ويندا ۽ انڊس بيسن جي درياهي وهڪرن ۾ 30 کان 40 سيڪڙو لاٿ اچي سگهي ٿي. 12 سيپٽمبر 2024ع تي روزاني ڊان اخبار ۾ ڇپيل هڪ خبر ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ موسمياتي تبديليءَ بابت انٽرنيشنل سينٽر فار انٽيگريٽيڊ مائونٽين ڊولپمينٽ (ICIMOD) پاران منعقد ڪيل هڪ ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (NDMA) جي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ چيو تہ ملڪ جا برفاني جبل ساليانو 3 سيڪڙو جي رفتار سان ڳري رهيا آهن. هن چيو تہ برفاني جبل 23.3% ڳري چُڪا آهن. هن چيو تہ گليشيئر ڳرڻ سان وقتي طور اضافي پاڻي ايندو پر ڊگهي مدي ۾ ان جا اگرا نتيجا نڪرندا.

ڪيترين ئي تحقيقي رپورٽن ٻڌائين ٿيون تہ پاڪستان ۾ موجود اٽڪل 7 هزار گليشيئرز مان ڪيترا ئي تيزيءَ سان ڳري رهيا آهن ۽ ان سان وقتي وڏن وهڪرن کان پوءِ انڊس بيسن ۾ پاڻيءَ جي وڏي کوٽ پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

موسمياتي تبديليءَ سبب مينهن ۽ برف جي وسڪاري جو رويو بہ بدلجي چُڪو آهي. پاڪستان جي موسميات کاتي موجب سال 2024ع ۾ نومبر کان وٺي فيبروريءَ جي منڍ تائين سخت سوڪهڙو هلي رهيو آهي. انهن مهينن دوران ملڪ اندر اٽڪل 40 سيڪڙو گهٽ مينهن وسيا آهن. سنڌ ۽ پنجاب جي اڪثر علائقن ۾ رواجي مينهن جي ڀيٽ ۾ سئو سيڪڙو گهٽ مينهن پيو آهي. ان صُورتحال ۾ نيون ڪارپوريٽ فارمنگ رٿائون ۽ ان لاءِ ٺهندڙ آبپاشي رٿائون جٽادار ثابت نہ ٿي سگهنديون.



# سراسري انگن اکرن جي سنڌ سان رچايل راند

سراسري کي انگريزيءَ ۾ ايوريج يا ”مِين“ چئجي ٿو. ان جا مختلف قسم آهن. پر اچو تہ ان انگي حساب ۽ شماريات (اسٽيٽسٽڪس) جي انهي اسم کي سولائيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. ڪنهن دڪان تي پنج ماڻهو بيٺل آهن. هڪ جي پگهار 28000، ٻئي جي 30000، ٽئين جي 30000، چوٿين جي 32000 هزار آهي ۽ پنجون جيڪو مئنيجر آهي تہ ان جي ٻہ لک پگهار آهي. پنجن جي پگهار گڏائبي تہ ٽي لک ويهہ هزار ٿيندي. هاڻ دڪان تي بيٺل هر هڪ جي سراسري پگهار معلوم ڪرڻي هوندي تہ ان جوڙ ڪيل رقم کي پنجن سان ونڊ ڪبو. 64000 هر ڪنهن جي پگهار ٿيندي. ان کي چئبو سراسري پگهار! جڏهن تہ پاڻ ڏٺوسين تہ انهن مان چئن ڄڻن جي پگهار ته ٽيهن هزار يا ان جي لڳ ڀڳ آهي! سو ان ننڍڙي مثال مان سمجهڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ شيءِ جي باري ۾ تجزيو يا تحقيق ڪندي عام سراسري واري انگن اکرن سان نتيجا معلوم نٿا ڪري سگهجن، بلڪل ڪافي حالتن ۾ اِهي نتيجا حقيقت کان لنوائيندڙ ۽ ڪنهن شيءِ جو ڪوڙو رُخ سامهون ڪڍي ايندا آهن.

سراسري (ايوريج)، ٽي رقمي (ٿري ويليو ورڊ پرابلم)، ننڍي عام ڀيج اُپت (ليسٽ ڪامن ملٽيپل)، اڻپور (فريڪشن)، نسبت تناسب (ريشو پروپورشن) ۽ ٻيو مُول (اسڪائر روٽ) انگي حساب جون اُهي شيون آهن، جيڪي سنڌي پنجين درجي ۾ سيکاريون ويندون آهن ۽ پاڻ پڻ ان وقت اِهي سکيا هئاسين.

وسيلن جي ورڇ جي باري ۾ آسان سراسري واري فارمولا تي ڪيئن ٿا فيصلا ڪري سگهون!؟ ان سراسريءَ جي انگن اکرن جي راند سان سنڌ پاڻيءَ جي حقن تي راتاها سَنا آهن. 1960ع واري سنڌ طاس معاهدي وقت تہ سنڌ جو نہ هو والي نہ ئي وارث، پوري پاڪستان جا ٽي دريا هندستان حوالي ٿيا ۽ ٽي دريا (سنڌو، چناب ۽ جهلم) پاڪستان کي مليا. جهلم ۽ سنڌو جي تہ جاگرافي

اهڙي آهي، جنهن جي پاڻين تي هندستان ڪا وڏي دست اندازي ڪري ئي نہ پئي سگهيو. جيڪا هئا ئي اسان وٽ سي اسان جا ٿيا! هڪ چناب جي عيوض ٽي پورا دريا ڌارين جي در تي پئسن عيوض وڪڻي آيا سون. انگن اکرن جي پهرين وڏي ويساهہ گهاتي سنڌ سان اُتي ڪئي وئي.

1991ع جي پاڻي معاهدي ڪانپوءِ انهن انگن اکرن کي هيٺ مٿي ڪندي ڪڏهن وزيرن جي ڪميٽي تي پاڻي جو ورهاڱو، ڪڏهن ٽري ٽيئر جي ايجاد تہ ڪڏهن جلال پور رٿا، ڪڏهن گريٽر ٿل ڪئنال تي زوراوري ۽ هاڻ ان جي ٻي فيز چؤبارا ۽ وري چولستان رٿا لاءِ پاڻيءَ جي هجڻ جي منظوري ارسا مان، سا بہ آبپاشي کاتي پنجاب طرفان اِن سراسري جي سهاري سنڌ جي ميمبر، حڪومت، عوام ۽ هر فرد جي سخت مخالفت جي باوجود ورتي وئي.

ان پوري پسمنظر ۾ اچو ڏسون تہ ڪيئن سادي سراسري سان اڻلڀ پاڻي جو مقدار واڌو ۾ پيدا ڪري سگهجي ٿو.

ڪنهن پراجيڪٽ/آبپاشيءَ جي اسڪيم جي اقتصادي، ٽيڪنيڪل، ماحولياتي ۽ سماجي لحاظ سان لائق هجڻ کان اڳ اِهو ڏسڻ ضروري هوندو آهي تہ ان لاءِ گهربل جائز پاڻي آهي يا نہ؟ ان جي جواب ۾ سڌو سنئون 'نہ' جواب اچي ٿو. ان کي وڌيڪ گهرائيءَ سان تجزيو ڪرڻ کان اڳ ان اسڪيم جي ٻين ذڪر ڪيل پهلوئن تي سرسري ويچار ڪريون ٿا. اها ڳالهہ ذهن ۾ رکندي تہ سنڌ جو مؤقف سائنسي، شمارياتي ۽ تحقيقي بنياد تي آهي، ان اسڪيم لاءِ پاڻي ناهي. چولستان هڪ قدرتي نهيل ايڪو سسٽم آهي، جتي برسات تمام گهٽ پئي ٿي ۽ پاڪستان جو انتهائي گرم صحرائي علائقو آهي. اُتان جي واري چرپر ڪندي رهندي آهي، ان ڪري اِهو موونگ سينڊ/ڊيونز، چرندڙ واري وارو علائقو آهي، جتي ڪوٺيل واهہ لنجڻ ۾ دير نٿي لڳي. ٻيو اِهو تہ جيڪو گوناگون نظام آبپاشيءَ جو ناهيو پيو وڃي، اُهو عام حالتن ۾ ايتري ايراضي کي آباد ڪرڻ ۾ ايندڙ خرچ کان ڏهونڻون (ڏهہ دفعا ، يعني هڪ هزار سيڪڙو) وڌيڪ خرچ ايندو! اقتصادي طور تہ شايد امير ترين ملڪ بہ ان کي نہ جوڙين! پر جيڪڏهن پئسو هجي تہ بہ بنا پاڻي جي يا ٻي جو پاڻي ڪٽڻ سان پنهنجا سدا واهہ تہ نہ ناهبا! سماجي طور تي



ايذائي لکن کان مٿي چولستاني ۽ سندن 15 لک گگدام پنهنجن چراهگاهن ۽ ٽوڀن کان ٻاهر هليا ويندا. ماحولياتي طور صدين ۾ نهيل ايڪو سسٽم ڪجهہ سالن ۾ خراب ٿي ويندو. ٻولي، ثقافت، وٿاڻ، ڪارج، هنر ۽ هنرمند جيئن منڇر جي عاليشان پاڻي وارن ٻيڙين تي ٻڌل ڳوٺن کي آر بي او ڊي پراجيڪٽ چند سالن ۾ چڙوچڙ ڪري وڌو سو شايد هتي بہ ٿئي!

سراسري جي باري ۾ هڪ سولو پر سمجهہ ڏيندڙ مثال سائين محمد ادريس راجپوت پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو هو تہ "ڪنهن واهہ ۾ سراسري پاڻي ٽي فوٽ آهي. ان ۾ ڪٿي بہ فوٽ تہ ڪٿي وري ست فوٽ پڻ آهي. هڪ پنجن فوٽن جي قد سان همراهہ جنهن کي ترڻ نہ ايندو هجي، ان کي چئجي "ابا سراسري ٽي فوٽ پاڻي آهي، اَلاهي توهار ڪر!" سو پاڻيءَ جي سادي سراسري ايئن آهي. ان مثال مان ڪجهہ ڳالهيون سمجهہ ۾ اچن ٿيون. پاڻي جو گهٽ ۾ گهٽ ۽ وڌ ۾ وڌ عمق ڪيترو آهي. گهرو پاڻي، پوري پاڻيءَ جي ويڪر ۾ ڪيتري حصي ۾ آهي، ان کان ڪنارو ڪيترو پري آهي، يا ان جي پرسان ڪي وڻ يا لامون يا ڪي بچاءُ وارا رسا آهن يا اُونهي پاڻي کان چؤڦير تراڪڙو پاڻي ڪٿي آهي، ڪٿي وَٽ وٺي ٽپي سگهجي ٿو ۽ ڪهڙا ٻيا سهارا اڻ تاري ماڻهو لاءِ ٿي سگهن ٿا. صرف هڪ واهہ مان ٽپڻ لاءِ هيترا سارا عنصر ڏسڻا ٿا پون. چولستان لاءِ پاڻي ڏيڻ جو بنياد صرف هڪ پيراميٽر (عنصر) اُهو بہ صفا سادي سراسري جي حساب سان 1976ع کان 24-2023ع تائين سراسري پاڻي 27 ملين ايڪڙ فوٽ ڪوٽڙي کان هيٺ وڃڻ تي پاڻي هجڻ جو فيصلو ٿيو!

مون ۽ نصير ميمڻ صاحب پنهنجن ڪئي مضمونن ۾ ان بابت لکيو آهي. 25 فيبروري واري مضمون ۾ نصير ميمڻ ان جو تفصيلي جائزو ورتو آهي. اچو تہ پاڻ سنڌ جو سبق پڪو ڪرڻ لاءِ ان سراسري انگن جي هيرڦير کي مثالن سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

هاڻ پنجاب جي ئي ڏنل ٽيبل کي ٻن سراسري رقمن ۽ سولي ڳَڻ جوڙ سان جائزو وٺون ٿا. سندن ڏنل سيئي انگ اکر ساڳيا رکون ٿا ۽ صرف ڪوٽڙي کان هيٺ ويندڙ سراسري پاڻي کي زميني حقيقتن مطابق تبديل ڪريون ٿا:

## ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي وهڻ جا ٻہ سراسري انگ اکر ۽ بدليل حقيقت

| ڪوٽڙي هيٺان سراسري نيڪال<br>(1999_2023)<br>14.035 ايم اي ايف | ڪوٽڙي هيٺان سراسري نيڪال<br>(1976_2023)<br>27 ايم اي ايف |
|---|---|
| ڪٽوتيون: | ڪٽوتيون: |
| 8.6 ڪوٽڙي هيٺان لازمي نيڪال: | 8.6 ڪوٽڙي هيٺان لازمي نيڪال: |
| پاڻي جو ٺاهہ/سراسري استعمال جو فرق:<br>11 | پاڻي جو ٺاهہ/سراسري استعمال جو فرق:<br>11 |
| ڪل ڪٽوتيون:<br>19.6 | ڪل ڪٽوتيون:<br>19.6 |
| خالص بچيل دستيابي:<br>5.565_ | خالص بچيل دستيابي: 7.4 |
| ٻوڏ جي پاڻي جو پنجاب جو حصو @37%:<br>2.05905_ | ٻوڏ جي پاڻي جو پنجاب جو حصو @37%:<br>2.738 |
| نون منصوبن لاءِ واعدا: | نون منصوبن لاءِ واعدا: |
| گريٽر ٿل ڪئنال: 0.64 | گريٽر ٿل ڪئنال: 0.64 |
| موجوده ٿل ڪئنال جي نئين سر جوڙجڪ: 0.42 | موجوده ٿل ڪئنال جي نئين سر جوڙجڪ: 0.42 |
| جلالپور ڪئنال پروجيڪٽ:<br>0.156 | جلالپور ڪئنال پروجيڪٽ:<br>0.156 |
| گريٽر چولستان ۾ ترقي: 0.192 | گريٽر چولستان ۾ ترقي: 0.192 |
| ڪل (جي ٽي سي، ٿل، جلال، گريٽر جو): 1.408 | ڪل (جي ٽي سي، ٿل، جلال، گريٽر جو): 1.408 |
| خالص ٻوڏ جو دستياب پاڻي:<br>3.46705_ | خالص ٻوڏ جو دستياب پاڻي:<br>1.33 |



جڏهن سراسري انگ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي وهڻ جو (1976_2023) 27 ملين ايڪڙ وجهون ٿا. ان مان 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ گهربل پاڻي جيڪو تحقيقن جي نتيجي ۾ سامهون آيو ان کي ڪٽوتي ڪري، وري پاڻيءَ جي معاهدي مطابق ۽ سراسري استعمال ۾ ايندڙ فرق لاءِ 11 ملين ايڪڙ ڪٽيون ٿا تہ صافي پاڻي 7.49 ملين ايڪڙ بچت ۾ ڏيکارڻ ۾ اچي ٿو. ان پاڻيءَ کي چئني صوبن لاءِ ٻوڏ وارو واڌو پاڻي تسليم ڪري پنجاب ان مان 37 سيڪڙو ڪٽي ٿو تہ اِهو 2.77 ملين ايڪڙ ٿئي ٿو. يعني پنجاب جي انگن اکرن مطابق هي ٻوڏ وارو پاڻي سندس آهي، جيڪو هو ڪٽي سگهي ٿو. وري پوءِ گريٽر ٿل ڪئنال، ٿل ڪئنال جي ريماڊلنگ، جلال پور ڪئنال ۽ گريٽر چولستان جي اسڪيمن جو جوڙيل پاڻي 1.408 ٻوڏ واري پاڻيءَ مان (پنجاب جو حصو) ڪٽ ڪري (2.77_1.408) ٻڌايو ٿو وڃي تہ 1.36 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي مان 4 پيرا تحت 0.448 چولستان لاءِ ڪڍندو! (پيرا 14 d تحت 0.132 پڻ ڪڍندو. ڪل 0.58 ملين ايڪڙ فوٽ)

سادن لفظن ۾ پنجاب وٽ 27 ملين ايڪڙ جي سراسري انگ مطابق پاڻي موجود آهي (سو بہ ڪو ايڏو گهڻو ڪونهي!)

پوين سٺ سالن ۾ (هر ڏهاڪي جي حساب سان) سراسري ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي گهٽ ٿيو آهي جو آخري پنجويهن سالن ۾ (1999_2023/24) اِهو وڃي 14.03 رهيو آهي. هاڻ جيڪڏهن 27 جي جاءِ تي 14.035 وجهون ٿا تہ پورو وايومنڊل ئي بدلجي ٿو وڃي! پنجاب جو ٻوڏ (پيرا 4) وارو واڌو ڏيکاريل بہ ڪاٽو 2.06_ تي ٿو پوي. پنجاب جو صافي پاڻي وڃي ڪاٽو 3.46_ ٿئي ٿو. يعني تہ پنجاب لاءِ، نہ ئي وري سنڌ لاءِ ڪو واڌو پاڻي موجود آهي جو نوان ڪئنال ٺاهجن. هن ۾ تہ اڃان مفروضو آهي تہ ٻوڏ وارو پاڻي ايندو. جيڪڏهن ٻوڏ وارو پاڻي نہ اچي تہ!؟ ان مان اڃان ڪابل جو پاڻي جيڪو افغانستان کي ڏيڻو آهي، اوپاري ندين مان ايندڙ پاڻي (جن تي پاڪستان جو ڪو حق ڪونهي) ۽ ڊئمن ۽ ٻين اسڪيمن جو پاڻي ڪاٽو ڪجي تہ ڳالهہ وڃي ڪٿي بيهندي!

هاڻ جيڪڏهن آبپاشي کاتي پنجاب جي ڏنل انهي ٽيبل ۾ 1976ع کان وٺي اڄ تائين ڪوٽڙي کان هيٺ ويندڙ پاڻي جو ڪاٿو لڳائيندا سين ته پورين 49 سالن ۾ صرف نو دفعا پاڻي پنجاب (۽ سنڌ) لاءِ واڌو آهي. يعني 49 سالن مان 40 سال پاڻي ايترو نه هيو جنهن جو ڪاٿو پنجاب پنهنجي لاءِ هٽي چولستان لاءِ پاڻي گهريو آهي ۽ ارسا کان ورتو آهي. وري پورين چاليهن سالن ۾ صرف چار دفعا واڌو پاڻي آهي. پورين پنجويهن سالن ۾ صرف ٻه سال اهڙا آهن، جنهن ۾ ان ٽيبل ۾ واڌو پاڻي ظاهر ٿيندو!

هي پنجاب حڪومت جي پنهنجي ڏنل ٽيبل اهي! ارسا جا صوبن کان ورتل انگ اکر آهن، جنهن جي مطابق پاڻي آهي ڪونه! هاڻي ٻڌايو جيڪو پاڻي 25 سالن ۾ صرف ٻه دفعا آيو ۽ چاليهن سالن ۾ صرف چار دفعا، انهن تي ايڏي وڏي اسڪيم ٿا هبي؟! جيڪڏهن نئين زمين آباد ڪرڻي آهي ته پڪ سمجهو آباد زمينن ۽ هيٺاهين وارن صوبن جو پاڻي ڪسبو! سنڌ جو پاڻي ڪٽندو! ”نئين رٿائن لاءِ پاڻي ڪٿان ايندو؟“ واري مضمون ۾ جيڪا ٽيبل صفحي 65 تي ڏنل آهي، اهي سنڌ حڪومت جا انگ اکر آهن. سنڌ جو مؤقف واضح آهي ته پاڻيءَ ڪنهن ٻه نئين پراجيڪٽ ته ٺهيو پر آباد زمينن لاءِ ڪافي ناهي.

# باب ٽيون

## 【سنڌ ـــ پنجاب پاڻيءَ تڪرار جي مختصر تاريخ】

# سنڌ - پنجاب پاڻي تڪرار جي مختصر تاريخ

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ ڪجهه سالن کانپوءِ 1849ع ۾ پنجاب فتح ڪيو. سنڌو درياهه ۽ اُن ۾ ڪِرندڙ ٻين دريائن جي بنيادي سروي انگريز قبضي کان اڳ ئي ڪري چُڪو هو. سنڌو طاس (انڊس بيسن) ۾ سنڌوءَ کان سواءِ چناب، جهلم، راوي، ستلج ۽ بياس نديون شامل آهن. ان سان گڏ ڪابل، سوات ۽ ڪئي ٻيا ننڍا درياءُ پڻ ان پوري سرشتي ۾ ڪِرن ٿا.

ٻين ڪئي اهم ڪم ڪرڻ سان گڏ انگريز هڪ وسيع فتح ڪيل ننڍي کنڊ ۾ اڏاوتي لحاظ کان ٻه اهم ڪم ڪيا. هڪ ريلوي جو نظام برپا ڪرڻ ۽ ٻيو آبپاشيءَ جي سرشتي کي (هنن جي پنهنجي نظر ۾) وسيع علائقن تائين ڦهلائي زرعي اُپت وڌائڻ اُها ته سندن گهرج واري جنسن ۾ ته جيئن برطانيه ۾ ڪارخانن تائين اِهو خام مال ۽ جنسون پهچي سگهن. هتي قبضو اقتصادي طور وسيلن کي پنهنجو ڪرڻ ۽ حاڪميت کي قائم رکڻ لاءِ هو. پاڻيءَ جي سڄاڻ محقق ڊاڪٽر دانش مصطفيٰ چوي ٿو ته "جيتوڻيڪ ڏڪار کان بچاءُ انهن آبپاشيءَ جي نظام جي وڌائڻ جو سبب ڄاڻايو ٿو وڃي، پر ان جا چار مقصد سامهون اچن ٿا. هڪ، نئين ٺاهيل آبپاشيءَ جي ڪالونين (جيڪي پنجاب ۾ ئي جوڙيون ويون) جي زرعي اُپت جي آڌر سرڪار لاءِ وڌ ۾ وڌ ٽيڪس اُوڳاڙيو وڃي. ٻيو ته آبپاشيءَ جي ڪالونين وسيلي هڪ هنڌائتو زرعي پيشو اپنائڻ سان مقامي ماڻهو ضابطي ۾ رکڻ آسان هوندا، جنهن جي نتيجي ۾ انگريز سرڪار کي ڪنهن قسم جو ڇيهو نه رسائي سگهندا (ڪا بغاوت نه ڪري سگهندا). ٽيون ته انگريزي اڏاوتي انجنيئري، شاهي سائنس ۽ ٻين جديد طريقن سان بهتري آڻي، مقامي ماڻهن کي اِهو پڻ احساس ڏيارڻ ته اُهي ڪيترا پوئتي پيل آهن! ۽ چوٿون ته هڪ نئين اشرافيا جو طبقو پيدا ڪيو وڃي ۽ اُن کي هٿي وٺائي وڃي. برطانيا لاءِ اُهو طبقو مقامي ماڻهن تي ڪنٽرول ڪرڻ جو هٿيار بڻيو ۽ پوئتي پيل طبقن



جي وسيع آبادي تي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ اثرانداز ٿيو ۽ انگريزن جو چاڙتو ٿيو.

سنڌو طاس ۾ ڪئي لک ايڪڙ زمين دريائن جي اُٿل جي ذريعي يا وري اُٿل واهن (اِننڊيشن ڪئنال) جي ذريعي آباد ٿيندي هئي. هاڻوڪو هيٺاهون پنجاب ۽ هاڻوڪي سنڌ ايئن ئي آباد ٿيندا هئا. جڏهن ته باراني علائقن ۾ پڻ مختلف قسم جي زراعت ۽ مالوندي ڪئي ويندي هئي. سنڌ ۾ انگريزن کان اڳ 'ڪوهه - نار' واري زراعت پڻ ڪئي ويندي هئي. اٿل واهه، جيڪي سنڌوءَ جون ڇاڙون ئي هيون، يا ٻيا دريائي وهڪرا ۽ ڇاڙون سنڌوءَ جي ڊيگهه ويڪر ۾ زرخيزي ڏيندڙ لٽ ۽ زندگي ڏيندڙ پاڻيءَ جو ڦهلاءُ ڪندا هئا. اُن جي نتيجي ۾ ڊنڊون، ڍورا، مڇيون، ٻهه، لوڙهه، وڻڪاري، گاهه، زرعي جنسون ۽ ان سان لاڳاپيل جياپي/روزي روٽيءَ جا ڪئي ذريعا پروان چڙهندا هئا. ان شروعاتي دور ۾ جيئن ته پراڻي نظام جي نئين سياسي سيٽ اپ جي ڪري سنڀار نه ٿي سگهي ته ان ۾ تمام گهڻي ڪمزوري اچي وئي، جنهن تي انگريزن ان سسٽم کي ناڪاره سمجهيو پر پوءِ وقت سان ڪجهه سالن ۾ اِهو اٿل واهن جو سرشتو نون واهه کيڻ ۽ اُن سان لاڳاپيل اڏاوتون ڪرڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کنيائون.

سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ تي جهيڙي جا بنياد انگريزن جي اچڻ کانپوءِ نظر ٿا اچن. ان جو پهريون ورق 1859ع ۾ ملي ٿو. جيڪو 1901ع تائين ڪئي معاملن تي شديد ٿي چُڪو هو.

پهرين عالميءَ جنگ کان اڳ انگريز جي فوج ۾ اڻ ورهايل پنجاب مان آيل وڏو حصو هو. جنهن جي نتيجي ۾ اُتان جي انگريز سرڪار سان وفاداري نمايان هئي. اُن ڪري انگريز سرڪار 1907ع واري پنجاب جي آبادگارن (جن کي انگريزن پاڻ ئي ڪئنال ڪالونيون ٺاهي وسايو هو) واري تحريڪ جي جواب ۾ اهڙا مطالبا مڃيا، جيڪي شايد پوري هندستان ۾ ڪٿي به نه مڃيا ويا. آبپاشي واري شعبي ۾ پڻ 1859ع کان ڪئي پراجيڪٽ پنجاب ۾ جوڙيا ويا، جڏهن ته سنڌ ۾ پهريون پراجيڪٽ سکر بئراج هو. جيڪو

1923ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1932ع ۾ مڪمل ٿيو. سنڌ ۾ اٿل واهن تي، منڍ جمڙائو هيڊ ريگيوليٽر ۽ ٻيا ڪم اڻويهين صديءَ جو آخر ۾ ضرور ڪيا ويا، پر اُن جي نتيجي ۾ ڪوئنون پاڻي ورايو نہ ويو.

اپر باري دوآب ڪئنال (راوي درياءَ تي) 1859ع ۾ ٺاهيو ويو. سرهندِ ڪئنال سرشتو ستلج تي 1882ع ۾، لوئر چناب 1892ع ۽ لوئر جهلم واهہ 1901ع ۾ ٺاهيا ويا. پهاڙپور واهہ 1908ع ۾، ۽ سوات واهہ 1914ع ۾ کوليا ويا. ٽرپل ڪئنال پراجيڪٽ ـ ٽن واهن کي جوڙڻ واري رٿا ۾ اپر جهلم، اَپر چناب ۽ لوئر باري دوآباب واهن کي 1915ع ۾ پورو ڪيو ويو. هر جڙندڙ سرشتي جي نتيجي ۾ سنڌؤ جو سنڌ ۾ ايندڙ پاڻيءَ گهٽ ٿيندو ويو. سنڌوءَ جي پاڻي ۾ اضافو ڪندڙ پنجن دريائن تي پنجاب ۾ گونا گون آبپاشي نظام اڏي سنڌوءَ تي نوان سانباها شروع ڪيا. پهرين عالمي جنگ جي پوري ٿيڻ ۽ روس جي انقلاب کانپوءِ هِتان جي وفادار فوجين جي اهميت وڌي وئي.

سکر بئراج سان گڏ ستلج ويلي پراجيڪٽ پڻ 1932ع ۾ جُڙي راس ٿيو. ان ۾ 11 واهہ ۽ چار هيڊ ورڪس فيروز پور، سليمانڪي اسلام ۽ پنجند شامل هئا! سنڌ جا ان تي شديد اعتراض رهيا. حويلي ڪئنال پراجيڪٽ ۽ ٽرمو هيڊ ورڪس 1939ع تي چناب تي ٺاهيا ويا ۽ ڪالاباغ هيڊ ورڪس 1947ع ۾ ٺاهيو ويو! اهو هڪ اڏاوتن جو تسلسل هو، جيڪو گهڻو ڪري پنجاب ۾ جاري رهيو. ڪروڙ ايڪڙن جون نيون ٻنيون آباد ڪرڻ باوجود، سنڌ ۾ ان پهرين وڏي ڪم سکر بئراج تي پنجاب انگريز سرڪار سان احتجاج ڪيو! بمبئي يريزيڊنسي)چاڪاڻ تہ سنڌ ان جو حصو هو( ستلج ويلي پراجيڪٽ تي سخت اعتراض ڪيو، ڇو جو سنڌ اِهو خدشو ڏيکاريو هو تہ اُن پراجيڪٽ جي نتيجي ۾ سکر بئراج ۾ پاڻي جي ڪوٽ ٿي پوندي. ستلج ويلي پراجيڪٽ تي بهاولپور اسٽيٽ/رياست پڻ سخت احتجاج ڪيو ڇاڪاڻ تہ ان مان بيڪانير رياست کي پاڻي ڏيڻ جو رٿيل هو. خيرپور رياست پڻ پنجاب سان پاڻيءَ تي اعتراض وارينديءِ آئي.



هندستان سرڪار طرفان 1919ع ۾ ڪاٽن ڪميٽي جڙي ، جنهن پنجاب جا مختلف پراجيڪٽ جانچيا. ان ڪاميٽي جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل هو تہ انهن پراجيڪٽن جي نتيجي ۾ سنڌو دريا جا وهڪرا سنڌ ۾ بهار ۽ خزان جي مهينن ۾ اثرانداز ٿيندا!

1921ع ۾ وهڪرن (کي ماپڻ) جي ڪاميٽي هندستاني حڪومت طرفان جوڙي وئي. ان عرصي ۾ پنجاب ۽ سنڌ ۾ سهڪار وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ جيئن وهڪرن جي ماپ وٺڻ ۾ صحيح رڪارڊ رکن. سنڌ انهن ڏينهن ۾ ئي پنجاب ۾ پنهنجا انجنيئر رکيا تہ جيئن دريائي وهڪرن کي ڏسي سگهجي ۽ واهن ۾ پاڻي جي ڪٽت جي پڻ نگراني ڪري سگهجي.

سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻي تي اختلافن تي مختلف ڪميٽيون ۽ ڪميشنون جوڙيون ويون:

اينڊريسن ڪميشن: سنڌو طاس جي پاڻين جي ورڇ تي اختلافن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هي ڪميٽي 1935ع ۾ جوڙي وئي. 1937ع ۾ اِها رپورٽ حڪومت منظور ڪئي. ان ۾ سکر بئراج ۽ پنجند واهن لاءِ وڌيڪ پاڻي، حويلي، ٿل ۽ پهاڙپور واهن لاءِ پاڻي بابت فيصلو ڪيو ويو. ٿل واهہ جي حوالي سان انهيءَ رپورٽ ۾ سنڌ جو احتجاج ڪجهہ هيئن ڄاڻايل آهي "ٿل پراجيڪٽ صرف هڪ بربٽ کي (پنهنجي فائدي لاءِ) استعمال ڪندي، مالي سوديبازي آهي!" "هڪ وسندڙ ۽ آباد صوبي کي هڪ صحرا (جي فائدي) تان قربان ڪيو پيو وڃي!" ٿل ريگستان لاءِ 90 سال اڳي ڇيل اِهي لفظ هڪ دفعو وري سنڌ کي چوٽا پئجي رهيا آهن تہ چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ ۽ بلوچستان کي غير آباد ڪيو پيو وڃي .

رائو ڪميشن: اينڊريسن ڪميشن کانپوءِ، جلد ئي سنڌ بمبئي پريزيڊينسي کان جدا ٿي (1936). سنڌ صوبي جي حيثيت ۾ بحال ٿي چُڪي هئي، تنهن پنجاب ۾ اڏجندڙ مختلف پراجيڪٽن تي آڪٽوبر 1939ع ۽ پوءِ جون 1941ع ۾ شڪايت درج ڪرائي. هندستان جي گورنر جنرل "انڊس ڪميشن" مقرر ڪئي، جنهن کي عام طور رائو ڪميشن طور

لکيو ويجي ٿو. ڪميشن ڀهاڙپور واهه، ٿل واهه ۽ سکر بئراج جي پاڻيءَ جي ڪٽتن جي مقداري سفارش ڪئي (جيڪي ايندرسين ڪميشن ۾ پڻ سفارش ڪيل هيون). ڪميشن پنهنجي رپورٽ 1942ع ۾ ڏني. ڪميشن اُن ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته مٿي پاڻي جي ڪٽت جي صُورت ۾ سنڌ جي اٽل واهن کي هلائڻ مُشڪل ٿي پوندو. اُن ڪري سنڌ کي اُن نقصان جي اٿرن ڪان بچائڻ لاءِ سکر جي مٿان ۽ سکر ڪان گهٽو هيٺ به بئراج ناهي ڏنا وڃن. ان ڪميشن سنڌ کي نقصان ادا ڪرڻ جي ڳالهه به ڪئي ۽ اِهو پڻ چئو ته پاڪرا ڊئم جڏهن مڪمل ٿئي ته اُن کي اهڙي نموني هلايو وڃي ته جيئن هيناهين وارين ڏرين ۽ واهن (سنڌ) کي نقصان نه ٿئي.

1945ع سنڌ - پنجاب معاهدو: هي هڪ انتهائي اهم معاهدو هو جنهن ۾ سنڌو طاس جي ترجيحن کي واضح ڪيو ويو. ان ۾ پهرين ترجيح جڙيل/هلندڙ واهن کي ڏني وئي. ٻي ترجيح تونسا، گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراج کي اڏڻ لاءِ ڏني وئي. آخري ترجيح پاڪرا ڊئم، ننڍن ذخيرن ۽ ٻي ايس لنڪ کي ڏني وئي. هن معاهدي تي سنڌ ۽ پنجاب جي چيف انجنيئرن (جيڪي ٻئي انگريز هئا) صحيحون ڪيون ۽ صرف اُن جا مالياتي تفصيل ناهڻا هئا.

1960ع جو سنڌ طاس معاهدو: پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌ ۽ پنجاب جو جهيڙو ڪنڊائتو ٿي پيو. هندستاني پنجاب ۾ پاڪستان جو پاڻي روڪيو ويو. ان ڪانپوءِ 1948ع ۾ دهلي جو معاهدو ٿيو جنهن ۾ سنڌ ڪان ڪجهه ڪونه پڇيو ويو. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ ون يونٽ ۽ پوءِ مارشلا لڳي چُڪي هئي. عالمي بئنڪ جي ٽياڪڙي تي 1960ع جو معاهدو ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي نالي ماتر نمائندگي به نه هئي. راوي ستلج ۽ بياس هندستان کي وڪرو ڪيا ويا ۽ سنڌو، جهلم ۽ چناب پاڪستان کي مليا. سنڌ جو ٻٽو نقصان ٿيو. هڪ ته جيڪي دريا سنڌوَ ۾ ڪرندا هئا، انهن جو پاڻي هندستان کي ڏنو ويو. وري پنجاب ۾ جيڪا آبادي انهن تي ٿيندي هئي، ان لاءِ سنڌوَ چناب ۽ جهلم مان پاڻي ڪنيو ويو؛ عالمي بئنڪ تقريباً 900 ملين ڊالر ڏ نا، سي سڀ جا سڀ مٿي ئي گهٽو ڪري پنجاب ۾ خرچ ٿيا. ان جي



ڪري چشما، رَسول، قادر آباد، مرالا ۽ سڌنائي جون بئراجون ٺهيون. رسول - قادر آباد، قادر آباد - بلوڪي، بلوڪي - سليمانڪي، ترمو - سڌنائي، سڌنائي - ميلسي، ميلسي - بهاول، چشما - جهلم ۽ تونسا - پنجند جا لنڪ واهه ٺهيا. ان ڪانسواءِ منگلا ۽ تربيلا ڊئم جُڙيا.هي معاهدو سنڌ جي پاڻي جي حقن ۽ پوءِ واري ورهاڱي تي اثرانداز ٿيو. آمريت ۾ ٿيل ان معاهدي ۾ سنڌ جو موقف اڻ ٻڌو رهيو.

اختر حسين ڪميٽي 1968ع ۾ جوڙي وئي. 1970ع جون 30 تي رپورٽ سرڪار کي ملي پر پهرين جولاءِ 1970ع تي ون يونٽ جو خاتمو ٿيو ۽ پوءِ اِها رپورٽ سردخاني ۾ هلي وئي. آڪٽوبر 1970ع ۾ فضل اڪبر ڪميٽي جُڙي. ان ۾ سنڌ جي آبپاشي سيڪريٽري عبدالوهاب شيخ اعليٰ صلاحيتن سان سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو(ان تي پورو ڪتاب ڇپيل آهي). جسٽس فضل اڪبر، اختلافن جي ڪري پاڻ ئي سفارشون لکي 1972ع ۾ جمع ڪرايون. جنوري 1975ع ۾ وفاقي ڪابينا ان رپورٽ کي ڪنڊائتو ڪري ڇڏيو.

1976ع ۾ انورالحق (چيف جسٽس پاڪستان) جي چيئرمين شپ ۾ ڪميشن جُڙي. ڪميشن پنهنجي مقرر وقت ۾ ڪم پورو نه ڪيو ۽ وڌيڪ وقت گهريو ويو. ان وقت جي صدر پاڪستان سمجهيو ته شايد ڪميشن پنهنجو ڪم ڪرڻ جوڳي ناهي. پوءِ گڏيل مفادن جي ڪائونسل ڪان پڇڻ ۽ وزارت قانونن جي صلاحن تي سوچيو ويو. چيف جسٽس هڪ ريفرنس تحت پنهنجون سفارشون 1982ع ۾ صدر پاڪستان کي موڪليون ته ڪجهه گهربل تبديلين بعد فضل اڪبر ڪميٽي جون سفارشون مڃيون وڃن.

جسٽس حليم ڪميٽي مارچ 1983ع ۾ جوڙي وئي. 15 اپريل 1983ع ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس جي اختلافي نوٽ سان اُن کي ظاهر ڪيو ويو. پر ان تي عمل نه ٿي سگهيو.

ان دؤر ۾ ايندڙ ست سال ايڊهاڪ ”ضرورتن مطابق“ پاڻي ورهايو پئي ويو. 1991ع مارچ ۾ پاڻيءَ جو معاهدو ٿيو. سنڌ سُورن سان اُن کي قبول

ڪيو ۽ ڪمال آهي تہ اڄ سنڌ اُن ۾ ڏنل پنھنجن پاڻيءَ جي حقن کي بچائڻ لاءِ مسلسل احتجاج ۾ آهي.

معاهدو ڪرڻ ڪانپوءِ وري ڪجھ سالن لاءِ وزيرن جي ڪميٽي پئي پاڻي ھلايو. جيئن ھينئر چولستان مڙھيو پيو وڃي، آمر مشرف جي وقت ۾ گريٽر ٿل ڪئنال سنڌ لاءِ عتاب ٿي ٿوپيو ويو. وري جلال پور، ٽري ٽيئر فارمولا، ڊيلٽا ڏانھن ويندڙ گھٽ ۾ گھٽ ضروري پاڻي 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ جو نہ ڇڏڻ ۽ اُن کي مسلسل زيان ڪوٺڻ (ماحولياتي لحاظ سان ان جھڙو ڪو ڏوھ ٿي سگھي ٿو) جھڙيون زيادتيون ھلنديون رھيون آھن. واپڊا جي ڪيل انجنيئرنگ واري ماحولياتي ھٿ ٺوڪيل آفتن ۾ منڇر سرشتي جو ايڪو سسٽم رُڃ ڪرڻ، چولڙي ويئر جو ڪرڻ، ڊوري پراڻ جي وهڪرن کي ڪٽ ڪري ھٽرادو ٻوڏن جو سامان پيدا ڪرڻ جھڙا ڪم سنڌ مٿان مڙھيا پيا وڃن. مٿان وري اسان جي پنھنجي صوبائي طرز حڪمراني سنڌ جي اھنجن کي وڌائي رھي آھي.

# باب چوٿون

## 【ڪوٽڙي کان هيٺ دريائي وهڪرن جي ضرورت】

# ڪوٽڙي کان هيٺ دريائي وهڪري جي ضرورت

سنڌ جي ساموندي پٽي ۾ لاڙ هاڻ ڪئي ڏهاڪن کان اُجائتا آهن. تحقيقون ٻڌائين ٿيون ته سنڌ پاڪستان جو غريب ترين ۽ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ٻُڪايل صوبو آهي. سنڌ جا 71 سيڪڙو خاندان کاڌ خوراڪ لاءِ غير يقيني پوڳن ٿا. ٻهراڙي ۾ رهندڙ آدمشماريءَ جو 53 سيڪڙو غربت واري ليڪ کان هيٺ گذاري ٿو. آفتن جي حساب سان پاڪستان ۾، سنڌ سڀ کان وڌيڪ غير محفوظ آهي. 1999ع کان 2022ع تائين ٻوڏن، ساموندي طوفانن ۽ ٻين آفتن جي ڪري سڀ کان وڌيڪ جاني ۽ اقتصادي نقصان سنڌ جو ٿيو آهي. ٺٽو بدين ۽ سجاول سنڌ جي سراسري غربت کان به وڌيڪ غريب آهن. انهن ضلعن جو 83 سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙي ۾ رهن ٿا ۽ 86 سيڪڙو آبادي گهڻ رخي غربت ۾ گهريل آهي! ان علائقي جو هر ٻيون ٻار رت جي کوٽ، پنهنجي عمر جي لحاظ کان قد ۽ جسم جي واڌ ويجهه نه هئڻ /استنٽيڊ آهي. اُتان جا صرف 15 سيڪڙو خاندان 55 سيڪڙو ٻنين جا مالڪ آهن، جڏهن ته 80 سيڪڙو ماڻهو بي زمين آهن. اِتي ئي گهٽ ۾ گهٽ تعليم جو سيڪڙو آهي ۽ ڪرت لائق هنرن جو فقدان آهي. نوجوان گٽڪي جي ور چڙهيل آهن، جنهن جي وڪري جي نتيجي ۾ ضلعي منٿليون ڪروڙن ۾ هونديون آهن. ساموندي چاڙهه، لوڻاٺيل جر ۽ ٻنيون ۽ گم ٿيندڙ ڊيلٽا ان ئي علائقي جا خاص وکر ٿي پيا آهن پوئين صديءَ جي شروعات ۾ هڪ خوشحال علائقو لاڙ ۽ ساموندي سنڌ، هڪ صديءَ جي اندر، پاڪستان ۽ سنڌ جو غريب ترين ۽ پوئتي پيل علائقو ٿي پيو آهي!

اِهو علائقو آهي، جنهن جي لاءِ ڪوٽڙي ۽ ڪوٽڙي کان هيٺ دريائي وهڪري جو پاڻي سنڌ پاڻ کان ۽ پاڪستان کان گهري ٿي!



ان لاءِ پاڻيءَ واري 1991ع معاهدي جي ستين پيرا/شق دستاويزي طور مڃيو ته پاڻي ضرور هيٺ وڃڻ گهرجي. ان ۾ چيل آهي ته: "ڪوٽڙيءَ کان هيٺ هڪ خاص (گهٽ ۾ گهٽ) پاڻيءَ جي مقدار ڇڏڻ جي ضرورت کي تسليم ڪيو ويو ته جيئن ساموندي چاڙهه کي روڪي سگهجي. ..... ان ڪري ئي اِهو فيصلو ڪيو ويو ته ان لاءِ وڌيڪ تحقيق ڪئي ويندي، جيئن اِها ڳالهه قائم ڪري سگهجي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪوٽڙي کان هيٺ ڪيترو پاڻي ڇڏيو وڃي." نيٺ 2005ع ۾ وڃي ٽي مختلف تحقيقون مڪمل ٿيون.

اسٽڊي پهرين "ساموندي چاڙهه کي روڪڻ لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺ وهڪري جون ضرورتون"، ٻين "ماحولياتي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ جون گهرجون" ۽ ٽين "ڇئني صوبن ۾ ماحولياتي مسئلن (لاءِ پاڻي جي ضرورتن جو) اپياس" شامل آهن. انهن جي مٿان هڪ عالمي ماهرن جي ٽيم 'انٽرنيسنل پينل آف ايڪسپرٽ رکيو ويو.

ڊيلٽا ۽ ساموندي پٽيءَ لاءِ پاڻي ڇو ته ضروري آهي؟ دريا جي لٽ ۽ پاڻي سمنڊ ۾ وڃڻ، ڪريڪون، تمر جا ٻيلا، مڇيون، پکي پکڻ، گل ٻوٽا، مٽي - پٿر، جيت جيوڙا ۽ مالڪ جي ٺاهيل اڻ ڳڻي مخلوق کي واڌ ويجهه رکڻ ڇا جي لاءِ اهم آهي. فطرتي ماحول ۽ قدرت جي ٺاهيل نظام سان، جنهن ۾ دريائي بايو ڊائورسٽي انتهائي اهم عنصر آهي، جيڪڏهن بگاڙبو ته ان جو نقصان انساني ٺاهيل نظام، اڏاوتن، شهرن، ٻهراڙين، انساني وجود کي ٿيندو. موسمي ڦير گهير، ماحولياتي گدلاڻ ۽ انهن ئي عنصرن سان گڏيل ٻوڏون، ساموندي طوفان، ساموندي چاڙهه، سوڪڙا، گرميءَ جون شديد لهرون، روزگار ۽ کاڌ خوراڪ جي گهٽتائي، بيماريون، وبائون ۽ ڪيئي انساني اهنج اُٿلي ٿا پون. پنهنجي ايندڙ نسلن کان اوڌر ورتل قدرتي وسيلا جيڪي پاڻي سان لاڳاپيل آهن، انهن کي ايئن ئي ٿوري وقت ۽ ٿورن ماڻهن جي فائدي لاءِ ڪيئن ٿو تباهه ڪري سگهجي!؟

اقتصادي طور تي ڊيلٽا جي ابتري جي ڪري هر سال 555 اربن جو نقصان ٿي رهيو آهي. عالمي ماهرن پنهنجي سفارش ۾ لکيو ”5000 ڪيوسڪ روزانو گهربل آهن. جيڪي ڪوٽڙي بئراج کان پورو سال وهڪري جي صُورت ۾ هيٺ ويندو رهي. ان سان دريائي وهڪرو قائم رهي سگهندو، ماحولياتي پائيداري حاصل ٿي سگهندي . ماهيگريءَ ڪي واڌويجهه جو ماحول ملي سگهندو. ان سان گڏ ساموندي چاڙهه کي پڻ ڪي قدر جهل ايندي.“

ماهرن اِهو پڻ لکيو ته ”ساموندي چاڙهه ۽ ساموندي پٽيءَ جي پاڻ (erosion)واري عمل کي جيڪو ڊيلٽا واري علائقي ۾ ٿئي پيو، تنهن کي ملڪي مسئلو سمجهيو وڃي.“ هي انتهائي اهم مسئلوآهي جنهن کي ملڪي سطح تي ڪنهن به قسم جي ترجيح نه ڏني وئي آهي. 2015ع ۾ سينيٽ جي هڪ ڪاميٽي کي ڏنل بريفنگ ۾ ان وقت جي ساموندي علم واري قومي اداري (نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اوشنوگرافي) جي ڊي جي چيو هو ته 2060ع تائين ڪراچي جو گهڻو حصو (۽ ان کان 10 سال اڳ) ٺٽي (سجاول سميت) ۽ بدين ضلعن جا ساموندي تعلقا سمنڊ بُرد ٿي ويندا!

ان ڳالهه کي اسان اڄ تائين هلڪو ڪنيو ويٺا آهيون. پوئين صديءَ ۾ نوي جي ڏهاڪي ۾ حڪومت سنڌ جا انگ اکر هئا ته 20لک ايڪڙن کان وڌيڪ سمنڊ زمين پائي ويو آهي. هڪ ٻي تازي تحقيق ٻڌايو آهي ته 1833 کان هن صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي تائين تقريباً پوڻن ٻن صدين ۾ ڊيلٽا 90 سيڪڙو گهٽجي ويو آهي. پوين ڪجهه ڏهاڪن ۾ ڊيلٽا ۾ تمر جي وڻن جي واڌ پڻ ٿي آهي. ان لاءِ عالمي ڪوششون، سنڌ جي ٻيلي کاتيءَ سنڌ حڪومت جا ڪجهه قدم اهم آهن سنڌ حڪومت جا ڪجهه پراجيڪٽ ۽ پروگرام جنهن ۾ سنڌ ڪوسٽل ريزيلنس پراجيڪٽ (260 ملين ڊالر) ايشيائي بئنڪ ۽اِفاد IFAD طرفان رٿابندي واري مرحلي ۾ آهي.

**ان قومي مسئلي جا سبب، ان رپورٽ ۾ ماهرن ڄاڻايا آهن:**

لِٽ/سيڊيمينٽ جي تمام وڏي پيماني تي گهٽتائي. سنڌوءَ جو پاڻي لٽ جي زرخيزي سان مالامال ٿي اچي سمنڊ جي پيش پوندو هو. بئراج ۽



خاص ڪري ڊئمن کان اڳ اها لٽ هر سال 400 ملين ٽن کان وڌيل هوندي هئي. هاڻ 30 ملين ٽن جي لڳ ڀڳ وڃي سمنڊ ۾ ڪري ٿي. سنڌ جو ساموندي علائقو وفاقي ادارن، نيوي، ڪي پي ٽي، پورٽ قاسم ۽ ڪجهه ٻين ادارن سان لاڳاپيل آهي. مرڪزي ۽ صوبائي ادارن ۽ حڪومتن جي وچ ۾ سهڪار سان مستقبل جي خطرن کي مُنهن ڏيئي سگهجي ٿو.

لٽ واري مسئلي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ انهن عالمي ماهرن اِها تجويز ڏني ته ڪوٽڙي کان هيٺ پنجن سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو 25 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي وڃڻ کپي. اِهو هر سال جي حساب سان 5 ملين ايڪڙ فوٽ ٿيندو. ان ۾ 5000 ڪيوسڪ گڏ ڪنداسين ته 5 واڌو 3.6 ٽوٽل 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ ٿيندا. ان ئي رپورٽ ۾ چيل آهي ته ڇاڪاڻ ته خشڪ مهينن ۾ پڻ پاڻي هيٺ ڇڏڻ ضروري آهي ته پوءِ زراعت لاءِ گهربل پاڻي وڌيڪ ذخيرو ڪري مهيا ڪري سگهجي ٿو.

ڪراچي جي سمنڊ سان گڏ ويرن کي ماپڻ وارا گيج 1916 کان لڳل آهن ۽ انهن جي ڊاٽا (ماپون) پڻ موجود آهن. انهن کي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ڏسي ٿي. جڏهن ته ڪيٽي بندر، اورماڙا،گوادر جا گيج پاڪستان نيوي جي هئڊرو گرافڪ کاتي وٽ آهن. ڪجهه تحقيقون ٻڌائين ٿيون ته 1856 کان 2000ع تائين 1.1 ملي ميٽر هر سال ۾ وڌي ٿو. ڪجهه تحقيقون 1916 کان 2016 تائين اِهو واڌارو هر سال 2 ملي ميٽر ٻڌائين ٿيون. هن صدي جي پوين ٻن ڏهاڪن جي انگ اکرن کي ڏسنداسين ته اِهي وري 3.6 ملي ميٽر هر سال جي حساب سان لکن ٿا (خاص ڪري 2007ع کان 2016ع تائين). موسمي ڦيرگهير تي بين الاقوامي حڪومتن جو پينلIPCC ، جي ڇهين اسيسميٽ رپورٽ AR6 مطابق پاڪستاني سمنڊ 2150 تائين سوا ٽي فوٽ مٿي ٿي ويندو.

**ڊيلٽا جي بهتري لاءِ ڪجهه اهم تجويزون ڏجن ٿيون:**

2005 (1)ع ۾ ڪيل عالمي ماهرن جي سفارشن: 5000 ڪيوسڪ همه وقت، روزانو پاڻي ڪوٽڙي کان هيٺ صرف ۽ صرف ڊيلٽا لاءِ ڇڏيو وڃي.

(2)ان ڪان سواءِ پنج ملين ايڪڙ فوٽ هر سال، يا پنجن سالن ۾ 25 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي کي ڪوٽڙي کان هيٺ وڃڻ گهرجي.

(3)سنڌ سطح تي هڪ مربوط سامونڊي پٽيءَ جي رٿابندي ۽ پلان جوڙڻ ضروري آهي.

(4)ڊيٽا/معلومات گڏ ڪرڻ، ان کي رڪارڊ ڪرڻ، ان جو معيار ۽ ان سان لاڳاپيل ادارتي صلاحيت انتهائي ڪمزور آهي. سمنڊ سان لاڳاپيل ادارا گهڻو ڪري مرڪزي آهن، جيڪي حاڪميت تي ٻڌل آهن ۽ سامونڊي پٽي جي ماڻهن جي مسئلن کان بي پرواهہ آهن. پاڪستان ۽ سنڌ حڪومت جي ادارن کي ان اهم جاگرافيائي حصي ۾ ماڻهن جي جتاءُ دار بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ جي اڻٽر ضرورت آهي.

(5)ادارتي صلاحيتون عالمي گهاڙيٽن تحت بهتر ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. بهتر رٿابندي ۽ بجيٽون رکڻ جي ضرورت آهي. اسان جو اعليٰ تعليمي نظام پڻ ان ڏس ۾ گهٽ پروفيشنل پيدا ڪري ٿو ۽ انهن جو معيار پڻ وقت سان گڏ گهٽيو آهي. ان ۾ ادارتي، علمي ۽ سائنسي طور تي مربوط پروگرام ۽ پلان جوڙڻ گهرجن.

(6)سامونڊي خطرن جي نشاندهي ۽ بروقت معلومات ۾ اضافو ڪرڻ جي پڻ اهم ضرورت آهي. سنڌ حڪومت 2023ع ۾ آيل سامونڊي طوفان ’بپار جوائي‘ جي خطري جي ڪري سامونڊي پٽيءَ مان وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ڪرائي ۽ اڳواٽ معلومات تي عمل ڪرڻ جو اهم ڪم ڪيو. ان مان بنيادي سبق سکي پوري نظام، ڳانڍاپي ۽ رابطن جي مڙني سرشتن کي مضبوط ڪيو وڃي.

(7)سهپ، لچڪ/ريزيلينس، اڏاوتي ۽ غير اڏاوتي انتظام ڪارين سان سامونڊي سنڌ لاءِ هڪ مضبوط سرشتو قائم ڪيو وڃي. هينئر سنڌ ۾ 2022ع جي ٻوڏن کان پوءِ 1200 کان 1500 پاڪستاني ارب خرچ ڪيا پيا وڃن. انهن پراجيڪٽن کي ڏٺو وڃي تہ لاڙ ۾ ڇا سهپ ۽ جتاءُ پيدا ڪندا



جو ڪنهن بہ موسمي ڦير گهير يا وري ٻوڏ يا سوڪڙي يا ڪنهن ٻي آفت کي منهن ڏيندي نڪري وري زندگيءَ ڏانهن موٽي سگهن.

(8) طرز حڪمرانيءَ جو هاڻوڪو ماڊل عام ڀلائي ۽ سماج جي سهپ، لچڪ ۾ مضبوطي لاءِ سڀ قدم نہ کڻي رهيو آهي. بلڪ پوئتي وڃي رهيو آهي. حڪومت کي ترجيحون درست ڪرڻيون آهن. وقتائتا فيصلا ڪرڻا آهن. رٿابنديءَ کي بهتر ڪرڻو آهي، خاص ڪري اُتان جي عورتن جون صلاحون وڌڻيون آهن، جيئن انهن جي اهنج کي گهٽائي سگهجي ۽ ترقي جي تري ۾ پيل لاڙ کي مٿي آڻي سگهجي.

# باب پنجون

## 【1991ع پاڻيءَ جي ورڇ وارو معاهدو】



## معاهدي جو ترجمو

شق 1: پاڻي جي ورڇ جو معاهدو سنڌو درياءَ جي سرشتي جي پاڻيءَ جي ورهاڱي لاءِ 4 مارچ 1991ع تي صوبن جي وچ ۾ صحيح ٿيو.

شق 2: پاڻيءَ جي ورهائڻ جي مڃيل قاعدن جي روشني ۾، هيٺ ڏنل ورڇ کي تسليم ڪيو ويو:

| صوبو | خريف (ايم اي ايف) | ربيع (ايم اي ايف) | ٽوٽل (ايم اي ايف) |
|---|---|---|---|
| پنجاب | 37.7 | 18.87 | 55.94 |
| سنڌ | 33.94 | 14.82 | 84.76 |
| ڪي پي ڪي | 3.48 | 2.30 | 5.78 |
| (b) سِول واهه | 1.80 | 1.20 | 3.00 |
| بلوچستان | 2.85 | 1.02 | 3.87 |
| | 77.34 + 1.80 | 37.01 + 1.20 | 114.35 + 3.00 |
| | | | (117.35) |

* ڪراچي ميٽرو پوليٽن (شهر جون صنعتي ۽ شهري ضرورتن سان گڏيل

** (اُهي) سرڪاري واهه جيڪي رم اسٽيشن کان مٿي آهن.

شق 3: ڪي پي ڪي/بلوچستان جا پراجيڪٽ جيڪي تعمير جي مرحلي ۾ آهن، ان جي (پاڻيءَ) جو حصو سندن هاڻوڪي استعمال (سان گڏ) شامل ڪيو ويو آهي.

شق 4: واڌو/بچت پاڻيءَ جا وهڪرا (ٻوڏ وارن وهڪرن جي يا مستقبل جي ذخيرن جي صُورت ۾) هيٺين ريت ورهايا ويندا.

| پنجاب | سنڌ | ڪي پي ڪي | بلوچستان | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|
| 37٪ | 37٪ | 14٪ | 12٪ | 100٪ |

شق 5: اهڙو ميٽروپوليٽن شهر جي شهري ۽ صنعتي گهرجن، جن جي (پاڻيءَ جي مقدار جي) اڳ ۾ ئي منظوري ڏنل آهي، ان کي (سڀ کان پهرين) ترجيح ڏني ويندي.

شق 6: سنڌوءَ تي ۽ ٻين دريائن، جتي به مناسب هجي، اُتي (پاڻيءَ جا) ذخيرا ٺاهڻ جي ضرورت کي مڃيو ۽ سمجهيو ويو.

شق 7: ڪوٽڙيءَ کان هيٺ هڪ خاص (گهٽ ۾ گهٽ) پاڻيءَ جي مقدار ڇڏڻ جي ضرورت کي تسليم ڪيو ويو ته جيئن سامونڊي چاڙهه کي روڪي سگهجي. سنڌ جو موقف هو ته گهربل (گهٽ ۾ گهٽ) مقدار ڏهه ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ان تي تفصيلي بحث ڪيو ويو جڏهن ته ٻين تحقيقن/اسٽڊيز ان کان وڌيڪ/۽ گهٽ (مقدار جا) انگ اکر ڏنا آهن. ان ڪري ئي اِهو فيصلو ڪيو ويو ته ان لاءِ وڌيڪ اسٽڊيز/تحقيق ڪئي ويندي، جيئن اِها ڳالهه قائم ڪري سگهجي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪوٽڙي کان هيٺ ڪيترو پاڻي ڇڏيو وڃي.

شق 8: پنهنجي پاڻيءَ جي حصي ۾ رهندي، ڪنهن به صوبي کي نئين پراجيڪٽ ٺاهڻ تي پابندي نه هوندي.

شق 9: 5000 ايڪڙن تائين ننڍين اسڪيمن تي 1200 فوٽن کان مٿي علائقن تي ڪا به پابندي ناهي.

شق 10: ڪُرم/گومل/ڪوهاٽ (ندين جي) طاس (بيسن) ۾ آبپاشي استعمال لاءِ (اسڪيمن) ٺاهڻ تي پابندي ناهي، اِهو ان صورت ۾ جيڪڏهن (انهي ڪم سان) انهن دريائن جي هاڻ واري پاڻي جي استعمال تي خراب اثر نه پوي.

شق 11: سنڌوءَ جي ساڄي پاسي واري نين تي 'پاڻي جي ذريعن جي ترقي' لاءِ بلوچستان تي ڪا به پابندي ناهي، جيڪي اُتان وهن (گذرن) ٿيون.



شق 12: ايل بي او ڊيءَ جي ضرورتن کي ٻوڏ جي وهڪرن مان، مقرر ڪيل حصن مطابق پورائو ڪيو ويندو.

شق 13: "ان معاهدي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ، انڊس رور سسٽم اٿارٽي جوڙڻ جي ضرورت کي محسوس ڪيو ويو ۽ ان کي تسليم ڪيو ويو. ان جو مرڪز لاهور ۾ هوندو، جنهن ۾ چئني صوبن جي نمائندگي هوندي. (مرڪز/هيڊ ڪوارٽر 2000ع ۾ اسلام آباد ۾ تبديل ڪيو ويو)

شق 14: (a) (واهن جي) هر سرشتي جي حساب سان ٽين ڊيلي ڏهه ڏهاڙين جي بنياد تي تفصيل ناهي، هن معاهدي جو مڪمل حصو ڪيو ويندو.

(b) 1977_82 دوران حقيقي پاڻيءَ جي استعمال جي سراسري کي هدايتي انگ اکرن طوِر استعمال ڪيو ويندو ته جيئن مستقبل لاءِ (پاڻيءَ جي). ريگيوليشن جي نموني/طرز کي قائم ڪيو وڃي. (ان حساب سان ٺهيل/قائم ڪيل) ڏهه ڏهاڙي ـ ٽين ڊيليز کي ڏسندي، مختلف واهن جي سرشتي جي ظاهر ڪيل/ڏيکاريل حصي کي مند (خريف ۽ ربيع) جي لحاظ سان، نسبتي حصو ڪڍيو ويندو ۽ ان ئي بنياد تي پوري پاڪستان ۾ واڌو يا گهٽ (پاڻي) ورهايو ويندو.

(c) هاڻوڪن (پاڻي جي) ذخيرن (ڊئمن) کي صوبن جي آبپاشِءَ جي لاءِ ترجيحي طور تي هلايو ويندو.

(d) صوبن کي آزادي هوندي ته هو پنهنجي حصي جي پاڻي جي اندر رهندي (واهن) جي سرشتن جي حساب سان وقت جي حساب سان ڦيرڦار ڪري سگهن ٿا.

(e) هر قسم جي ڪوشش ڪئي ويندي ته زيان کي روڪيو وڃي. واڌو پاڻي ڪو ٻيو به صوبو استعمال ڪري سگهي ٿو پر اِهو ڪرڻ سان (ان پاڻي تي) ان جو حق قائم نه ٿيندو.

# 1991ع جي پاڻي واري ٺاهہ لاءِ قانوني ۽ ادارتي گهاڙيٽا

1991ع پاڻي وارو ٺاهہ پنهنجن گُڻن ۽ اوگڻن هوندي صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ سنگ ميل آهي. تاريخي طور تي ڪس ڪاڏل سِنڌ، 1960ع واري سنڌ طاس معاهدي (جيڪو آمر ايوب ڪيو) جا سُور پچائيندي ۽ ان ڪان پوءِ واري 25 سالن جي (1991ع تائين) هڪ جهدِ مسلسل ڪانپوءِ ان پاڻيءَ واري ٺاهہ تي ها ڪئي. جيتوڻيڪ ان وقت بہ سنڌ مان سوين آواز آيا هئا, پيلي هن ۾ بہ سنڌ کي پاڻي پورو نہ ڏنو ويو آهي, پر ان جي باوجود آهستي آهستي ملڪي طور تي اُن ٺاهہ جي مجتا سياسي ۽ سماجي طور تي ٿي وئي.

ان معاهدي جي تيرهين شِق ۾ ٺي لکيل آهي تہ "هن معاهدي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ انڊس رور سسٽم اٿارٽي کي قائم ڪرڻ جي ضرورت کي سمجهيو ۽ مڃيو ويو. ان جو هيڊ ڪوارٽر اسلام آباد ۾ هوندو ۽ ان ۾ چئني صوبن جي نمائندگي هوندي." هڪ ڳالهہ واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ شروعات ۾ ان جي هيڊ ڪوارٽر کي لاهور ۾ رکيو ويو هو جنهن کي 2000ع ۾ هڪ قانوني ترميم جي ذريعي اسلام آباد ڪيو ويو.

معاهدي کي گڏيل مفادن جي ڪائونسل (ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ سي سي آءِ) ڪيس نمبر Case No. 4/CCI_2/81 مارچ 21، 1991ع ۾ منظور ڪيو ويو. سي سي آءِ طرفان 16 سيپٽمبر 1991ع تي ارسا کي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي Case No. 6/CCI_3/91. جا ان بابت تي فيصلا هئا:

1. سي سي آءِ اصولي طور تي ارسا ٺاهڻ جي منظوري ڏني. ان بابت ڊرافٽ ريزوليوشن/قرارداد جو پلاننگ ڪميشن جي ڊپٽي چيئرمين طرفان



جائزو ورتو ويندو. جيڪو هُو صوبن جي صلاح مشوري سان ڪندو. ۽ وزيراعظم پاڪستان کي منظوري لاءِ پيش ڪندو.

2. اٿارٽيءَ ۾ چار ميمبر ۽ هڪ چيئرمين هوندو. چيئرمين جي تقرري ڦيري جي حساب سان هڪ سال لاءِ هوندي, جيڪو شروعاتي اکر (الف بي/الفابيٽ) جي حساب سان هوندي. ميمبرن کي ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويندو.

3. مرڪزي حڪومت جو هڪ ميمبر پڻ هوندو. جنهن کي ووٽ ڏيڻ جو حق بہ هوندو.

انهيءَ فيصلي ڪانپوءِ ڊسمبر 1992ع ۾ ارسا جو ايڪٽ منظور ڪيو ويو ۽ ان کي صدر پاڪستان جي منظوري/هاڪار پڻ ملي ۽ گزيٽ آف پاڪستان ۾ ڏهہ ڊسمبر 1992ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

ان ۾ سي سي آءِ جي ڏنل فيصلن, صوبن جي وچ ۾ بحثن ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ 1991ع جي معاهدي کي چڱي ريت عمل ۾ آڻڻ لاءِ قانوني گهاڙيٽو جوڙيو ويو.

ان ۾ سي سي آءِ جا ٽيئي فيصلا شامل ڪيا ويا. گردان/ڦيري جي حساب سان چيئرمين جي تقرري ۽ ٽن سالن تائين صوبائي ميمبرن جي تقرري ۽ مرڪزي حڪومت جي ميمبر کي شامل ڪرڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو. ان قانون جو روح صوبائي برابريءَ تي ٻڌل آهي. ان جي وضاحت هيئن ڪري سگهجي ٿي تہ معاهدي ۾ ورهايل پاڻيءَ جو 48.91 سيڪڙو (تقريباً 49 سيڪڙو) پنجاب جو 42.64 سيڪڙو سنڌ جو 5 سيڪڙو ڪي پي ۽ 3.38 سيڪڙو بلوچستان جو آهي. جيڪڏهن سنڌ ۽ پنجاب جي حصن کي جوڙ ڪنداسين تہ اِهو وڃي ذري گهٽ 92 سيڪڙو ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ ڪي پي ۽ بلوچستان جو گڏيل حصو ساڍا اٺ سيڪڙو آهي پر صوبائي برابري جي روح کي قائم ڪندي هر ڪنهن کي برابر ووٽ جو حق آهي. مرڪز جي نمائندي کي پڻ ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو آهي. (جيتوڻيڪ مرڪز پاڻيءَ ۾ حصيدار نہ آهي. جڏهن تہ آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان،

جتان سنڌو دريا يا ان ۾ ڪِرندڙ دريا گذرن ٿا، انهن جي حق جو تعين نہ ڪيو ويو آهي. اِنهن جي پاڻي جي گهرجن کي ڪيئن ٿو ڏنو وڃي، اُهو پڻ هڪ اهم موضوع آهي.)

ارسا ٺهڻ ڪانپوءِ، 1991ع اڪارڊ کي عمل ۾ آڻڻ ۾ ننڍين صوبن جي حساب سان ڪئي مونجهارا آيا آهن. اُهو ٽري ٽيئر فارمولا هجي (جنهن تي الڳ تفصيل سان لکيل آهي)، ان کان اڳ وزيرن جي ڪاميٽي تي پاڻي ملندڙ هجي، 2003ع ۾ گريٽر ٿل ڪئنال جو زوري ارسا کان سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ان پراجيڪٽ کي لاڳاپيل ادارن کان منظور ڪرائڻ کان سواءِ شروع ڪرائڻ هجي، جلال پور لاءِ سرٽيفڪيٽ کان وٺي چولستان لاءِ هيٺ مٿي ڪيل انگن اکرن تي پاڻيءَ جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ڳالهہ هجي، جن لاءِ سنڌ جي ميمبرن نہ صرف اختلافي نوٽ لکيو بلڪل ڀرپور احتجاج پڻ ڪيو. ان سان ئي لاڳاپيل فيبروريءَ 2024ع ۾ ارسا ايڪٽ ۾ هڪ آرڊيننس آڻي صوبائي حيثيتن ۽ 1991ع اڪارڊ کي بي معنيٰ ڪرڻو هجي ۽ وري ان آرڊيننس جي بي اثر ٿيڻ ڪانپوءِ ارسا ايڪٽ جي ترميم کي وري فعال ڪرڻ جون ڪوششون هجن، انهن جو محرڪ 1991ع واري معاهدي تحت ورهايل پاڻي تي برابري واري صوبائي ورچ کي 'نئين طريقي' سان مرڪز جي فيصلا سازي کي مضبوط ڪرڻ هو.

عبوري حڪومت جو قانوني ڪردار شفاف ۽ آزاد چونڊون ڪرائڻ هوندو آهي. پاڪستان جا سيئي آئيني ۽ قانوني گهاڙيٽا ان جو ئي ڏس ڏين ٿا. جنوري 2024ع ۾ عبوري حڪومت جي دوران ئي ارسا ايڪٽ ۾ تبديليون آڻڻ لاءِ آرڊيننس بابت چوپول ٿيا. ان ۾ سي سي آءِ جي ڪيل 1991ع جي فيصلن ۽ ان جي نتيجي ۾ آيل ڊسمبر 1992ع جي ايڪٽ ۾ بنيادي تبديليون ڪيون ويون. ان بابت اخبارن ۽ ميڊيا ۾ تفصيل ايندا رهيا آهن. فبروري 2024ع ۾ ان آرڊيننس ۾ 21 گريڊ يا ان کان مٿي جي مرڪز جي ڪاموري کي ٽئن سالن لاءِ چيئرمين ڪرڻ، ان کي اٿارٽي کان مٿاهان پاور ڏيڻ، صوبن جي ماپن ۽ ٻئراجن تي پاڻيءَ جي ورهاڱي جي ڏنل اٿارٽي



کي گهٽائڻ، صوبن جو گردان جي حساب سان چيئرمين ختم ٿيڻ، هڪ ڪنسلٽنٽ جي ٽيم کي پاڻيءَ جي ورڇ ۾ اٿارٽي کان بہ مٿاهين فيصلا سازيءَ جي سگهہ ڏيڻ، پاڻيءَ جي اڏاوتن کي اسٽريٽجڪ هئڻ جو درجو ڏيڻ، صوبن جي ڏنل انگن اکرن کي رد ڪرڻ جي ارسا کي اٿارٽي ڏيڻ، پاڻيءَ جي چوري پڪڙڻ يا ان جي ونڊ ورهاڱ جو عمل جيڪو صوبائي آبپاشي کاتن وٽ هو ان کي ارسا لاءِ ڏيڻ ، ڏنڊ ۽ ٻيا عمل شروع ڪرڻ وغيره شامل آهن ؛ ان سان جيڪو پڪراءِ واري روح سان ڏهاڪن کان هلندڙ پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪيو ويو هو صوبائي پڪراءِ قائم ڪئي وئي هئي، سو ڪٿي گم ٿيندو نظر اچي ٿو. فيبروريءَ 2024 ۾ آندل آرڊيننس هجي يا وري آگسٽ ۾ اڳتي وڌايل ارسا ايڪٽ ترميم هجي. جيڪڏهن ٻنهن جو محرڪ ڏسنداسين تہ اسان کي نظر ايندو تہ ٻئي 1991ع جي اڪارڊ جي روح ۽ مقصد کي ختم ڪندا نظر ايندا. عبوري حڪومت جي آبپاشِيءَ جي وزير جو ان وقت جو لکيل خط هجي يا وري سنڌ جي آبپاشي جي هاڻوڪي وزير، وزيراعليٰ سنڌ، سموري سياسي، ادبي ۽ سماجي تحريڪ ۾ شامل هر فرد ان ڳالهہ تي بلڪل قائل آهي تہ ارسا ايڪٽ ۾ تبديلي سڀني ننڍين صوبن لاءِ هاڃيڪار آهي، ان ڪري ئي پاڪستان کي ان سان لاڀ ڪيئن ٿو ملي سگهي.

عبوري حڪومت جي دؤران ئي ان تي شديد احتجاج ٿيندا رهيا. مارچ 2024ع ۾ ظفر محمود جي ان آرڊيننس تحت مقرري کي سنڌ جي سياسي حڪومت پيپلز پارٽي رد ڪيو. آبپاشي وزير ڄام خان شورو ان بابت هڪ واضح بيان ڏنو. مرڪز ۾ پڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نمائندن شديد احتجاج ڪيو ۽ مرڪزي حڪومت ان مقرري کي واپس ورتو. وري آهستي آهستي ايڪٽ کي آرڊيننس جي رد ٿيڻ ڪانپوءِ (وقت جي حساب سان) چرپر ڪئي وئي. تان جو 12 آگسٽ 2024ع تي ڊرافٽ ايڪٽ پاڻيءَ جي مرڪزي وزارت ۾ ارسا کان ٿيندو پهتو. ان وقت ڪانپوءِ سنڌ جون سيئي سياسي، سماجي، ادبي، صحافتي، علمي ڌريون، ڪاٻي ڌر کان ساڄي ڌر تائين، نيشنلسٽ پارٽين، تحريڪن، سنڌ جي نوجوانن مرد، عورتن، ارسا ۾ ترميم،

ڇهن ڪئنالن، خاص ڪري چولستان ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جي واڌاري واري اسڪيمن خلاف مسلسل سماجي تحرڪ ۾ آهن. پوري سنڌ طرفان هر سطح تي هڪ واضح بيان آيل آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي آبپاشي وزير جام خان شوري جي سيپٽمبر 2024ع تي ڪيل اهم تقرير سنڌ اسيمبليءَ جي تاريخي رڪارڊ جو حصو آهي. ان وقت نه صرف ايڪٽ ۾ ترميمن پر سڌي ۽ اڻ سڌي طرح جُڙندڙ ڪئنالن تي پڻ احتجاج ڪيو.

ڪالاباغ ڊئم خلاف پاڪستان جي ٽن صوبائي اسيمبلين قراردادون پاس ڪيون هيون. ساڳي ريت شايد ان ڪانپوءِ ارسا ايڪٽ ۾ ترميمون اهڙو عمل آهي، جنهن جي خلاف ڇڻي آواز ۾ ڪي پي ۽ سنڌ صوبي يڪراءِ قراردادون پاس ڪيون آهن ۽ بلوچستان صوبو مرڪزي پاڻي واري وزارت کي انهيءَ خلاف لکي چُڪو آهي. جڏهن ته اجا تائين اُتان جي اسيمبليءَ جي قراردادون سامهون نه آئي آهي. خيبر پختونخواهه جي گڏيل/هڪ راءِ قرارداد جيڪو 22 آڪٽوبر 2024ع تي پاس ڪيو ويو. ان جو متن آهي ”پاڻيءَ جو 1991ع ناهه ۽ 1992ع ارسا ايڪٽ صوبن جي وچ ۾ (پاڻيءَ جي) ورڇ جو هڪ مؤثر معاهدو ٿي چُڪو آهي، جنهن جي بنياد تي صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جو ورهاڱو مقرر ڪيل (۽ مڃيل) حصي جي نسبت سان ٿيندو آهي. جيڪڏهن وفاقي حڪومت ارسا ايڪٽ 1992ع ۾ ڪا ترميم ڪندي ته خيبر پختونخوا جي عوام ڪڏهن به قبول نه ڪندي ۽ اِهو قدم وفاقي روح جي نفي/ناڪار ۾ هوندو. انهيءَ ڪري هي اسيمبلي صوبائي حڪومت کي سفارش ڪري ٿي ته وفاقي حڪومت سان ان عملن جي پرپور (پرزور) سفارش ڪري ته سڄي ملڪ ۾ 1991ع واري اپورشنمينٽ اڪارڊ کي صحيح معنيٰ ۾ نافذ ڪري ۽ انڊس رور سسٽم ايڪٽ 1992ع ۾ ڪا به ترميم نه ڪئي وڃي.“

سنڌ اسيملي 9 سيپٽمبر 2024ع تي يڪراءِ ٿي هڪ تاريخي قرارداد پاس ڪئي، جيڪو سنڌ جي عوام جي خواهشن جو مظاهرو هو. قرارداد چئي ٿي ته ”پاڻي وارو 1991ع وارو ناهه ۽ ارسا ايڪٽ 1992ع اهي تول



(گهاڙيتا) آهن، جيڪي پاڻي جي ريگيوليشن ۽ ورڇ کي هر هڪ صوبي جي حصن جي نسبت، جن جو تعين ۽ طريقو پاڻي واري 1991ع ناهه ۾ ڏنل آهي، جو بنياد مهيا ڪن ٿا.“ ان ڪري ارسا ايڪٽ 1992ع ۾ ڪا به تبديلي 1991ع واري ناهه ۾ تبديلي سمجهي ويندي اِها سنڌ جي عوام قبول نه ڪندي.“ اِهو وفاق جي جمهوري روح جي خلاف آهي. سنڌ مطالبو ڪري ٿي ته 1991ع واٽر اپورشنمينٽ اڪارڊ هر حال ۾ پنهنجي روح ۽ فهم سان عمل ۾ آندو وڃي ۽ 1992ع ارسا ايڪٽ کي تبديل/ترميم نه ڪيو وڃي!“

بلوچستان حڪومت، آبپاشي کاتي جي ذريعي سيڪريٽري، مرڪزي پاڻي واري وزارت کي ڏهين نومبر 2024ع (سنڌ جي قرارداد کان صرف هڪ ڏينهن پوءِ) ارسا ايڪٽ جي ترميمن تي شديد اعتراض واريا آهن.

ٽن صوبن جي ايتري ڇڻي مؤقف، سنڌ جي پوري سياسي ۽ سماجي شعور، هڪ آواز ۽ پڙلاءُ جي باوجود جيڪڏهن ڪنهن کي سمجهه ۾ اِها ڳالهه نٿي اچي ۽ پاڪستان جي عوام کي ۽ ان جي ترجيحن ۽ فيصلن کي اهميت نٿو ڏي ته پوءِ تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته شديد ترين لاهن چاڙهن، ڏاڪن جي جبر ۽ غير آئيني حڪومتن جي باوجود نيٺ عوام جي فيصلي ۽ جمهوريت پاڻ کي مڃايو آهي!

# 1991 جو پاڻيءَ جو معاهدو ۽ ٽِري ٽيئر فارمولا

1991ع جي پاڻيءَ جي معاهدي ڪي جيتوڻيڪ ان سال جي مارچ ۾ هڪ ڏيڍ مهيني جي بحث مباحثي، ميٽنگن ۽ انگ اکرن جي ڏي وٺ ۾ سامهون آڻي منظور ڪيو ويو پر ان ۾ 1935ع کان 1983ع تائين مختلف رپورٽن ۽ ڪميشن جي دستاويزن جو مغز پڻ شامل آهي. ان تي انگريزن جي حڪومت جي دؤران اينڊرس ڪميشن (1935)، راؤ ڪميشن (1939)، سنڌ ـ پنجاب معاهدو (1945) شامل آهن. جڏهن ته پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ فضل اڪبر ڪميشن (1970)، انوار الحق (1976) ۽ حليم ڪميشن (1983) اچي ٿا وڃن. ان وچ ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌ طاس معاهدو 1960ع ۾ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ ٿيو. جنهن پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ واري ڪميشن ڪي اثرانداز ڪيو. ڇو جو اسان تي دريا جيڪي گهڻو ڪري پنجاب جي پٽن ڪي آباد ڪري وري اچي سنڌؤ ۾ پلٽجندا هئا ڀارت کي وڪرو ڪيا. 1991ع جي ان معاهدي ڪي سنڌ جيئن تيئن تسليم ڪيو. جڏهن ان تي عمل جو وقت آيو ته وري ان تي تاريخي ورهاست/ٽِري ٽيئر فارمولا، پيرا 7 تحت ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻيءَ جو مقدار نه ڏيڻ، جلال پور، گريٽر ٿل ڪئنال ۽ هاڻ وري چولستان لاءِ پنهنجا انگ اکر ڏئي پاڻي کڻڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن! يعني معاهدو، قانون يا ٻيو دستاويزي گهاڙيٽو سڌي ۽ اڻ سڌي طرح بي عمل ڪيو ٿو وڃي. حڪومت سنڌ انهن سڀن معاملن تي گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ ويل آهي.

هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته 1976ع (تربيلا جي ٺهڻ ڪانپوءِ) کان 1991ع تائين پاڻيءَ جو تاريخي /سراسري سرشتي جو استعمال وارو بي انصافيءَ تي ٻڌل نظام هلندو رهيو ۽ سنڌ ان تي پڻ رڙيون ڪندو رهيو. تان جو سي سي آءِ 1991ع جي معاهدي کي سيپٽمبر 1991ع ۾ منظور ڪيو. ان جي پئرا/شق ٻين (2) مطابق پنجاب کي 55.94 ، سنڌ کي 48.76، ڪي



پي کي 5.78 ۽ بلوچستان کي 3.87 ايم اي ايف پاڻي مليو. پاڻي جي ورهاڱي جي حساب سان پئرا چار پڻ اهم آهي، جنهن مطابق ورهايل پاڻي کان جيڪو به مٿي پاڻي هوندو، پوءِ اُهو ٻوڏ جو پاڻي هجي يا ذخيرن جي واڌ جي ڪري هجي، اهو پنجاب ۽ سنڌ 37، 37 سيڪڙو ڪري کڻندا. جڏهن ته ڪي پي 14 ۽ بلوچستان 12 سيڪڙو کڻندا. پئرا ستون، جيڪو اڄ تائين عمل ۾ نه آيو آهي، اُهو ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ بابت آهي، جنهن تي هاڻ عالمي تحَقيقن پڻ مهر هنئي آهي ته 5000 ڪيوسڪ روزانو جي حساب سان 3.6 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ هر پنجن سالن ۾ هڪ دفعو (گهٽ ۾ گهٽ) 25 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سمنڊ ۾ وڃڻ گهرجي. اِهي گڏجي ساليانو 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ ٿين ٿا. ان ۾ 5000 ڪيوسڪ روزانو جو عنصر وسارڻ نه گهرجي. هنن انگن اکرن کي ورجائڻ جو مقصد ئي اِهو آهي ته عام سنڌ کي مفهوم مقصد ۽ انگ برزبان ياد ٿي وڃن! هي سنڌو دريا، ڊيلٽا، لاڙ ۽ فطرت جو اهو حق آهي، جيڪو ڀهريان ته 1960ع واري معاهدي ۾ ڀاڱا ڀاڱا ڪيو ويو، وري ڊئمن ۽ لنڪ ڪئنالن، بئراجن ۾ پور پور ڪيو ويو. تان جو 1991ع معاهدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ مقدار مڃڻ ڪانپوءِ به اڄ تائين نه ڏنو ويو آهي! جيڪي اڄ چون پيا "ادا! هُو ته چولستان لاءِ پنهنجو پاڻي کڻن پيا، توهان کي ڇا ٿو ٿئي؟" انهن کان پڇو هي سنڌوءَ جو حق جيڪو ڏهاڪن تائين نه ڏنو ويو آهي، سو ڪنهن جي پاڻيءَ مان پڇاڙو ڪرڻ تي ملندو!؟

2003ع کان ارسا جي ايڊوائيزري ڪميٽي جي نتيجي ۾ ٽي سطحي ـ ٽري ٽيئر فارمولا تي عمل ٿي رهيو آهي. ان فيصلي جو گهڻو اثر آڳاٽي خريف ۾ سنڌ کي گهٽ پاڻي ملڻ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ان ۾ ٽي فارمولائون ٺاهيون ويون آهن. جيڪڏهن پاڻي واهه جي مهڙ/منڍ تي 102.73 ايم اي ايف کان گهٽ هوندو ته پاڻيءَ جو ورهاڱو تربيلا کان پوءِ واري سالن 82_1977 جي تاريخي استعمال جي حساب سان ٿيندو. ٻيو ’سين يا حالت اِها ته جيڪڏهن پاڻي 82_1977 جي تاريخي وهڪرن (102.73) کان وڌيڪ آهي پر ورهايل پاڻي (يعني 114.35) کان گهٽ ته

پوءِ 102.73 تائين تہ تاريخي وهڪرن وارو حساب هلندو. باقي ان ڪان مٿي واري پاڻي کي پيرا 2 تحت ورهايو ويندو. يعني صرف 102.73 ڪان مٿي ٽين ـ ڊيلي جي حساب سان ڏنو ويندو. جيڪو 1991ع اڪارڊ جي سي سي آءِ طرفان منظور ڪيل ٽين ڊيلي مطابق هوندو! ۽ ٽيون سين اِهو آهي تہ جيڪڏهن پيرا '2' تحت ورهايل پاڻي ڪان پاڻي مٿي هوندو تہ پوءِ پيرا 2 تائين ان مطابق ئي ورهائبو ۽ مٿيون پاڻي پيرا 4 تي ورهائبو!

اچو ان کي سولائيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. '14 ـ (b) 'جو مقصد آهي تہ" 82_1977 دوران حقيقي پاڻيءَ جي استعمال جي سراسري کي هدايتي انگ اکرن طؤر استعمال ڪيو ويندو تہ جيئن مستقبل لاءِ (پاڻيءَ جي). ريگيوليشن جي نموني/طرز کي قائم ڪيو وڃي. (ان حساب سان ٺهيل) ڏهہ ڏهاڙي ـ ٽين ڊيليز کي ڏسندي، مختلف واهن جي سرشتي جي ظاهر ڪيل/ڏيکاريل حصي کي مند (خريف ۽ ربيع) جي لحاظ سان، نسبتي حصو ڪڍيو ويندو ۽ ان ئي بنياد تي پوري پاڪستان ۾ واڌو يا گهٽ (پاڻي) ورهايو ويندو.

114.35 ايم اي ايف کي واهن جي حساب سان ڪيئن ورهائجي، ان لاءِ ضروري هو تہ ڪو گهاڙيٽو ناهي، واهن جون مهينن (هر مهينو وري ٽن ڏهاڪن ۾ ورهائي، جنهن کي ٽين ڊيلي چئجي ٿو) جي حساب سان پاڻي جي استعمال جي خريف ۽ ربيع لاءِ ڪٿ ڪئي وڃي. ان لاءِ 82_1977ع جي دوران انهن واهن جي سراسري ڪٿت کي ڏٺو ويو تہ ڪنهن ڪيترو پاڻي ڪنيو. هاڻ انهن بنيادن کي سامهون رکي 114.35 واري پاڻي ءَ کي انهن واهن جي ٽين ڊيلي جي حساب سان پاڻيءَ جون جدولون ٺاهيون ويون، جنهن کي ايندڙ وقت جي ، ڪوٽ ۽ واڌ ۾ استعمال ڪرڻو هو. سنڌ جو موقف آهي تہ "82_1977 واري تاريخي وهڪرن جو استعمال اوستائين ڪرڻو هو، جيستائين 1991ع معاهدي مطابق نيون (۽ ايندڙ وقت لاءِ) واهن جو مقداري ٽين ڊيليون ٺاهيون نٿيون وڃن! پنجاب جو موقف اِهو آهي تہ جڏهن بہ پاڻي 82_1977 وارن وهڪرن جيترو يا ان ڪان گهٽ هوندو تہ هميشہ لاءِ اُهي ئي تاريخي انگ اکر ۽ مقدار استعمال ٿيندا رهندا.



2018ع ڪان وٺي هي مسئلو سنڌ طرفان گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ۾ پيل آهي. گڏيل مفادن واري ڪائونسل 27 مئي 2018ع تي"اِهو فيصلو ڪيو تہ پاڪستان جي اٽارني جنرل جي سربراهي ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي وڃي، جنهن ۾ هر صوبي جو هڪ نمائندو شامل هجي. ڪاميٽي ڏسندي تہ ملڪ ۾ پاڻيءَ جي (فراهمي) جا مسئلا ڪيئن آهن ۽ ان جو ورهاڱو ڪيئن پيو ٿئي. ڪاميٽي پنهنجون سفارشون سي سي آءِ آڏو پيش ڪندي. (اِهو ڪم ڪندي) ڪاميٽي اِهي سڀئي دستاويز پڻ ڏسندي، جنهن جي نتيجي ۾ 1991ع جو معاهدو منظور ٿيو." ان جي نتيجي ۾ جيڪا رپورٽ اٽارني جنرل مئي 2019ع ۾ سي سي آءِ کي پيش ڪئي، جنهن ۾ ٻين سفارشن سان گڏ سنڌ جي موقف جي تائيد ڪئي وئي هئي. ان کي پنجاب حڪومت جي اعتراض تي سي سي آءِ جي ٻائيتاليهين اجلاس ۾ اٽارني جنرل جي سربراهي ۾ 2020 آگسٽ ۾ هڪ نئين ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ان وقت جي اٽارني جنرل 2021ع ۾ سي سي آءِ کي پنهنجي خط ۾ چيو تہ "هي مسئلو قانوني (وضاحت ڪرڻ) ڪان وڌيڪ سياسي آهي، ان ڪري صوبن جي وچ ۾ ڳالهين جي ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. (ڇو جو) پراڻي اٽارني جنرل انوار منصور خان جي قانوني وضاحت پڻ ان کي حل ڪري نہ سگهي. هر صوبي پنهنجي پنهنجي ڳالهہ تي پختو ٿي بيٺو رهيو..." سو وري بال ساڳيو سي سي آءِ جي ڪورٽ ۾ اچي ويو. تنهن ڪانپوءِ جنوري 2022ع ۾ پنهنجي 49 اڻونجاهين اجلاس ۾ سي سي آءِ وفاقي پاڻيءَ جي وزير جي ڪنوينرشپ ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي، جنهن ۾ چار ئي صوبائي آبپاشيءَ جا وزير پڻ شامل هوندا. ان سان گڏ سي سي آءِ اٽارني جنرل جي خيال کي پڻ قانون ۽ انصاف واري وزارت ڏانهن موڪليو تہ اُها وزارت ان تي پنهنجي راءِ ڏي. ان جي راءِ ۽ وزيرن جي جوڙيل ڪميٽي جي سفارشن کي گڏ ڪري ڏٺو ويندو.

1991ع اڪارڊ جي شق 14 b جي وضاحت ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٽري ٽيئر فارمولا کي سنڌ حڪومت ۽ ارسا ۾ پوين ٻن ڏهاڪن ڪان مختلف سنڌ جا نمائنده/ميمبر سمجهن ٿا تہ حقيقت ۾ اِهو معاهدي کي نہ مڃڻ جي برابر آهي.

اٽارني جنرل انوار منصور خان جي 2019ع واري رپورٽ جي پيرا '36' پڙهڻ وٽان آهي، جنهن سنڌ جي موقف کي قانوني تشريح ڪندي چيو "... اهو پڻ ضروري آهي ته پيرا 14 کي مڪمل طور پڙهيو وڃي. اسان کي (عقلي طور) ڏسڻ کپي (يا پنهنجو پاڻ کان پڇڻ کپي) ته هي لفظ ڇا ٿا چون: "..... ۽ سڀ پاڪستان جي بنياد تي (پاڻي جي) ڪوٽ ۽ اضافي جي ورڇ/ڀاڱيواريءَ جو بنياد ٺاهيندا. ڇٽي تشريح اِها آهي ته هڪ پيرو "ٽين – ڊيلي " 82_1977 واري عرصي جي حساب سان جوڙيا وڃن ٿا ته (نون ٺهيل ٽين ڊيلز) جي حساب سان مستقبل ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ ۽ واڌ کي صوبن جي وچ ۾ ورهايو ويندو. اهڙي ريت تاريخي استعمال جي انگ اکرن (82_1977) جي پوءِ معاهدي ۾ ڪا جاءِ نه هوندي، ڇاڪاڻ ته هو "ٽين - ڊيلي" ٺاهڻ/تعين ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪم ڪري چڪا. ان تي ئي سي سي آءِ 1991ع ۾ اتفاق ڪيو ويو هو." ان جي سولي لفظن ۾ اِها معنيٰ آهي ته سنڌ جو موقف بلڪل حقيقت ۽ معاهدي جي صحيح تشريح تي ٻڌل آهي.

ڪمال ته اِهو آهي ته هڪ ڇِٽي فيصلي ڪانپوءِ وري نئين ڪاميٽي جوڙي وئي. سمجهڻ کپي ته معاهدي، قانون، ريگيوليشن ۽ قاعدن جي تشريح ڪرڻ لاءِ قانوني پهلو ئي بنياد هوندو آهي. اِهو ئي سڀ دنيا جي قانوني علم جا ڪتاب، وڪيل ۽ دانشور چون ٿا. ان قانوني تشريح کي هڪ پاسي اڇلائيندي وري مسئلي کي اجان وڏيڪ ڏکيو ڪيو ويو.

ڇو جو انگ اکرن جي ڳالهه آهي، ان ڪري صبر سان وري وري پڙهي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي. پيرا 2 ۾ صوبن جي وچ ۾ پاڻي جي مقدار جو ڇِٽو ورهاڱو ٿيل آهي. ان ۾ پنجاب کي 55.94 ملين ايڪڙ فوٽ، سنڌ کي 48.76، بلوچستان کي 5.78 ۽ ڪي پي کي 5.78 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي مليو. انهن جو مجموعي 100 سيڪڙو 114.35 ملين ايڪڙ فوٽ ٿيندو. هاڻ جيڪا به جنهن سال پاڻي جي ڪٽ ۽ پهچ هوندي، ان کي ان نسبت سان ورهائبو. سمجهو ته هڪ سال اِهو پاڻي 114.35 جي جاءِ تي 101 ملين ايڪڙ فوٽ اچي ٿو ته 114.35 واري هر ڪنهن جي سيڪڙي جي حساب



پنجاب کي 49، سنڌ کي 43.1، بلوچستان کي 3.42 ۽ ڪي پي کي 5.11 ملين ايڪڙ فوٽ ملندو. هاڻ جيڪڏهن پنجاب جي موقف کي ڏسجي: جيڪڏهن پاڻي 102.73 ايم اي ايف کان گهٽ هوندو ته پاڻيءَ جو ورهاڱو 82_1977 جي تاريخي استعمال جي حساب سان ٿيندو ته پوءِ پنجاب کي 53.6، سنڌ کي 42.8، بلوچستان کي 1.6 ۽ ڪي پي کي 3.01 ملين ايڪڙ فوٽ ملندو! پنجاب جو پاڻي 4.18 ملين ايڪڙ فوٽ وڌي ويو، سنڌ جو 0.27 ، بلوچستان جو 1.82 ۽ ڪي پي جو 2.10 ملين ايڪڙ فوٽ گهٽجي ويو! ڪي پي ۽ بلوچستان کي ڪوٽ کان ٻاهر رکيو ويو آهي، ان ڪري ان پوري حالت ۾ صرف سنڌ کي ڪوٽ ڪٽڻي ٿي پوي! جيڪڏهن ڪجهه ڏهاڪن جي ان حساب سان هر سال ايندڙ ڪوٽ کي ملائينداسين ته سمجهو ڪيترا ملين ايڪڙ فوٽ نقصان ٿيو هوندو! ان مثال کي لاڳاپيل سراسرين سان پنجين درجي جي انگي حساب جي سمجهه آهر ڏسبو ته سمجهه ۾ ايندو ته سنڌ جون رڙيون قانوني ۽ حقن جي بلڪل جائز گهر تي ٻڌل آهن!

## آئيني ۽ سياسي حل ڪهڙا آهن؟

چولستان، چوبارا ۽ ٻين واهن جي حوالي سان سنڌ ۾ هڪ ڀرپور عوامي هلچل هلندڙ آهي. سڄي سنڌ هڪ راءِ آهي تہ اهي ٻہ واهہ سنڌ لاءِ ڪالاباغ ڊئم جيترا ئي هاڃيڪار آهن. سنڌ ۾ ڪو ڏهاڙو احتجاجي مارچن، جلسن يا سيمينارن کان خالي نٿو گذري. سنڌ جي سمورن احتجاجن ۽ اعتراضن جي باوجود وفاقي حڪومت تہ آڪٽوبر 2024ع تي سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽيءَ (CDWP) مان ان رٿا کي منظور ڪرائي ايڪنيڪ ڏانهن منظوري لاءِ اماڻي ڇڏيو.

سنڌ سرڪار گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي چولستان رٿا خلاف 15 نومبر 2024ع ۽ 25 نومبر 2024ع تي گريٽر ٿل ڪئنال فيز-2 يعني چوبارا ڪئنال بابت اعتراضن تي ٻڌل سمريون موڪلي چُڪي آهي. ان کان اڳ سنڌ سرڪار 12 اپريل 2024ع تي جهلم درياهہ مان ڪڍيل جلال پور واهہ خلاف بہ اعتراضن واري سمري اماڻي چُڪي آهي. آئين موجب گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي هر ٽئين مهيني اجلاس ڪرڻو آهي. البتہ آئين جي ڀڃڪڙي ڪندي گذريل هڪ سال کان ڪائونسل جو اجلاس ناهي ڪوٺايو ويو. ڪائونسل جو گذريل اجلاس 29 جنوري 2024ع تي ٿيو هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ سنڌي اخبار رپورٽ ڪيو تہ واپڊا چيئرمين پارلياماني ڪميٽيءَ اڳيان انڪشاف ڪيو آهي تہ تڪراري واهن جي منظوري گڏيل مفادن واري ڪائونسل ڏئي چُڪي آهي. ياد رهي تہ گذريل هڪ سال کان ڪائونسل جو اجلاس ٿيو ئي ناهي تہ چولستان ۽ چوبارا واهہ جي منظوري ڪيئن ٿي هوندي، جيڪي بحث هيٺ ئي گذريل سال جولاءِ کان پوءِ آيا آهن. درحقيقت سي سي آءِ جي ڪنهن بہ اجلاس ۾ اُهي واهہ بحث هيٺ ناهن آيا. تنهنڪري جيڪڏهن واپڊا چيئرمين اهڙو بيان بہ ڏنو آهي تہ اهو نسورو ڪُوڙ آهي.

# باب ڇهون

## 【هنان ڪان اڳتي جو پنڌ】

جڏهن انهن واهن تي سنڌ حڪومت ڪائونسل آف ڪامن انٽرسيٽ ۾ اعتراض واري چڪي آهي ته اصولي طور سي ڊي ڊبليو پي يا ايڪنيڪ کي اهڙي رٿا جي منظوري ڏيڻ جو اختيار ناهي. ڪائونسل جيئن ته هڪ آئيني ادارو آهي، تنهنڪري اُتي موڪليل اعتراض نبيرڻ کان سواءِ ڪنهن به تڪراري رٿا تي ڪم شروع ڪرڻ ته پري ان جي ڪنهن فورم تان منظوري به نٿي ڏئي سگهجي.

28هين جنوري 2025ع تي انگريزي اخبار ڊي نيشن خبر ڇاپي آهي ته نواز ليگ حڪومت چولستان ڪئنال وارو معاملو سي سي آءِ ۾ آڻڻ جا سانباها ڪري رهي آهي. آئين موجب پاڻي، ڪابينا جو نه پر گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو اسم آهي. آئين جو آرٽيڪل 155 ٻڌائي ٿو ته پاڻيءَ بابت صوبن جي اعتراضن نبيرڻ لاءِ فورم گڏيل مفادن واري ڪائونسل آهي. اهو اعتراض ڪنهن قانون سازي يا حڪمنامي بابت به ٿي سگهي ٿو. آئين جي ان شق موجب ڪائونسل اهڙي شڪايت ملڻ تي فيصلو ڪري سگهي ٿي يا صدر کي ان ڏ س ۾ درخواست ڪري سگهي ٿي ته هو اهڙن ماهرن جي ڪميشن جوڙي جن کي آبپاشي، انجنيئرنگ، انتظامڪاري، ناڻي يا قانون بابت گهربل ڄاڻ ۽ تجربو هجي. آئين جي آرٽيڪل (7) 154 ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪا به صوبائي يا وفاقي سرڪار ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ جي ڪنهن فيصلي مان غير مطمئن هجي ته اها ان معاملي کي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ڏانهن اماڻي سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو آخري هوندو. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن چولستان ۽ چوبارا واهه وارا معاملا گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ کنيا ويندا ته اُتان سنڌ کي ڇا هٿ حاصل ٿيندو. ياد رهي ته ڪائونسل ۾ فيصلا گڏيل راءِ سان نه پر گهڻائيءَ جي راءِ هيٺ ڪيا ويندا آهن. اهم سوال اهو آهي ته ڇا ڪائونسل جي هاڻوڪي جوڙجڪ ۾ سنڌ جي حق ۾ فيصلو اچڻ جو امڪان آهي؟ آئين جي آرٽيڪل 153 ۾ گڏيل



مفادن واري ڪائونسل جي جوڙجڪ ھِن ريت ڄاڻائي وئي آهي. وزيراعظم (ڪائونسل جو چيئرمين)، سمورن صوبن جا وڏا وزير ۽ وفاقي سرڪار جا ٽي عيوضي جن کي وزيراعظم مقرر ڪندو.

هن وقت گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي ميمبرن ۾ وزيراعظم شهباز شريف، چار وڏا وزير، پرڏيهي وزير ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، بچاءَ وارو وزير خواجا آصف ۽ مملڪتي وزير امير مقام ميمبر آهن.

ان حساب سان ڏسجي ته اٺن مان ڇئن ميمبرن جو تعلق پنجاب صوبي سان آهي. امير مقام (جيڪو خيبر پختونخواه) مان آهي، ان سميت پنجن ميمبرن جو تعلق مسلم ليگ نواز سان آهي. ايئن سمجهو ته هاڻوڪي جوڙجڪ ۾ ڪائونسل اندر پنجاب صوبي ۽ نواز ليگ جي گهڻائي آهي. ڪائونسل جي قاعدن ۽ ضابطن واري دستاويز جي شق (10) 5 موجب ڪائونسل ۾ فيصلا اڪثريتي راءِ هيٺ ڪيا ويندا. ڪائونسل جي ان جوڙجڪ مان لڳي ٿو ته جڏهن سنڌ جا چولستان ۽ چوبارا ڪئنال بابت اعتراض اُتي پيش ٿيندا ته اڪثريتي راءِ سنڌ جي حق ۾ نه اچي سگهندي. هن وقت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پيپلز پارٽيءَ جا وڏا وزير آهن ۽ خيبر پختونخواهه ۾ حڪومت مخالف پارٽي پي ٽي آءِ جو وڏو وزير آهي. باقي پنج ئي ميمبر سرڪار يعني نواز ليگ جا حامي آهن، جن مان ڇئن جو تعلق ته سڌو سنئون پنجاب صوبي سان آهي. جيڪڏهن فرض ڪريون ته بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه سنڌ جي پاسي بيهن، تڏهن به سنڌ کي اڪثريتي حمايت ملي نه سگهندي. ان صُورتحال ۾ انديشو آهي ته ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ سنڌ کي رليف نه ملي سگهندو. ماضيءَ ۾ به گريٽر ٿل ڪئنال جي اين او سي خلاف سي سي آءِ ۾ سنڌ جي اعتراضن کي اڪثريت سان رد ڪيو ويو هو. ساڳي طرح ارسا پاران چولستان واهه لاءِ پاڻي موجود هجڻ جي سرٽيفڪيٽ جي مخالفت وقت به سنڌ جي خلاف ووٽ ڏنا ويا هئا.

ان صُورتحال ۾ سنڌ سرڪار وٽ هڪ آپشن بچندو ته پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ اهو معاملو کڻي وڃي. فرض ڪريو ته ايئن ٿئي ٿو، تڏهن به پارليامينٽ ۾ اڪيلي پنجاب جون سيٽون ٻين سمورن صوبن جي سمورن ميمبرن کان وڌيڪ آهن. البته پنجاب ۾ به هڪ مخالف ڌر موجود آهي، جيڪا شايد سنڌ جو ساٿ ڏئي، پر ان هوندي به سنڌ جي حمايت ۾ اڪثريتي ووٽ جو آسرو گهٽ آهي. البته گڏيل پارليامينٽ ۾ جيڪڏهن سنڌي ميمبر مضبوط موقف اختيار ڪندا ته حڪومت لاءِ ان رٿا تي اڳتي وڌڻ ايترو سولو نه ٿيندو. پارليامينٽ ۾ ڪنهن رٿا جي سخت مخالفت حڪومت لاءِ هڪ مسئلو ضرور بڻجندي. دراصل سي سي آءِ ۽ پارليامينٽ ۾ فيصلا فني بنيادن واري ميرٽ تي نه، پر نج سياسي بنيادن تي ڪيا ويندا آهن. وفاقي حڪومت ۾ پيپلز پارٽي هڪ اهم اتحادي آهي. هن وقت وفاقي حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي بيساکين تي بيٺل آهي. سوال اِهو آهي ته ڇا پيپلز پارٽي سنڌ جي جياپي سان لاڳاپيل هن انتهائي حساس معاملي تي ڪو مضبوط موقف اختيار ڪندي اها پوزيشن وٺندي ته جيڪڏهن سرڪار ان هوڏ تان نٿي لهي ته پوءِ اها حڪومت کان الڳ ٿي ويندي؟

اهو مرحلو خُود پيپلز پارٽيءَ جي پارٽي پوزيشن کي چِٽو ڪندو. هن وقت پارٽيءَ جن اهم سربراهه آصف زرداري، ملڪ جي صدر طور ڇهن اسٽريٽجڪ ڪئنالن تي جلد عمل ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪري چُڪو آهي. جڏهن ته پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ سنڌ سرڪار ان رٿا جي خلاف ڳالهائيندا رهن ٿا. سنڌ حڪومت ته باقاعدي گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ انهن رٿائن خلاف درخواست داخل ڪري چُڪي آهي. درحقيقت ان رٿا کي وقتي طور ٽارڻ يا اينگهائڻ بجاءِ مستقل طور رد ڪرائڻ جي ضرورت آهي، نه ته اها تلوار جيان سنڌ مٿان ٽنگيل رهندي.

سنڌ حڪومت کي رڳو آئيني ۽ انتظامي طريقا نه پر سياسي طريقا به استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. مثال طور هينئر تائين سنڌ حڪومت ان



اهم معاملي تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ به پاس ناهي ڪيو. جيتوڻيڪ اسيمبليءَ جو ٺهراءُ آئيني طور فيصلي تي اثرانداز نٿو ٿي سگهي، پر سياسي طور اهو نهايت اهم هٿيار هوندو آهي. هن وقت ٻن صوبائي اسيمبلين ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آهي، جتان انهن رٿائن خلاف ٺهراءُ منظور ڪرائڻ سان نواز ليگ حڪومت مٿان سياسي دٻاءُ ضرور پوندو ۽ ان لاءِ ان رٿا بابت اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪرڻ سولو نه ٿيندو.

پيپلز پارٽيءَ کي سمجهڻ گهرجي ته سندس اسٽيبلشمينٽ سان دوستيءَ جي ڄمار ڪيتري ڊگهي هوندي، اهو پتو ناهي. اسٽيبلشمينٽ پيپلز پارٽيءَ کي اهميت به ان ڪري ٿي ڏئي جو سنڌ ۾ ان کي ووٽن جي حمايت حاصل آهي. پيپلز پارٽي سنڌ ۾ سياسي طور جيتري غير مقبول ٿيندي، اسٽيبلشمينٽ به کيس ان حساب سان گهٽ لفٽ ڏيندي. اقتدار جي ان تخت گاهه ۾ رڳو اسٽيبلشمينٽ جي مهرباني ئي نه، پر هڪ حد تائين عوامي حمايت جي به اهميت آهي. جيتوڻيڪ آدم ڳٽپ جيان پ پ قيادت عوام سان ويساهه گهاتيءَ جا سمورا ليڪا لتاڙي سگهي ٿي، پر چولستان ۽ چوبارا واهن بابت سنڌ ۾ عوامي جاڳرتا ۽ رِدعمل تمام سخت آهن.

ان سڄي پسمنظر کي اڳيان رکڻ سان هڪ ڳالهه چِٽي نظر اچي ٿي ته سنڌ جي پاڻي ۽ زمين کي بچائڻ جو اصل طريقو لڳاتار پرامن عوامي جدوجهد آهي. ان جدوجهد کي مستقل مزاجيءَ سان هلائڻ ۽ ان کي هٿرادو طور تشدد پکيڙيندڙ ڪنهن گروهه جو ڪاج بڻجڻ کان بچائڻ ضروري آهي. سُٺي ڳالهه اِها آهي ته سنڌ جون قومپرست پارٽيون الڳ الڳ جدوجهد ڪرڻ جي باوجود هن معاملي کي مٿين سطح تي اُڀارڻ ۾ هينئر تائين ڪامياب ضرور ويون آهن. عوامي جدوجهد جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جدوجهد جي ڪري ئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجي اهم سربراهه جي لائين جي اُبتڙ هن رٿا جي مخالفت ڪرڻي پئجي رهي آهي. اسٽيبلشمينٽ جون ڪجهه حامي پارٽيون به هن معاملي تي حڪومت

خلاف ڳالهائي رهيون آهن. ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۽ گڏيل پارليامينٽ ۾ به عوامي جدوجهد جو دٻاءُ ئي ڪجهه هاڪاري نتيجا ڏئي سگهندو. ان ڪري تمام ضروري آهي ته سنڌ جون سياسي ڌريون، سول سوسائٽي ۽ سنڌي ميڊيا انهن رٿائن بابت لڳاتار عمل جي ميدان ۾ متحرڪ رهن ته جيئن فيصلا ڪندڙ فورم سنڌ واسين جي سياسي دٻاءُ اڳيان گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿين. ڪالاباغ ڊئم وانگر هي معاملو به ڏکي ۽ گڏيل جدوجهد جو گهرجائو آهي.



# اڳتي ڇا ڪرڻو آهي

ڪجهه ڏينهن اڳ، جڏهن سنڌ جي هڪ عالمي معيار جي قومي شاعر آڪاش انصاريءَ جو بيدرد وڇوڙو ٿيو، پوري سنڌ هڪ عجيب صدمي ۾ هئي. ان ڏينهن به سنڌ پاڻي، سنڌو ۽ اُن تي ٿيندڙ تاريخي ڌاڙي جي تسلسل کي للڪاري رهي هئي. سکر کان لاڙڪاڻو، اتان دادو، سيوهڻ، سن، تان جو ڪوٽڙيءَ تائين ڏيڍ ڏينهن جي ڪيل سفر ۾ ڪئي احتجاجي جلسا ۽ پروگرام اکين آڏو ٿيندي ڏٺا. ان ئي ڏينهن وري سنڌوءَ جي ڪاٻي پاسي پڻ ڪئي شهرن ۽ واهڻن ۾ سنڌ جي پاڻيءَ لاءِ، پاڪستان جي آئين ۽ قانون مطابق، پُرزور مطالبا هئا. حقيقت ۾ اِهي مطالبا هڪ جمهوري، پائيداري ۽ انصاف تي ايمان رکندڙ ۽ ان کي آئيني ضمانت ڏيندڙ پاڪستان لاءِ آهن. جيڪڏهن ڪو اُن کي چڱي ريت بغض جي عينڪ هٽائي ڏسندو ته اِهي خوشحال پاڪستان جي لاءِ مطالبا آهن. حقيقت ۾ اِهي احتجاج پنجاب جي آباد ٿيل زمينن کي آباد رهڻ ڏيڻ، سنڌ جي وڌيڪ زمينن کي غيرآباد ٿيڻ نه ڏيڻ، وسيب جي چولستان جي ٻن لکن کان وڌيڪ انسانن (جيڪي ڪئي نسلن کان اتي آباد هئا) پنهنجن پُرکن جي زمين تي رهڻ ڏيڻ لاءِ آهن. ان سان گڏ اِها پڻ پڪ ڪرڻي آهي ته بلوچستان کي پنهنجي حق جو پاڻي ملندو رهي، ڇو جو سِنڌ جو پاڻي کُٽڻ سان بلوچستان جو پاڻي پاڻمرادو ئي کُٽي پوندو! سو سمجهڻ گهرجي ته هي تحرڪ، پاڪستان جي حقن جي بچائڻ جي لاءِ ئي آهي.

اچو ته سياسي، سماجي ۽ ادارتي عملن تي ٿورو ويچار ڪريون، جيڪي اڳتي پنڌ لاءِ جاري رکڻا آهن. اِهو سڀ ڪجهه آئيني، قانوني ۽ ڏنل حقن جي حدن جي اندر ئي ٿي رهيو آهي ۽ ان سان پاڪستان جي غريب عوام ۽ صوبن پاڻيءَ جي حقن کي محفوظ ڪرڻو آهي.

**سياسي ۽ سماجي قدم:**

1. چولستان ۽ گريٽر ٿل ڪئنال فيز/ مرحلو ’2‘چوٻارا تي سنڌ اسيمبلي مان قراردادون اچڻ گهرجن ساڳي نموني ڪي پي ۽ بلوچستان حڪومتن سان رابطاڪاري ڪري اهڙيون قراردادون آنديون وڃن.

2. سي سي آءِ جي اجلاسن کي ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي سياسي حڪومت ۽ مرڪزي حڪومت کي ٽُلهِ ڏيندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي ان لاءِ اڳرائي ڪري. اِهو ئي آئيني گهاڙيٽو آهي.

3. سياسي طور تي ڪوشش ڪجي تہ اقتصادي ماهرن کان، (عالمي سطح جا) چولستان جي پراجيڪٽ جي اقتصادي طور تي عمل ۾ آڻڻ جهڙو هجڻ (اقتصادي عملداري) بابت تحقيق ڪرائجي. ان جي ماحولياتي اثرن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي. ان تحقيق ۽ تجزيي ۾ اِهو پڻ شامل هجڻ گهرجي تہ اُن جي نتيجي ۾ ڪٿي ڪٿي ۽ ڪيئن زمينن تي اثر ٿيندو. خاص ڪري سنڌ، پنجاب۽ بلوچستان تي ڪيترا اقتصادي، سماجي ۽ ماحولياتي اثر پوندا.

اڳ ۾ ئي پاڪستان جا پنهنجا سرڪاري دستاويز ۽ عالمي ادارن (عالمي بئنڪ سميت) جون تحقيقون ٻڌائين پيون تہ پاڻيءَ جي اڻاٺ ۽ ڊيلٽا جي ڊيگريڊيشن/ ابتريءَ جي ڪري پاڪستان 550 اربن جو ساليانو نقصان برداشت ڪري پيو. ان ڪانپوءِ پاڪستان جي پوري سامونڊي پٽيءَ کي ڊيلٽا جي پاڻي نہ موڪلڻ جي ڪري موسمي ڦيرگهير جا شديد ترين اثر پوندا.

4. پاڻيءَ جي طرز حڪمراني بهتر ڪرڻ مڪمل طرح سياسي عمل آهي. ان ڪري ان کي مرڪز ۽ صوبن ۾ بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ۾ سڀ کان اهم شيءِ مرڪز ۽ صوبن طرفان صحيح انگ اکر استعمال ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. حڪومت جي ادارن طرفان موڙيل ۽ هيٺ مٿي ڪيل انگ اکرن جي نتيجي ۾ وڏا وڏا پراجيڪٽ جوڙيا ٿا وڃن. ان ڪانپوءِ جڏهن اڏاوتي مرحلو پورو ٿئي ٿو تہ اُهي انگ اکر يا مقصد اُبتا ٿي ٿا پون. مثال طور



رائيٽ بئنڪ آؤٽ فال ڊرين سرشتو جنهن کي عام لفظن ۾ آر بي او ڊي چئجي ٿو. تنهن جي فيز پهرئين (۽ پوءِ ان ۾ ٿيون) نهڻ جي نتيجي ۾ منڇر ڍنڍ گدلاڻ سان ڀرجي وئي ۽ هڪ وڏو ايڪو سسٽم خراب ٿيو. ساڳئي نموني ايل بي او ڊي جيتوڻيڪ مٿين ضلعن، شهيد بينظير آباد، ڪجهہ ميرپورخاص، ڪجهہ سانگهڙ ۽ ڪجهہ علائقن کي فائدو تہ ڏنو (جيڪو سِم ۽ ڪلر گهٽ ڪرڻ وارو هو) پر مينهن جي ڪري ٻوڏ جي شدت ۾ اضافو ٿيو. ان جا اثر 2003، 7_2006، 2011، 2020 ۽ 2022 جي مينهن واري ٻوڏن ۾ ڏسي چُڪا آهيون! اِهي ٻيئي منصوبا واپڊا طرفان جوڙيل هئا. ان ڪري هاڻ وڏن پراجيڪٽن ۾ واپڊا جي ڪردار کي 18 آئيني ترميم ڪانپوءِ آئيني، قانوني ۽ ماحولياتي طور ڏسڻ جي ضرورت آهي.

ان جو ٻيو پاسو صوبائي طرز حڪمراني ۾ ڪمزوري پڻ آهي. ان جو اظهار RBOD2 جي اڏاوتي پيرن مان ظاهر آهي. ان سان گڏ ڪافي ٻيا عمل پڻ آهن، جن تي صوبائي سطح تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان پنهنجي صوبائي طرز حڪمراني بهتر نہ ڪنداسين تہ ڪيئن چولستان ۽ اهڙين ٻين ارهہ زوراين خلاف پنهنجو ڪيس مضبوط ڪنداسين!

5. سياسي طور تي سنڌ جي حڪومتي، مخالف ڌر ۽ سڀني سياسي ۽ سماجي پارٽين کي گڏ ڪري هڪ آواز ۾ چِٽو موقف وٺڻ جي ضرورت آهي.

**ادارتي قدم:**

1. هي سمورو معاملو 1991ع جي پاڻيءَ جي اڪارڊ مطابق مليل پاڻيءَ جي حقن بابت آهي، جنهن ۾ آبپاشي کاتي جو ڪردار انتهائي اهم آهي. ان ڪانپوءِ ماحول ڪلائميٽ چينج ۽ ساموندي پٽيءَ جي ترقي واري کاتي جو نمبر اچي ٿو. ان ۾ زراعت کاتو، جيڪو وڏي ۾ وڏي پاڻيءَ جي وصولي (اڻ سڌي طرح) ڪندڙ آهي. اهو جڻ ان مامري ۾ بي خبر آهي! اچو تہ ان پوري ڳالهہ کي ٿورو وڏيڪ ويچاري کول ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

آبپاشي کاتو: پاڪستان نهڻ کان اڳ ۽ هيل تائين پوءِ سنڌ پنجاب 1945ع وارو معاهدو هجي، مختلف ڪميشنون هجن، اي اين جي عباسي

صاحب جي رپورٽ هجي، يا اڄ تائين ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻيءَ جي ترسيل، سي سي آءِ لاءِ ڪيسن جي تياري، چولستان، گريٽر ٿل ڪئنال، جلال پور ۽ ٻين اسڪيمن تي ادارتي احتجاج انگن اکرن سان هجي، آبپاشي جي کاتي ۽ ان سان لاڳاپيل يا اڻ لاڳاپيل پاڻي جي ماهرن سنڌ جو ڪيس جانفشاني سان پيش ڪيو آهي. پر ساڳي وقت ڪئي مرحلن تي خاموشيون، وقت سان گڏ مهارت جي گهٽتائي ۽ ادارتي سطح تي لاڳاپيل ريجن، سرڪل، ڊويزنن کي فعال نہ ڪرڻ جهڙا عمل پڻ ڏهاڪن کان نظر اچن ٿا. سمجهڻ کپي سڀ کان اهم ڪردار صحيح پاڻي جي وهڪري جون ماپون وٺڻ ۽ ان بابت صحيح انگ اکر پيش ڪري ڪيس ٺاهڻ جو آهي. ڪمزور انگ اکرن تي ڪيس ڪمزور ٿين ٿا.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي سنڌ ۽ پنجاب صوبن جي وچ ۾ آبپاشي کاتن ۾ هڪٻئي جي صوبن جي اندر پاڻي جي ماپن کي چيڪ ڪرڻ لاءِ آفيسون جوڙيل هُيون ۽ آفيسر مقرر ٿيندا هئا. سنڌ طرفان ڊسچارج آبزرويشن سيل/ ڊي او سي جُڙيل آهي، جنهن ۾ هڪ انجنيئر جي آفيس ۽ چار ايس ڊي اوز جون آفيسون آهن. جيڪي ڪالاباغ، چشما، تونسا ۽ پنجند واري هنڌن/بئراجن لاءِ آهن. هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي. اُتي هڪ آفيس ۽ رهائش گاهہ جُڙيل آهن. ان پوري آفيسن جي نظام کي اڄ جي ضرورتن مطابق انساني سرمايي، سکيا، بجيٽ، صلاحيت، ذميداري ۽ سهولتن جي عنصرن سان ڏسڻ ۽ عملي سرشتي کي سوچ ويچار ۽ رٿابنديءَ جي نتيجي ۾ بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. ”ڏکئي هنڌ تي ڪم ڪرڻ“ جي واڌاري پگهار ، اُتي پهچڻ جي سهولتن، رهائش ۽ ڪجهہ ٻين الائونسز سان پروفيشنل اسٽاف ۾ اُتساهہ پيدا ڪري سگهجي ٿو.

2. هڪ برجستي ماپن جي نظام ڪانسواءِ نہ پنهنجي ورڇ صحيح ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ ئي وري ارسا ۽ پنجاب کان پنهنجي پاڻيءَ جي رستي، مقدار ۽ پنڌ جي پلي ريت پُڇا ڪري سگهجي ٿي. سنڌ ۾ ڪجهہ ڏهاڪا اڳي دريائي ماپن کان وٺي واٽر ڪورس جي ماپن جو هڪ فعال نظام



هوندو هو. داروغي کان وٺي ايس ڊي او تائين هڪ بهتر تربيت ’نوڪري ڪندي‘ ئي ٿي ويندي هئي. جيتوڻيڪ ماپن جي سائنس ترقي ڪئي آهي، پر اسان جي صلاحيت پوئتي ٿي آهي. ان ڪري اُن پوري نظام کي مڪمل طرح فعال ڪرڻ جي ضرورت آهي. پنجاب جي آبپاشي کاتي جي ماپن جي بابت ٺهيل ڊائريڪٽوريٽ جي ماڊل کي بہ ڏسي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ ان کان بهتر سرشتو قائم ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ موجوده سيڪريٽري ظريف اقبال کيڙو ۽ وزير آبپاشي ڄام خان شورو ان مسئلي کي چڱي ريت سمجهن ٿا. اها ڪيل بهتري اسان کي پنهنجي ڪيس کي مضبوط ڪرڻ ۾ ڪم ايندي ۽ سائنسي، حقيقي ۽ زميني حالتن مطابق ٻُڌائي سگهنداسين تہ سنڌ جو پاڻي ڪٿي، ڪڏهن، ڪير، ڪيترو ۽ ڪيئن کڻي ٿو.

3. آبپاشي کاتي ۾ هڪ ٽريننگ اڪيڊمي جُڙي رهي آهي، جنهن کي ترجيحي بنيادن تي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. ادارتي سربراهي ۽ سينيئر انجنيئرنگ/انتظامي عهديدار روزانو جي ڪم ڪارن ڪڏهن ٻوڏن تہ ڪڏهن پاڻي جي اٽاث ۽ اقتدار ڏٽين جي ٻين ترجيحي ڪمن ۾ رُڌل هوندا آهن ان ڪري سکيا، علمي لاڙن، تحقيق ۽ ”ڪم ڪندي عملي سکيا“ وارا اهم ڪم پوئتي رهجي وڃن ٿا. ان لاءِ ٽريننگ/تربيتي پروگرام کي لازم ڪري، ان کي ترقي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ اهم قدم ڪري ڳڻيو وڃي. ان کي سنڌ ۽ پاڪستان ۾ پاڻيءَ سان لاڳاپيل معاهدا، قانون، پاليسيون، عالمي ادارن جا ڪوونٽ، اسان جن تي ملڪي طور تي صحيحيون ڪيون آهن، جديد آبپاشي، پاڻي جي طرز حڪمراني، موسمي ڦيرگهير، بايو ڊائورسٽي، نيچر بيسڊ سوليوشن ” ڊنڊين ڊورن جي اهميت، ٽرانس باؤنڊري، واٽر ڊپلوميسي جهڙا عنوان پڻ شامل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان تي حڪومتي/سياسي اڳواڻي طرفان تڪڙا قدم کڻڻ اٽٽر آهن. هي تربيتي/عملي ڪم ئي چولستان، گريٽر ٿل ڪئنال، جلال پور يا ڪالاباغ ڊئم خلاف سنڌ جي سماجي ۽ سياسي تحرڪ سان گڏ هڪ سائنسي، انجنيئرنگ ۽ تحقيقي پروفيشنل پيدا ڪندا.

4. سنڌ جي اهم پاڻيءَ جي مسئلن تي اعليٰ تعليمي ادارا، يونيورسٽيون تحقيقي ڪم اڄان تائين گهٽ ڪري رهيون آهن. ڪافي محقق آهن، جيڪي پنهنجي ذاتي جُستجو، شوق ۽ فرض جي ڪري اُنهن مسئلن مان ڪجهه تي تحقيقي ڪم ڪن ٿا. اِهو ڪم يونيورسٽين جي تحقيقي استادن ڪي ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيئن دنيا ۾ ڏگهن تحقيقي آرٽيڪلن کي محقق مختصر عام فهم ننڍن مضمونن ۽ بلاگن ۾ تبديل ڪري آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي ۾ ڏڪشن ۾ ماڻهن تائين پهچائين ٿا. تحقيق جو بنياد سچ جي تلاش هوندو آهي، اُها ڪنهن حڪومت يا ڪنهن پروگرام/پراجيڪٽ جي نہ خلاف هوندي آهي ۽ نہ ئي موافقت ۾. ان ڪري تحقيق جي نتيجي ۾ عام ماڻهن جا مونجهارا گهٽجي سگهن ٿا ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي ڪيس کي ثابتين وارا وڏيڪ چِٽا سائنسي بنياد ملي سگهن ٿا.



# ضميمو پهريون

## INTER-DOMINION AGREEMENT, BETWEEN THE GOVERNMENT OF INDIA AND THE GOVERNMENT OF PAKISTAN, ON THE CANAL WATER DISPUTE BETWEEN EAST AND WEST PUNJAB

1. A dispute has arisen between the East and West Punjab Governments regarding the supply by East Punjab of water to the Central Bari Doab and the Depalpur canals in West Punjab. The contention of the East Punjab Government is that under the Punjab Partition (Apportionment of Assets and Liabilities) Order, 1947, and the Arbitral Award the proprietary rights in the waters of the rivers in East Punjab vest wholly in the East Punjab Government and the West Punjab Government cannot claim any share of these waters as a right. The West Punjab Government disputes this contention, its view being that the point has conclusively been decided in its favour by implication by the Arbitral Award and that in accordance with international law and equity, West Punjab has a right to the waters of the East Punjab rivers.
2. The East Punjab Government has revived the flow of water into these canals on certain conditions of which two are disputed by West Punjab. One, which arises out of the contention in paragraph 1, is the right to the levy of seigniorage charges for water and the other is the question of the capital cost of the Madhopur Head Works and carrier channels to be taken into account.
3. The East and West Punjab Governments are anxious that this question should be settled in a spirit of goodwill and friendship. Without prejudice to its legal rights in the matter the East Punjab Government has assured the West Punjab Government that it has no intention suddenly to withhold water from West Punjab

without giving it time to tap alternative sources. The West Punjab Government on its part recognise the natural anxiety of the East Punjab Government to discharge the obligations to develop areas where water is scarce and which were underdeveloped in relation to parts of West Punjab.

4. Apart, therefore, from the question of law involved, the Governments are anxious to approach the problem in a practical spirit on the basis of the East Punjab Government progressively diminishing its supply to these canals in order to give reasonable time to enable the West Punjab Government to-tap alternative sources.
5. The West Punjab Government has agreed to deposit immediately in the Reserve Bank such ad hoc sum as may be specified by the Prime Minister of India. Out of this sum, that Government agrees to the immediate transfer to East Punjab Government of sum6 over which there is no dispute.
6. After an examination by each party of the legal issues, of the method of estimating the cost of water to be supplied by the East Punjab Government and of the technical survey of water resources and the means of using them for supply to these canals, the two Governments agree that further meetings between their representative6 should take place.
7. The Dominion Governments of India and Pakistan accept the above terms and express the hope that a friendly solution will be reached.

(Signed)

**JAWAHARLAL NEHRU, SWARAN SINGH, N.V. GADGIL, GHULAM MOHD, SHAUKAT HYAT KHAN, MUMTAZ DAULTANA**

New Delhi, May 4, 1948



## ضمیموپیو

**From:**
**The Secretary to the Governor of Sind**
**To:**
**The Secretary to the Governor-General (Public), New Delhi**
Subject: *Sind Punjab Indus Dispute*
**Ref:** This office letter No. 3183-I of 10th and 19th October, 1942 and of 21st January, 1944.

---

Sir,

1. I am directed to request that the orders of His Majesty in Council may be obtained in this dispute, and that until they are passed, the Punjab should be stopped from proceeding in any way with any of the schemes referred to in Sind's complaints, which became the subject-matter of the Report of the Indus Commission (the Rau Commission).
2. The negotiations which have been proceeding between the two Governments arose out of the Commission's suggestion that mutual agreement would be the best solution to the dispute. In April 1943 discussions were started between Mr. Hawes (Chief Engineer, Sind) and Mr. Montague (Chief Engineer, Punjab). After protracted discussions and compromises from both sides on important points, an unofficial agreement on the technical issues was reached after eighteen months between Mr. Grant (Sind) and Rai Bahadur Khosla (Punjab). However, on further examination, the other Chief Engineers in the Punjab were not satisfied on certain points.
3. Further discussions ensued between Mr. Grant and Messrs. Haigh and Protheroe (Punjab), when after more give and take a "draft agreement" (Annexure II)

was signed by both sides on the 28th September 1945, and this agreement was subsequently officially ratified by the Punjab in their letter of the 13th October 1945 (Annexure II) subject to a satisfactory solution of the financial issue; the letter includes certain terms on which they were prepared to agree on this latter point.

4. As a result of this agreement, the Punjab asked for a postponement of the reference to His Majesty in Council by six months to enable the financial agreement to be reached. In reply by the Secretary to the Governor-General (Public)'s D. O. No. 204/41-G.G.-(A.) of October 1945, His Excellency the Viceroy refused the deferment as this would delay construction work in both Provinces, and suggested that a clause be inserted providing for arbitration on the financial issue. Sind agreed entirely with this standpoint, by the Secretary to Governor's D. O. No. 1001 of the 7th November.

5. With regard to the financial issue, it is first of importance to notice that Clauses 15 and 18 of the "draft agreement" provide for no change in the allocation of water even in case there was no agreement on the financial issue, and the matter had to be arbitrated.

6. Correspondence ensued on this issue between Mr. Halford (Finance Secretary, Sind) and Mr. Roy (Chief Engineer, Punjab), copies of which are attached (Annexures III to X), whose tenor on Sind's side will be seen to be merely clarification, some minor modifications and a readiness to depart from the "traditional" test of productivity in the interests of reaching an agreed solution; but it will be seen that from the outset, the Punjab was concerned to change the "draft agreement" on the allocation of water, and



was hardly interested in discussing the financial issue at all.

7. Finally, a conference was arranged at Simla in the attempt to settle the matter, when the same attitudes were more marked. Throughout it was Sind's attempt to arrive at a decision on the financial issues involved, and it was the Punjab's stand that they were not prepared to discuss these issues unless Sind would first agree to a modification of the allocation of water. Copies of the record of this conference are attached (Annexures XI to XIV), which were agreed to be treated as aides memoires and binding on either side. From these copies it will be seen that all attempts on the part of Sind to settle the issues for which the conference was called proved abortive, and even when they were discussed on one of the days, the Punjab refused to make any comment at all—what even on quite simple points of financial procedure and principle.

8. The conference having thus failed to arrive at a decision, the Punjab promised to send a further letter on the matter, which it took them four months to do. This letter (Annexure XV) conveyed the same arguments as before, which, as the foregoing history shows, were evidently entirely unacceptable to Sind. In reply therefore Sind informed the Punjab (Annexure XVI) that the letter was entirely unsatisfactory—the technical reasons for refusing the changes put forward by the Punjab are attached (Annexure XVII)—and presumed that the status quo would be maintained until the orders of His Majesty in Council were received. It seems evident to Sind that it is inequitable in the extreme for the Upper Province to be allowed to prejudice the issue by even starting works which would affect the distribution of

the available water, and then urge that they cannot stop them as they have already been started.

9. In reply the Punjab stated (Annexure XVIII) that the matter should be referred to His Majesty in Council, as would have occurred in the first place had the Provinces not attempted to carry out the natural course of trying to reach an agreement as proposed by the Rau Commission. This was to be expected; but it was not to be expected that at the same time the Punjab would refuse to suspend operations on the Bhakra Dam and also threaten Sind with the consequences if we carried out some of our works. As for the first point, the facts are that a complaint had been made by Sind with regard to these works (including the Bhakra Dam), and Sind had successfully urged before the Rau Commission that a recommendation be made to His Majesty in Council calling on the Punjab to suspend operations; in fact such a recommendation was made, but with a time limit of 3 years, which expired in October 1945; the time limit was imposed as apparently it was the Commission's view that the dispute should be settled within it, which for no fault of Sind's has not proved to be the case. Independently of the merits of the remainder of the case, Sind must urge that an injunction should be passed on the Punjab without delay until final orders are issued. With regard to the second point, certain works in Sind, the facts are even simpler. The Punjab presume that Sind will accept the consequences of proceeding with them, as they propose to complain to the Governor-General. The short answer to this threat is that when an official communication is addressed to Sind by the Governor-General a complete reply will be sent, and Sind is quite prepared to abide by any consequences which may ensue from the normal procedure to be followed



in such matters as laid down in the Government of India Act.

10. To recapitulate, it is Sind's view that the Punjab should not be permitted to resile from the "draft agreement" since by no stretch of imagination can the correspondence and discussions on the financial issue be construed into a breakdown of negotiations. It is understood that the Punjab relies on the legal point that if an offer is not accepted as it stands, it can be impugned in toto, and that consequently she is at liberty to withdraw not only from the financial part of the offer, but from the water allocation part also. Sind feels that negotiations between Governments on matters as complicated as this one can scarcely proceed in this sort of way.

11. The matter may accordingly be referred to His Majesty in Council without further delay—and Sind desires to place on record that a study of the correspondence will show that she is not to blame for the inordinate time that has elapsed. Sind further seeks strong support to her request which the foregoing shows to be justified, for an immediate injunction restraining the Punjab from any action which may prejudice the proper settlement of the whole field of the dispute, including in particular operations to implement any of the schemes complained of, and as a special case, the Bhakra Dam and the Nangal weir project which is an integral part of the Bhakra Dam.

12. One final point remains. Sind recognises that the orders of His Majesty in Council can only relate to the corpus of her complaint, and must be related to the recommendations of the Rau Commission. But Sind is still of the view that the best method of settlement would be by mutual agreement—agreement which was so nearly reached, as the

financial principles involved are not such as would take more than a few days to determine. As a last attempt at a final closure of this dispute—and orders by His Majesty in Council on the Rau Commission will leave a very substantial part of the matter unsettled, to be the subject of future complaints and future Commissions, which will continue to cause much avoidable work to the officers of both Provinces—and if it is not yet too late for such action, Sind would welcome a decision to refer the matter back to the two Provinces for settlement on the basis of the “draft agreement” on the water clauses, and for the financial issue to be settled by a commission of arbitration over the whole financial field. In other words Sind would not seek to limit the terms of reference to such a tribunal by any of the safeguards which she has so far regarded as necessary.

**I have the honour to be**
Sir,
**Your most obedient servant,**
**S. H. RAZA**
Secretary to the Governor of Sind.

**Date:**, 1947
**Annexures I to XVIII**



# مددي مواد


1. Ahmad, M.D., Stewart, J.P., Peña-Arancibia, J.L. and Kirby, J.M., 2020. Sindh water outlook: Impacts of climate change, dam sedimentation and urban water supply on irrigated agriculture. *Sustainable Development Investment Portfolio (SDIP) project. CSIRO, Australia.*
2. Ali, I., 2014. The Punjab under imperialism, 1885-1947.
3. Basharat, M., 2019. Water management in the Indus Basin in Pakistan: challenges and opportunities. *Indus river basin,* pp.375-388.
4. Bhatti, M.N. and Farooq, M., 2018. Politics of Water Resource Development in Pre-*Partition India. Pakistan Journal of History and Culture, 39*(2), pp.23-48.
5. Briscoe, J., Qamar, U., Contijoch, M., Amir, P. and Blackmore, D., 2005. Pakistan’s water economy: Running dry. World Bank, Washington, DC, 3540(1), p.7908183.
6. Clift, P.D., 2002. A brief history of the Indus River.
7. Condon, M., Kriens, D., Lohani, A. and Sattar, E., 2014. Challenge and response in the Indus Basin. *Water Policy, 16*(S1), pp.58-86.
8. D’Souza, R., 2006. Water in British India: the making of a ‘colonial hydrology’. *History Compass, 4*(4), pp.621-628.
9. Gilmartin, D., 1994. Scientific empire and imperial science: colonialism and irrigation technology in the Indus basin. *The journal of Asian Studies, 53*(4), pp.1127-1149.
10. Gilmartin, D., 1994. Scientific empire and imperial science: colonialism and irrigation technology in the Indus basin. *The journal of Asian Studies, 53*(4), pp.1127-1149.
11. Gilmartin, D., 2020. *Blood and water: the Indus river basin in modern history.* University of California Press.
12. Gleick, P.H. and Lowi, M.R., 1992, September. Water and conflict. American Academy of Arts and Sciences.
13. Government of Pakistan, Ministry of Planning & Special Initiatives, ‘Working Paper for CDWP on Construction of Cholistan Canal & Systems-Phase I’ (2024)

14. Hadi, A., 2019. Dams and destruction: the case study of Indus Delta, Sindh, Pakistan. *Environmental Justice, 12*(2), pp.48-60.
15. Haines, D., 2013. *Building the Empire, Building the Nation: Development, legitimacy, and hydro-politics in Sind, 1919-1969.* Oxford University Press.
16. Indus River System Authority, Government of Pakistan, 'Apportionment of Waters of Indus River System Between the Provinces of Pakistan'
17. International Panel of Expert, 'Final Report of IOPE for Review of Studies on Water Escapages Below Kotri Barrage' (2005)
18. Irrigation Department, Government of Sindh, 'Summary for Council of Common Interests, Project for Extension of Irrigated Agriculture Smaller Cholistan by Transferring Water Through Link Canal-Water Availability Certificate' (25th November 2024)
19. Irrigation Department, Government of Sindh, 'Summary for Council of Common Interests, Greater Thal Canal (Phase-II)-Chaubara Branch Canal Construction Project and Command Area Development (CAD) Phase-II' (15th November 2024)
20. Janjua, S., Hassan, I., Muhammad, S., Ahmed, S. and Ahmed, A., 2021. Water management in Pakistan's Indus Basin: challenges and opportunities. *Water Policy*, 23(6), pp.1329-1343.
21. Khan, A.H., 2014. Water sharing dispute in Pakistan: standpoint of provinces. *Berkeley J. Soc. Sci, 4,* pp.1-17.
22. Kidwai, S., Ahmed, W., Tabrez, S.M., Zhang, J., Giosan, L., Clift, P. and Inam, A., 2019. The Indus delta—Catchment, river, coast, and people. *In Coasts and Estuaries* (pp. 213-232). Elsevier.
23. Palijo, R.B., 2011. Sindh-Punjab Water Dispute. *Center for Peace and Civil Society: Hyderabad, Pakistan.*
24. Peña-Arancibia, J.L., Yu, Y., Stewart, J.P., Podger, G.M. and Kirby, J.M., 2021. Climate change and reservoir sedimentation implications for irrigated agriculture in the Indus Basin Irrigation System in Pakistan. *Journal of Hydrology, 603,* p.126967.





25. Podger, G.M., Ahmad, M.U.D., Yu, Y., Stewart, J.P., Shah, S.M.M.A. and Khero, Z.I., 2021. Development of the Indus River system model to evaluate reservoir sedimentation impacts on water security in Pakistan. Water, 13(7), p.895.
26. Podger, G.M., Ahmad, M.U.D., Yu, Y., Stewart, J.P., Shah, S.M.M.A. and Khero, Z.I., 2021. Development of the Indus River system model to evaluate reservoir sedimentation impacts on water security in Pakistan. *Water, 13*(7), p.895.
27. Shah, T., 2011. Past, present and the future of canal irrigation in *India. India infrastructure report*, pp.70-87.
28. Sial, M.N., 2023. Water security and environmental challenges in Pakistan: An analysis of resource management and conflict resolution. FGEI International Journal of Multidisciplinary Research (FIJMR), 2(1), pp.16-25.
29. Water and Power Development Authority, 'Command Area Development-Diamer Basha Dam' (Presentation, August 24, 2023)
30. Winston, H.Y., 2013. *The Indus basin of Pakistan: The impacts of climate risks on water and agriculture.* World Bank publications.
31. Yang, Y.C.E., Brown, C., Yu, W., Wescoat Jr, J. and Ringler, C., 2014. Water governance and adaptation to climate change in the Indus River Basin. *Journal of Hydrology, 519*, pp.2527-2537.
32. Zahid Ali Khalid, 'State, Society and Environment in the Ex-State of Bahawalpur: A Case Study of the Sutlej Valley Project, 1921-1947, (University of Sussex, PhD Thesis-April 2017)
33. Zahra Akram Hashmi (Assistant Professor, Department of History, The Islamia University, Bahawalpur), 'Sutlej Valley Project of the State of Bahawalpur: Transition from Inundation Canals to Weir-based Irrigation in the Context of Imperialist Policy and Global Upshot' (Pakistan Journal of History and Culture, Vol. XLII, No. 1, 2021)

# سنڌو طاس جو نقشو




Map of the Indus Basin showing the Upper Indus Basin (UIB) and Indus Basin Irrigation System (IBIS) in Pakistan, provincial boundaries, major reservoirs, headworks (surface water offtakes), link canals and irrigation canal commands and management zones. Tarbela, Mangla, Marala, Nowshera, Balloki and Sulemanki are considered remote inflow measurement (rim) stations for IBIS.

Reference: Peña-Arancibia, J.L., Yu, Y., Stewart, J.P., Podger, G.M. and Kirby, J.M., 2021. Climate change and reservoir sedimentation implications for irrigated agriculture in the Indus Basin Irrigation System in Pakistan. *Journal of Hydrology*, *603*, p.126967.

Schematic Diagramh
**Indus Basin Irrigation System (IBIS)**




naeemdeswali

NON-FICTION

Naseer Memon / Mohammad Ehsan Leghari

ISBN: 978-627-7730-19-2

Articles
Rs. 550.00

Seven Star Printers & Publishers